ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)   اربع 23 سيپٽمبر 2026ع 10 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه   شمارو (39)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 23rd September 2026
Daily Ibrat Karachi
سال (18) اربع 23 سيپٽمبر 2026ع 10 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (361)

ايران دهشتگردي جو عالمي مرڪز هو ۽ هاڻي هو وچ اوڀر ۾ شرپسنديءَ واريون حرڪتون نہ ڪري سگهندو: آمريڪي صدر جا الزام

آمريڪا کي گهڻو طاقتور بڻايو آهي، ايران وچ اوڀر ۾ بدمعاشي ڪندو هو جيڪا هاڻ نہ ڪري سگهندو: صدر ٽرمپ

آمريڪي معيشت ترقي ڪري رهي آهي ۽ ملڪ ۾ استحڪام موجود آهي، چاڪاڻ تہ منهنجي انتظاميا قومي مفاد ۾ هر مسئلي کي ان جي بنياد کان حل ڪيو آهي

اڄ صرف اهي ئي ماڻهو آمريڪا ۾ داخل ٿي سگهن ٿا جن کي دعوت ڏني وئي هجي، ڏوهن جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي، مون ڳالهائڻ پئي چاهيو پر ايران انڪار ڪري ڇڏيو

ايران کي ڪنهن بہ صورت ۾ ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، اهو هاڻي وچ اوڀر ۾ وڌيڪ غير ذميوارانو رويو اختيار نٿو ڪري سگهي، واحد اڳواڻ آهيان جنهن دنيا کي امن ڏنو

ٻيا صرف ڳالهيون ڪن ٿا. ايران کان پوءِ ممڪن طور تي ڪيوبا جو نمبر اچڻ وارو آهي، ضرورت پئي تہ آمريڪا اولهہ واري خطي ۾ پنهنجي مفادن جي حفاظت لاءِ "بي مثال فوجي طاقت" استعمال ڪندو

ڪيوبا جي حڪومت ڏهاڪن کان آمريڪا ۾ تخريبڪار گروهن سان لاڳاپا برقرار رکيا آهن، جن ۾ ڪميونسٽ پارٽي يو ايس اي، اينٽيفا ۽ ڊيموڪريٽڪ سوشلسٽس شامل آهن

وينزويلا مان حاصل ٿيندڙ اضافي تيل کي آمريڪي ريفائنرين ۾ پروسيس ڪيو ويندو، جنهن سان آمريڪا جي توانائيءَ جي فراهمي وڌڻ ۽ ٻارڻ جي قيمتن ۾ گهٽتائي اچڻ جو امڪان آهي

نيويارڪ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي انتظاميا جي ڪاميابين جو ذڪر ڪيو ۽ چيو تہ سندس پاليسين ملڪ کي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ طاقتور بڻايو آهي. بين الاقوامي خبرن جي ادارن موجب، صدر ٽرمپ چيو تہ آمريڪي معيشت ترقي ڪري رهي آهي ۽ ملڪ ۾ استحڪام موجود بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، فتنہ الهندستان جا 6 دهشتگرد مارجي ويا، 9 گرفتار

ڳجهي اطلاع تي ساران تنگي ۾ فتنہ الهندستان جي دهشتگردن جي ٺڪاڻن تي ڪامياب آپريشن ڪيو ويو

مارجي ويل فتنہ الهندستان جي دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو بہ هٿ ڪيو ويو

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز آپريشن شعبان 2 تحت دهشتگردن خلاف موثر ۽ فيصلائتيون ڪارروايون ڪندي فتنہ الهندستان جي 6 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي بلوچستان جي علائقي ساران تنگي ۾ فتنہ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ صفائي، ڊيموبيڪيشن، رانڊين ۽ ترقياتي منصوبا جاري آهن: مرتضيٰ وهاب

موسم جي تبديلي کي نظر ۾ رکندي شهرين جي تحفظ لاءِ فوري قدم کنيا ويا آهن: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪفايت شعاري مهم: ريلوي وزارت ۾ فيول ڪوٽا ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، هائوس پرڏيهي دورن تي پابندي

وفاقي وزير ريلوي ۾ مالي نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ ۽ غير ضروري خرچن ۾ فوري گهٽتائي لاءِ اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيا

پاڪستان ريلوي ۾ 31 ڊسمبر 2026ع تائين هائوس بلڊنگ ايڊوانس قرض جاري ڪرڻ کي مڪمل طور تي معطل ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي ڪفايت شعاري قدمن تحت ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي پاڪستان ريلوي ۾ مالي نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ ۽ غير ضروري خرچن ۾ فوري گهٽتائي لاءِ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ شريڪ آهي

اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽي جو اجلاس، اخبارن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ ادائگين ۾ دير تي سخت ڳڻتي

اجلاس ۾ اشتهارن جون رهيل ادائگيون فوري طور جاري ڪرڻ ۽ پرنٽ ميڊيا لاءِ اشتهارن جو حجم وڌائڻ جو مطالبو

نان بجيٽ اشتهارن جي ادائگي وارو نئون نظام رد، اڳوڻو ماهوار ادائگي وارو نظام بحال ڪرڻ تي زور

واجبات جي ادائگي ۾ دير سبب پرنٽ ميڊيا سخت بحران جو شڪار آهي: اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) جي سنڌ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين جاويد مهر شمسي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ميمبرن پي آءِ ڊي طرفان سنڌ جي اخبارن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ ادائگين ۾ دير تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو جنهن سبب اخبارون بقا جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيون آهن. ميمبرن مطالبو ڪيو تہ پي آءِ ڊي طرفان جاري ڪيل اشتهارن جون ادائگيون جلد کان جلد يقيني بڻايون وڃن. اجلاس ۾ ميمبرن اخبارن جي پراڻن مسئلن بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿياربندن مسجد جي پيش امام کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

تيسر ٽائون ۾ فيضاني يوسف مسجد جي پيش امام منير احمد کي گهر اندر قتل ڪيو ويو

اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو عملو پهتو، مقتول جو لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سرجاني ٽائون ٿاڻي جي حد سرجاني جي علائقي تيسر ٽائون سيڪٽر 36 ۾ هڪ مقامي فيضاني يوسف مسجد جي پيش امام 40 کان 45 سالن جي منير احمد پٽ بشير احمد کي گهر اندر گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جاچ لاءِ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهہ هفتيوار صفائي مهم جو افتتاح ڪندي

حڪومت آمريڪي دٻاءُ رد ڪري سستي توانائي لاءِ عملي قدم کڻي: مجلس وحدت

عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ روس ۽ ايران کان سستو تيل ۽ گئس درآمد ڪئي وڃي: ڪاظم عباس

پاڪ ايران گئس پائيپ لائين منصوبو بحال ڪري ايران سان سرحدي واپاري رستا کوليا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مجلس وحدت مسلمين پاڪستان ڪراچي ڊويزن جي صدر حافظ ڪاظم عباس چيو آهي تہ پيٽرول ۽ گئس جي قيمتن ۾ انتهائي واڌ ۽ مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل عوام کي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف واقعن سبب 4 ڄڻا فوت، پوليس مقابلن ۾ 5 جوابدار گرفتار

نارٿ ڪراچي ۽ گلشن اقبال ۾ پوليس مقابلن دوران زخمي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

مختلف علائقن ۾ پيش آيل واقعن دوران 4 ڄڻا فوت ۽ 4 زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروايون، مقابلن ۽ ڌوهاري واقعن دوران 4 ڄڻا فوت، 4 زخمي ۽ 5 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جڏهن تہ چوري ٿيل گاڏيون پڻ هٿ ڪيون ويون بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي واسين کي پاڻي، صحت، تعليم ۽ بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن: سردار عبدالرحيم

ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ، پراڻو نيڪال نظام، ڪچري جا ڍير لڳل آهن

سرڪاري اسپتالن ۽ ڊسپينسرين ۾ سهولتن جي کوٽ سان گڏ اسڪولن جي حالت خراب آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي تہ ڪراچي جي عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل لاءِ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل هر بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق مالديپ جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله جو استقبال ڪندي

ناڻي وزير جو ڪوپ 31 ايڪشن ايجنڊا لاءِ پاڪستان جي مڪمل حمايت جو اعلان

بنيادي چئلينج موسمياتي منصوبن جي جوڙجڪ ناهن پر ان تي موثر عملدرآمد آهي: سينيٽر محمد اورنگزيب

ايجنڊا پاڪستان جي قومي موسمياتي ترجيحن ۽ قومي سطح تي تعين ڪيل شراڪت اين ڊي سي ٽري سان هم آهنگ آهي

موسمياتي تبديلين کان محفوظ شهر، موسمياتي تعليم ۽ عوامي آگاهي، غذائي تحفظ ۽ موسمياتي لحاظ کان مضبوط زراعت کي ترجيح قرار ڏنو ويو

نيويارڪ (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ڪوپ 31 ايڪشن ايجنڊا لاءِ پاڪستان جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ بنيادي چئلينج موسمياتي منصوبن جي جوڙجڪ ناهن پر ان تي موثر عملدرآمد آهي. ناڻي واري وزير انهن خيالن جو اظهار بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيئرمين سينيٽ سيد يوسف رضا گيلاني ڪانووڪيشن ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪ روس گڏيل مشقون دروزبا 9- ۽ پاڪ عمان مشقون ۽ شق الجبل 2- شروع

پاڪ روس مشقون چراٽ ۽ پاڪ عمان گڏيل مشقون اين سي ٽي پي ۾ شروع ٿيون

گڏيل مشقن سان دوست ملڪن سان پاڪستان جي ٻطرفي دفاعي لاڳاپن کي نئين سگهہ ملندي: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ٽائين گڏيل فوجي مشقون دروزبا 9 ۽ پاڪستان ۽ عمان وچ ۾ ٻين گڏيل مشقن بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سان فرانس جي دفاع بابت سيڪريٽري جنرل جي ملاقات

جي ايچ ڪيو ۾ ملاقات دوران دفاعي تعاون کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

راولپنڊي (اي پي پي) فرانس جي دفاع ۽ سلامتي بابت سيڪريٽري جنرل نڪولس روچي پاڪستان ۾ مقرر فرانسيسي سفير ژان نول پوئري سان گڏجي جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايچ ڪيو) راولپنڊي جو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف جنگ جاري رهندي: صدر آصف زرداري

بلوچستان ۾ 6 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

دهشتگردن جا سهولتڪار پاڪستان جو امن خراب ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ساران تنگي بلوچستان ۾ فتنہ الهندستان جي 6 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ايوان صدر جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ صفائي مهم جو افتتاح، ملازمن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: ناصر شاهہ

سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ نظام ڪانهيءَ صفائي جي صورتحال ۾ بهتري آئي آهي

صفائي ڪندڙ ملازمن کي سرڪار پاران مقرر ڪيل اجرت مطابق پگهارون ڏنيون وڃن: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهہ ضلعي سينٽرل ۾ هفتيوار صفائي مهم جو افتتاح بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي پاران وزيراعظم جي ڏيهہ واپسيءَ تائين احتجاج ملتوي ڪرڻ جو اعلان

حافظ نعيم الرحمان وزيراعظم شهباز شريف جي ڏيهہ واپسي تائين اسلام آباد لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو

جماعت اسلامي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ ليوي خلاف احتجاج ۽ لانگ مارچ تان پوئتي نہ هٽندي: حافظ نعيم الرحمان

حڪومت کي پيٽرول جا اگهہ گهٽائڻ لاءِ مختلف تجويزون ڏنيون، پر حڪومت موقف اختيار ڪيو تہ ملڪ آءِ ايم ايف پروگرام ۾ آهي

جيڪڏهن حڪومت پيٽروليم شين تي لاڳو ناجائز ٽيڪس ختم ڪري ڇڏي تہ جماعت اسلامي اڄ ئي پنهنجو ڌرڻو ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهي

ملتان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان وزيراعظم شهباز شريف جي ڏيهہ واپسي تائين اسلام آباد لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو اعلان بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ پاران سرٽيفڪيٽ ڏيڻ بعد پوليس آفيسرن سان گروپ فوٽو

ڪراچي اين آءِ سي وي ڊي ۾ معصوم ٻارڙي جي دل ۾ لڳل گولي ڪڍي وئي

خضدار سان تعلق رکندڙ ٻار دل ۾ گولي لڳل هئي، گهٽيءَ جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو

پروفيسر سهيل خان بنگش جي سربراهيءَ ۾ ماهر ٽيم پيچيدہ سرجري ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان سان تعلق رکندڙ 12 سالن جو هڪ ٻار جنهن جي دل ۾ گولي لڳي هئي، صحتياب ٿيڻ بعد نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيزز (NICVD) مان گهر روانو ٿي ويو آهي. خضدار سان تعلق رکندڙ ان ٻار کي انتهائي گهٽيءَ واري حالت ۾ NICVD آندو ويو هو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ تي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مڃتا

ويسٽ زون ۽ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ جي پوليس ٽيمن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا

فرض شناسي، پيشہ ورانہ صلاحيت ۽ ڏوهن خلاف وڙهڻ جي پختي عزم جي ساراهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شاندار ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ويسٽ زون ۽ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (SIU) جي پوليس ٽيمن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا. ڪراچي ۾ سينٽرل پوليس آفيس ۾ سنڌ جي آءِ جي جاويد عالم اوڍو- ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان گڏ- بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پ پ اڳواڻ نثار کهڙي جي سالي جو ٽيجهو، اهم شخصيتن جي شرڪت

کهڙو هائوس گزري ۾ مرحوم عمر انصاري عرف بوبي جي ٽيجهي ۽ دعا جي رسم ادا ڪئي وئي

صوبائي وزيرن، سينيٽرن، ايم اين ايز، ايم پي ايز ۽ پارٽي عهديدارن سميت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو جي برادرِ نسبتي (سالي) ۽ ايم پي اي ندا کهڙو جي ماسي عمر انصاري عرف بوبي مرحوم جي ٽيجهي ۽ دعا جي رسم اڳاري ڏينهن منجهند کان مغرب تائين کهڙو هائوس گزري ۾ ادا ڪئي وئي. ٽيجهي ۽ دعا جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت، ڊرائيور فرار ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماڙيپور روڊ ٽرڪ ٽرمينل ويجهو ٽريلر جي ٽڪر لڳڻ سبب موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو. حادثي جو ذميوار ٽريلر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. تفصيل موجب واقعو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز ڌار اوزار جي وار سان شخص فوت، پوليس پاران خودڪشي جو شڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ڪراچي جي سيڪٽر 5-سي/1 ۾ ڳ تيز ڌار اوزار جي وار سان هڪ شخص فوت ٿي ويو. پوليس موجب فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 45 بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هفتو اڳ ڦورن جي فائرنگ سبب زخمي ٿيل شهري علاج دوران فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي نارٿ ڪراچي واري علائقي ۾ هڪ هفتو اڳ ڦورن جي فائرنگ سبب سخت زخمي ٿيندڙ شهري علاج دوران فوت ٿي ويو آهي. ايس بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

برطانيہ پاران سعودي عرب کي حوثين خلاف دفاعي فوجي مدد فراهم ڪرڻ جو اعلان

فيصلو يمن ۾ ايران جي حمايت يافتہ حوثين پاران سعودي تي ڪيل حملن جي رد عمل ۾ ڪيو ويو

اڄ محدود وقت لاءِ آهي ۽ شروعاتي طور ان جو وقت ڪجهہ هفتا هوندو: برطانوي عملدار

لنڊن (اي پي پي) برطانيہ جي وزيراعظم چيو آهي تہ برطانيہ سعودي عرب کي فضائي ٻارڻ ڀرڻ جي مدد فراهم ڪندو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حوثي امن ڳالهين طرف اچن، سعودي عرب ۽ باب المندب خلاف قدم قبول ناهن: فرانس

هٿيارن ذريعي هڪ جائز حڪومت جي رٽ کي چئلينج ڪرڻ کي برداشت نہ ڪيو ويندو

حوثين کي چڪتاءُ ڪري گڏيل امن ڳالهين ۽ قومي مفاهمت جي عمل ۾ شامل ٿيڻ گهرجي

نيويارڪ (اي پي پي) گڏيل قومن ۾ فرانس جي نمائندي حوثين تي زور ڀريو آهي تہ هو چڪتاءُ ختم ڪندي امن ڳالهين طرف اچن. سعودي عرب ۽ باب المندب خلاف قدم قبول ڪرڻ جوڳا ناهن. گڏيل قومن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان علماء ڪائونسل جي چيئرمين حافظ محمد طاهر محمود اشرفي سيمينار کي خطاب ڪندي

ٽوڪيو سميت جاپان جي اڀر وارن علائقن ۾ سامونڊي طوفان جو خطرو ظاهر

ٽوڪيو (اي پي پي) هڪ طاقتور سامونڊي طوفان ڊروخان سوٽر ۽ اڳاري ڏينهن جاپان جي گاڏي واري شهر ٽوڪيو سميت ملڪ جي اڀر سامونڊي ڪناري وارن علائقن سان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪستان مالديپ سان پنهنجي پراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو: گيلاني

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان مالديپ جي پارلياماني وفد جي ملاقات ڪئي

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ پارلياماني لاڳاپن، گڏيل تعاون ۽ پارلياماني سفارتڪاري تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان مالديپ جي پارلياماني اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله جي سربراهي ۾ وفد پارليامينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ پارلياماني لاڳاپن، گڏيل تعاون ۽ پارلياماني سفارتڪاري تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن پارلياماني سفارتڪاري کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي قومي اسيمبلي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار امن لاءِ پرعزم آهي: فيلڊ مارشل

آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪور هيڊ ڪوارٽر پشاور جو دورو ڪيو

دهشتگردي جي خاتمي واري آپريشن بارڊر مينيجمينٽ جي قدمن ۽ صوبي ۾ مقرر فارميشنز جي آپريشنل تيارين تي بريفنگ

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير فارميشنز کي هر وقت چوڪس رهڻ ۽ آپريشنل تياري جا اعليٰ ترين معيار برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي

راولپنڊي (اي پي پي) آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي تہ هٿياربند فوج پوري قوم جي پختي حمايت سان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن جي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ سعودي عرب پاران خصوصي پاسپورٽ رکندڙن لاءِ ويزا شرط ختم ڪرڻ واري معاهدي تي صحيحون

جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي شهزاده فيصل بن فرحان سان ڳالهين دوران معاهدي تي اتفاق ڪيو: اسحاق ڊار

گڏيل دلچسپي جي سڀني شعبن ۾ اسان جي ڀرائي ۽ پائيدار اسٽريٽجڪ پائيداري کي وڌيڪ اڳيان وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

نيويارڪ (اي پي پي) پاڪستان ۽ سعودي عرب سفارتي ۽ سرڪاري/خصوصي پاسپورٽ رکندڙن لاءِ ويزا جي شرطن جي خاتمي واري معاهدي تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. اڳاري ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ بيان ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار چيو تہ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي افتتاحي سيشن ۾ شرڪت لاءِ پهتو

نيويارڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي افتتاحي سيشن ۾ شرڪت جي لاءِ پهچي ويو. اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان، ترڪي، سعودي عرب، مصر، قطر، اردن، گڏيل عرب امارات ۽ انڊونيشيا پاران غزه ۾ انساني بحران تي ڳڻتي

اسرائيل جامع پلان تحت پنهنجون التوا هيٺ ذميواريون فوري طور تي پوريون ڪري: پاڪستان ۽ اتحادي ملڪ

پاڪستان، مصر، ترڪي، انڊونيشيا، اردن، قطر سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن نيويارڪ ۾ ملاقات ڪئي

اسرائيل انساني امداد ۽ شروعاتي بحالي جو سامان محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ غزه پهچائڻ کي يقيني بڻائي: ترڪي/قطر/مصر

يروشلم ۾ مسلم ۽ مسيحي مقدس جاين جي تاريخي ۽ قانوني حيثيت کي نقصان پهچائيندڙ قدمن تي گهري ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان، ترڪيہ، سعودي عرب، مصر، قطر، اردن، گڏيل عرب امارات ۽ انڊونيشيا غزه ۾ جاري انساني بحران تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي اسرائيل تي زور ڀريو آهي تہ هو جامع پلان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محمد راحيل ڪامران شيخ جي استعيفيٰ منظور

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محمد راحيل ڪامران شيخ جي استعيفيٰ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ريسڪيو 1122 جي صلاحيت، وسيلن کي بهتر استعمال ڪيو وڃي: گيانچند ايسراڻي

ڊائريڪٽر آپريشنز ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ صوبائي صلاحڪار سان ملاقات ڪئي

طبي امداد، فائر فائٽنگ، واٽر ريسڪيو ۽ اربن سرچ اينڊ ريسڪيو ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جو بحالي ڪاتي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي سان اڳاري واري ڏينهن 22 بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ خوراڪ جي عالمي اداري پاران شاگردن صحت ۽ غذا بابت سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

وڏي وزير ۽ عالمي اداري جي نمائندي انيتا هرش وچ ۾ اجلاس اسڪول ڪاڌ خوراڪ پروگرام جو جائزو ورتو

صوبي جي 1336 سرڪاري اسڪولن ۾ اڍائي لک شاگرد ڪاڌ خوراڪ پروگرام مان فائدو ماڻيندا

ڪياماڙي، ملير، سجاول، ٺٽي ۽ ٽنڊو محمد خان جي اسڪولن ۾ واش سهولتن جي بحالي ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ ۽ عالمي اداري خوراڪ پاڪستان جي نمائندي انيتا هرش وچ ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ حڪومت ۽ عالمي اداري خوراڪ وچ ۾ جاري سهڪار، مستقبل ۾ پائيداري جا موقعا ۽ خوراڪ، غذائيت، اسڪول صحت ۽ موسمياتي لچڪ کي وڌيڪ مضبوط بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۽ سيد مراد علي شاهہ سان ڊبليو ايف پي ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش ملاقات ڪندي

وفاقي گهرو وزير پاران نوشڪي ۾ پوليو ٽيم تي فائرنگ جي شديد مذمت، شهيد اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي بلوچستان جي ضلعي نوشڪي ۾ پوليو جي خاتمي واري ٽيم تي اڻڄاتل شرپسندن جي فائرنگ جي واقعي جي مذمت ڪئي آهي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت خصوصي ٻارن جي تعليم، بحالي ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ انقلابي قدم کڻي پئي: شرجيل ميمڻ

مفت تعليم سان گڏ بحالي، فزيو ٿيراپي، اسپيچ ٿيراپي، ٽرانسپورٽ سان گڏ ماهوار 3 هزار رپيا وظيفو ڏنو پيو وڃي

صوبي اندر خصوصي ٻارن جي لاءِ 49 جديد ڊجيٽل ڪلاس رومز جو قيام هڪ اهم اڳڀرائي آهي

قائم ڪيل 20 سيٽلائيٽ اسڪولن ذريعي 476 اهڙن ٻارن کي تعليمي موقعا پڻ ملي سگهندا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت خصوصي ٻارن جي تعليم، بحالي ۽ کين بااختيار بڻائڻ لاءِ انقلابي قدم کڻي رهي آهي. صوبي جي 67 خصوصي تعليمي ادارن ۾ 20 هزار جي لڳ ڀڳ شاگرد علم پرائي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مقدس هنڌن تي حوثين جا حملا برداشت جوڳا ناهن: سيڪريٽري جنرل او آءِ سي

رياض (اي پي پي) اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر اسماعيل اولد شيخ احمد چيو آهي تہ سعودي عرب ۾ مقدس ماڳن کي هدف بڻائي حملا ڪرڻ برداشت جوڳا ناهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهہ هن حوثين بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سوناري کان هٿياربند لکين رپيا ۽ 5 ڪلو چاندي ڦر ڪري فرار

برنس روڊ تي ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار هٿياربندن واپاري ۽ مئنيجر کي روڪي ڦر ڪئي

اطلاع تي جمشيد ڪوارٽر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ برنس روڊ تي واقع پٽيل پاڙي ويجهو موٽر سائيڪلن تي سوار اڌ درجن کان وڌيڪ ڌاڙيلن هڪ زيورن جي واپاري کان 52 لک رپين کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ 5 ڪلو چاندي ڦري ورتي ۽ فرار ٿي ويا. متاثر شخص عثمان کي حيدري مارڪيٽ ويجهو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان کي ٽيليفون، اسلام آباد ۾ ڌرڻو ملتوي ڪرڻ جو چيو

نيويارڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان کي ٽيليفون ڪئي ۽ اسلام آباد ۾ ڌرڻو ملتوي ڪرڻ جو چيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو تہ حڪومت معاشي طور تي ڪمزور ۽ وچولي طبقي کي هن مشڪل حالتن ۾ پيٽروليم بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مالديپ جي عوامي مجلس جي اسپيڪر جناب عبدالرحيم عبدالله پارليامينٽ هائوس ۾ مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا رايا لکندي

ڪراچي ۾ زال مڙس ۽ ٽن ڌيئرن لاش ملڻ وارو واقعو ڳجهارت بڻيل، گهر ڌڻي کي ڪينسر هجڻ جو انڪشاف

احسن آباد جي فليٽ مان ڊاڪٽر سميت خاندان جي پنجن ڄڻن جا ڪيترائي ڏينهن ڪان پراڻا لاش مليا هئا

پنجاب واسي ڊاڪٽر عمر پنهنجي ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ ڪراچي ۾ رهائش پذير هو

ڪجهہ عرصو اڳ جگر جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿيڻ بعد مالي حالتون انتهائي خراب ٿي چڪيون هيون: ذريعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن معمار پرسان احسن آباد واري علائقي ۾ هڪ فليٽ مان ڊاڪٽر سميت هڪ ئي خاندان جي پنجن ڄڻن جا ڪيترن ڏينهن کان پراڻا لاش ملڻ واري واقعي ڪيترائي سوال اڀاري ڇڏيا آهن. پوليس جي ابتدائي جاچ ۾ خاندان جي خراب مالي حالتن، ڊاڪٽر جي جگر جي ڪينسر ۾ مبتلا هجڻ ۽ خانداني معاملن بابت اهم معلومات سامهون آئي آهي جڏهن تہ واقعي جي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڀارت: اسپتال ۾ باهہ لڳڻ سبب 3 نوان ڄاول ٻار فوت

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي ڏکڻ رياست تلنگانا جي اسپتال جي خاص نون ڄاول ٻارن جي نگهداشت يونٽ ۾ باهہ لڳڻ سبب 3 نوان ڄاول ٻار فوت، جڏهن تہ طبي عملي جا ڪيترائي ميمبر سڙي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق مقامي حڪومت جي عهديدار اڳاري ڏينهن ٻڌايو تہ باهہ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ڪراچي ۾ فليٽ مان پنج لاش ملڻ واري واقعي جو نوٽيس ورتو، چڱيون رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ڪراچي جي علائقي احسن آباد ۾ فليٽ مان ڪيترن ئي ڏينهن پراڻيون پنج لاشون ملڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ پوليس کان واقعي بابت رپورٽ طلب ڪري بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نوجوان اڪثر مسئلن جي عملي حل جي بهتر نشاندهي ڪري سگهن ٿا: احسن اقبال

پاڪستان کي درپيش قومي چئلينجز جو عملي جوڳو حل ڳولڻ لاءِ يوٿ آئيڊيئيشن ليب جو افتتاح

نوجوانن کي مسئلن جو حصو بڻجڻ بدران ان جي حل جو حصو بڻجڻ هوندو: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال نوجوانن جي ذهانت، صلاحيتن ۽ عملي تجربن مان فائدو وٺندي پاڪستان کي درپيش قومي چئلينجز جو عمل جوڳو حل ڳولڻ لاءِ يوٿ آئيڊيئيشن ليب جو افتتاح ڪري ڇڏيو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو تہ يوٿ آئيڊيئيشن ليب جو مقصد نوجوانن کي رڳو شڪايت بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪنهن جي پيءُ جي جاگير ناهي، دهشتگردي ۽ لساني ورهاست واري سياست قبول نہ ڪنداسين: سعيد غني

هي ڪنهن هڪ ٻولي يا قوم جي ماڻهن جو نہ پر سمورين ٻولين ۽ قومن جي ماڻهن جو گڏيل شهر آهي

ماضي ۾ ٻولي جي بنياد تي ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو رهيو، هاڻ اهڙي دهشتگردي ٿيڻ نہ ڏني ويندي

ايم ڪيو ايم اڳواڻن کي سياسي طور شڪست ڏينداسين، بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهہ تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني چيو آهي تہ ايم ڪيو ايم وارا ٻڌي ڇڏين ڪراچي ڪنهن جي پيءُ جي جاگير ناهي، سياسي دهشتگردي کي دفن ڪنداسين جڏهن تہ مصطفيٰ ڪمال، خالد مقبول ۽ فاروق ستار جهڙن اڳواڻن کي بہ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ صفائي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ صفائي جو عالمي ڏينهن اڄ ملهايو ويو. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد ماحولياتي گدلاڻ ۾ گهٽتائي، ڪچري جي بهتر انتظام ۽ صاف ماحول جي حوالي سان عوامي شعور اجاگر ڪرڻ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ سيشن ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

۽ شق الجبل 2 (مائونٽين لنڪس II) جي باقاعده شروعات ٿي وئي آهي پاڪ فوج جي سڏ سماء واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب پاڪ روس مشقون چراٽ جڏهن ته پاڪ عمان گڏيل مشقون نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر (اين سي ٽي سي) پبي ۾ شروع ٿيون بن هفتن تائين جاري رهنديون انهن گهڻ ملڪي مشقن ۾ پاڪ فوج، روسي فوج ۽ رائل آرمي آف عمان جا خصوصي دستا شريڪ آهن مشقن جو بنيادي مقصد فيلڊ ۽ آپريشنل تجربن جي گڏيل مذاڪرا، دهشتگردي جي روڪٿام واري پيشيوراڻي ڊرلز ۽ طريقيڪار کي وڌيڪ نکارڻ ۽ گڏيل هم آهنگي ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ آهي آءِ ايس پي آر جو وڌيڪ چوڻ آهي ته گڏيل تربيت ۽ پيشيوراڻي مهارتن جي مذاڪرا سان شريڪ فوج پنهنجي جنگي ۽ فني صلاحيتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائينديون جنهن سان دوست ملڪن سان پاڪستان جي ٻطرفي دفاعي لاڳاپن کي نئين سگهه ملندي

بقايا 2 روزاني عبرت

دورو ڪيو جتي هن چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان اهم ملاقات ڪئي آءِ ايس پي آر موجب ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي اهم معاملن خطي جي مجموعي سيڪيورٽي صورتحال دفاع ۽ سلامتي جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير فرانس سان ٻطرفن لاڳاپن کي مستحڪم بڻائڻ دفاعي ۽ سيڪيورٽي حصيداري کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو فرانسيسي وفد جي سربراهه نڪولس روجي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش ۽ ڪردار کي ساراهيو جڏهن ته هن گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ پاڪستان سان حصيداري واري عمل کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي فرانسيسي عزم جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا 3 روزاني عبرت

ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر دهشتگردن جا ارادا ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيندي چيو ته ٻاهرين مداخلت جي ڪري ڦيندڙ دهشتگردي جي خلاف جنگ جاري رهندي صدر چيو ته فتنه الهندستان ۽ ان جا سهولتڪار پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندا

بقايا 4 روزاني عبرت

آهي چاڪاڻ ته سنڌس انتظاميا قومي مفاد ۾ هر مسئلي کي ان جي بنياد کان حل ڪيو آهي پنهنجي اميگريشن (هجرت/داخلا) پاليسيءَ جو دفاع ڪندي هن چيو ته اڄ صرف اهي ئي ماڻهو آمريڪا ۾ داخل ٿي سگهن ٿا جن کي دعوت ڏني وئي هجي ۽ هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هن قدم جي نتيجي ۾ ڏوهن جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي پنهنجي ڪاميابيءَ جو ذڪر ڪندي صدر ٽرمپ چيو ته ايران دهشتگردي جو عالمي مرڪز هو ۽ هاڻي هو وچ اوڀر ۾ شريسنديءَ وارين حرڪتون نه ڪري سگهندو سرڪاري پاليسين تي نظر وجهو آمريڪي صدر چيو ته هو ايران سان ڳالهيون ڪرڻ چاهي پيو پر انهن انڪار ڪري ڇڏيو نتيجي طور ڪيس هڪ اهم فيصلو ڪرڻو آهي: يا ته ايران کي ترقي جاري رکڻ ڏني وڃي يا وري ان کي تباهه ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته ايران کي ڪنهن به صورت ۾ ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي اهو هاڻي وچ اوڀر ۾ وڌيڪ غير ذميواراڻو يا سرڪش رويو اختيار نه ٿو ڪري سگهي ايراني حڪومت جي ڌاڪن تي ٻڌل تاريخ کي رت جي رهڪري واري هڪ خوفناڪ داستان طور بيان ڪندي آمريڪي صدر چيو ته هر آواز کي دٻايو ويو ۽ بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو صدر ٽرمپ چيو ته هو واحد اڳواڻ آهي جنهن دنيا ۾ امن قائم ڪيو آهي جڏهن ته ٻيا صرف ڳالهيون ڪن ٿا ايران کان پوءِ ممڪن طور تي ڪيوبا جو نمبر اچڻ جو اشارو ڏيندي هن چيو ته جيڪڏهن ضرورت پئي ته آمريڪا اولهه واري خطي ۾ پنهنجي مفادن جي حفاظت لاءِ "بي مثال فوجي طاقت" استعمال ڪندو ڪيوبا تي الزامن جي بوڇاڙ ڪندي، صدر ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته ڪيوبا جي حڪومت ڏهاڪن کان آمريڪا ۾ تخريبڪار گروهن سان لاڳاپا برقرار رکيا آهن جن ۾ ڪميونسٽ پارٽي يو ايس اي، اينٽيفا ۽ ڊيموڪريٽڪ سوشلسٽس شامل آهن وينزويلا ۽ ان جي تيل بابت آمريڪي پاليسيءَ جو دفاع ڪندي آمريڪي صدر چيو ته آمريڪا وينزويلا جي تيل مان فائدو حاصل ڪري رهيو آهي هن ٻڌايو ته وينزويلا جي تيل جي تصديق ٿيل ذخيرن (جيڪي 65 ارب بيرلز کان وڌيڪ آهن) تي وڏي حد تائين ڪنٽرول حاصل ڪيو ويو آهي ۽ وينزويلا جي 17 تيل جي شعبن مان پيداوار آمريڪا منتقل ڪرڻ جو منصوبو پڻ سامهون آندو ويو آهي هن معاهدي کي آمريڪي توانائيءَ لاءِ اهم قرار ڏيندي ٽرمپ چيو ته وينزويلا مان حاصل ٿيندڙ اضافي تيل کي آمريڪي ريفائنرين ۾ پروسيس ڪيو ويندو جنهن سان آمريڪا جي توانائيءَ جي فراهمي وڌڻ ۽ ٻارڻ جي قيمتن ۾ گهٽتائي اچڻ جو امڪان آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

الهندستان جي دهشتگردن جي نڪاڻن تي ڪامياب آپريشن ڪيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته ڪارروائي دوران 9 شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي ذريعن ٻڌايو ته مارجي ويل فتنہ الهندستان جي دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو به هٿ ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي فورسز جو چوڻ آهي ته ملڪ دشمن عنصرن جي مڪمل خاتمي لاءِ آپريشن بنا رنڊڪ جي جاري آهي ۽ آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکيون وينديون

بقايا 6 روزاني عبرت

بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي شهر ۾ شهري سهولتن جي بهتري، صفائي، حفاظتي قدمن ۽ ترقياتي سرگرمين جو سلسلو جاري آهي ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته موسم جي تبديلي کي نظر ۾ رکندي شهرين جي تحفظ لاءِ سڄي شهر ۾ فيوميگيشن شروع ڪئي وئي آهي زينب مارڪيٽ ۽ صدر سميت مختلف علائقن ۾ اسپري جو سلسلو جاري آهي جنهن جو مقصد موسمي اثرن ۽ ممڪن حشرات کان شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ وارن قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي چيو ته بلديہ عظمٰي ڪراچي پاران شهرين کي بهتر سهولتون ڏيڻ سان گڏ عوامي هنڌن جي بحالي ۽ انهن کي بهتر استعمال لائق بڻائڻ تي به خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي لانڍي ۾ قائم ڪي ايم سي اسپورٽس ڪمپليڪس، جيڪو ڊگهي عرصي کان غير فعال هو ان جي مرمت ۽ بحالي کان پوءِ ٻيهر فعال ڪيو ويو آهي ڪمپليڪس ۾ مختلف راندين لاءِ جديد سهولتن سان گڏ ترڻ جو تلاءُ ۽ ٻين راندين جون سهولتون پڻ موجود آهن ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته ضلعي ڪياماڙي ۾ به عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم جاري آهي نيو ڪالوني ۾ پاور بلاڪ جي ڪم جو اعلان ٿيڻ کان پوءِ سومر واري ڏينهن به عملي ڪم شروع ڪيو ويو جيڪو شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ جاري سرگرمين جو حصو آهي پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي چيو ته سفاري پارڪ ڪراچي جي بدلجندڙ شهري منظرنامي جي هڪ اهم مثال آهي جتي ماضي جي ابتڙ هاڻي شهرين لاءِ تفريح ۽ مثبت سرگرمين جو ماحول موجود آهي هن چيو ته ڪراچي جي مختلف حصن ۾ ننڍن منصوبن کان وٺي وڏين ترقياتي اسڪيمن تائين ڪم جاري آهي ۽ ڪيترائي منصوبا مڪمل به ٿي رهيا آهن ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته ضلعي ڪورنگي جي مهرالنساء روڊ به ترقياتي سرگرمين جي هڪ مثال آهي جيڪا ابراهيم حيدري ۽ ملير کي ڪورنگي سميت شهر جي ٻين علائقن سان ڳنڍيندي ٿي ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي ڪوشش سان ناصر جمپ کان مهرالنساء اسپتال روڊ ۽ ابراهيم حيدري ڪريڪ روڊ تائين تعميراتي ڪم مڪمل ڪيو ويو جنهن سان آمدرفت ۾ بهتري سان گڏ نيڪال نيڪاسي آب، فوٽ پاٿ ۽ روشني جون سهولتون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي چيو ته ڪراچي ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪم شهر جي روڊن بحال ٿيندڙ شهري سهولتن ۽ جاري منصوبن سان واضح طور نظر اچن ٿا هن چيو ته عوامي خدمت جو سلسلو جاري آهي ۽ شهرين جي سامهون زميني سطح تي ٿيندڙ ڪم موجود آهن

هن وڌيڪ چيو ته ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي قيادت ۾ شهر جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي سرگرمين جو سلسلو اڳتي به جاري رکيو ويندو

بقايا 7 روزاني عبرت

اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن انهن قدمن جو مقصد دستياب سرڪاري وسيلن جو موثر ۽ منصفاڻو استعمال يقيني بڻائڻ آهي. ريلوي واري وزارت طرفان جاري بيان موجب ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته پاڪستان ريلوي ۾ 31 ڊسمبر 2026ع تائين هائوس بلڊنگ ايڊوانس قرض جاري ڪرڻ کي مڪمل طور تي معطل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان مدي دوران ڪنهن به آفيسر يا ملازم کي هي ايڊوانس جاري نه ڪيو ويندو ان کانسواءِ ريلوي واري وزير پنهنجي ذاتي سرڪاري فيول سميت کاتي جي سمورن آفيسرن جي فيول ڪوٽا ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي جو فيصلو ڪيو آهي. گڏ ئي پاڻ سميت ريلوي جي سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جي غير ضروري سرڪاري پرڏيهي دورن تي به فوري پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي ريلوي واري وزير محمد حنيف عباسي جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جي ڪفايت شعاري پاليسي تي فوري ۽ سخت عمل شروع ڪيو ويو آهي ته جيئن قومي وسيلن جي بچت ممڪن ٿي سگهي ۽ سمورن سطحن تي غير ضروري خرچن جي مڪمل روڪٿام ڪري سگهجي

بقايا 8 روزاني عبرت

تي محڪمه اطلاعات سنڌ جي عدم توجهه تي پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ميمبرن چيو ته محڪمه اطلاعات سنڌ طرفان اخبارن ۽ رسالن کي اشتهارن جو اجرا مقرر ڪيل مقدار جي ابتڙ انتهائي گهٽ سطح تي اچي ويو آهي جڏهن ته اشتهارن جي اجرا دوران اي پي اين ايس جي ميمبر اشاعتن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ته پرنٽ ميڊيا لاءِ اشتهارن جو حجم وڌايو وڃي ته جيئن اهي پنهنجون اشاعتون جاري رکي سگهن ڪميٽي جي ميمبرن نان بجيٽ اشتهارن جي ادائگي واري نظام کي رد ڪندي مطالبو ڪيو ته پراڻو نظام بحال ڪيو وڃي ۽ اڳ وانگر انهن اشتهارن جون ادائگيون هر مهيني محڪمه اطلاعات سنڌ طرفان ڪيون وڃن اجلاس ۾ ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو ته محڪمه اطلاعات سنڌ طرفان واجبات جي ادائگي ۾ دير سبب پرنٽ ميڊيا سخت بحران جو شڪار آهي اجلاس مطالبو ڪيو ته سمورا رهيل واجبات جلد کان جلد ادا ڪيا وڃن اجلاس ۾ جاويد مهر چيئرمين، يونس مهر نائب چيئرمين (روزاني پنجل)، ڊاڪٽر جبار خٽڪ (روزاني عوامي آواز)، ممتاز علي ڦلپوٽو (روزاني عوامي پرچار)، علي بن يونس (روزاني بيباڪ)، شبير حسين (روزاني عبرت)، سيد اڪبر طاهر (روزاني جسارت)، حسيني جتوئي (روزاني سل)، رفيق احمد پيرزادو (روزاني پاڪ سنڌ)، ناصر داد بلوچ (روزاني سنڌ سجاڳ)، امتياز اختر قاضي (روزاني تعمير سنڌ) ۽ شاهد سائين (روزاني وطن گجراتي). زاهده عباسي (روزاني نوسج) ۽ بلال فاروقي (روزاني آغاز) زوم ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 9 روزاني عبرت

واقعي واري هنڌ پهچي وئي ريسڪيو عملي مقتول پيش امام جي لاش کي قانوني ضابطي جي ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو ذاتي جهيڙي جو نتيجو آهي، وڌيڪ واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني وئي آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

ماڙيپور ٽرڪ ٽرمينل جي گيٽ نمبر 3 ويجهو پيش آيو فوتي جو لاش ڇيپا ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب فوتي جي سڃاڻپ 42 سالن جي سڪندر ولد خميسي طور ڪئي وئي آهي ماڙيپور جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر انصار اقبال ٻڌايو ته موٽرسائيڪل سوار مڪيپ روڊ ڏانهن وڃي رهيو هو ته اوچتو سنڌس گاڏي سلپ ٿي وئي ۽ هو ڪري پيو جنهن کانپوءِ پويان ايندڙ ٽريلر کيس چيڀائي ڇڏيو حادثي جو ذميوار ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو پوليس ٽريلر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور جي ڳولا شروع ڪري ڏني آهي جڏهن ته فوتي جي وارثن کي ڳولڻ جون ڪوششون پڻ جاري آهن

بقايا 11 روزاني عبرت

سالن جي محمد آصف طور ڪئي وئي آهي، هو ان علائقي جو رهواسي ۽ هڪ ڌيءَ جو پيءُ هو پوليس جو چوڻ آهي ته ابتدائي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو واقعو خودڪشي جو آهي چاڪاڻ ته فوت ٿيل شخص پنهنجي سڳي پيٽوئي (پيٽ جي مڙس) جي گهر ٻاهران پاڻ کي تيزداري آلي سان وار ڪيو پوليس موجب محمد آصف تقريباً هڪ مهينو اڳ پنهنجي زال کي طلاق ڏني هئي ۽ هو ڪجهه وقت کان ذهني دٻاءُ جو شڪار هو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ فوت ٿيل شخص کي پنهنجي سڳي پيٽوئي جي گهر ٻاهران ۽ ان کان پوءِ پاڻ کي زخمي ڪندي ڏسي سگهجي ٿو پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

ايڇ او خواجه اجمير نگري فرخ هاشمي ٻڌايو ته 12 ۽ 13 سيپٽمبر جي وچ واري رات نور احمد نالي شهري "مددگار 15" هيلپ لائن تي اطلاع ڏنو ته نارٿ ڪراچي جي سيڪٽر 5 A/4 ۾ بندوق جي زور تي کانئس موبائل فون ڦري ويا آهن پوليس واقعي واري هنڌ پهتي ۽ موبائل فون جي لوڪيشن ذريعي فون جو پتو لڳايو هڪ گلي ۾ ڇاپي دوران بن ڦورن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي نور احمد انهن مان هڪ کي جهلي ورتو ۽ قابو ڪري ورتائين ان دوران ٻئي ڦورو جي فائرنگ ۾ نور احمد جي پيٽ ۾ گولي لڳڻ سبب هو سخت زخمي ٿي پيو هو جيڪو اڄ فوت ٿي ويو

بقايا 13 روزاني عبرت

رليف ڏيڻ جو واحد رستو روس ۽ ايران کان سستي توانائي سڌي ريت درآمد ڪرڻ آهي آمريڪي دٻاءُ رد ڪندي حڪومت پاڪستان فوري طور ايران ۽ روس کان سستو پيٽرول ۽ گئس خريد ڪرڻ لاءِ عملي ۽ سفارتي قدم کڻي ۽ پاڪ ايران گئس پائيپ لائين منصوبي کي بحال ڪيو وڃي مسجد مدينة العلم ۾ ڊويزنل شوريٰ جي اجلاس کي خطاب ڪندي حافظ ڪاظم عباس چيو ته اجلاس ۾ ڊويزن سميت سمورن ضلعن جي نمائندن وفدن شرڪت ڪئي. هن چيو ته جڏهن ڀارت چين ۽ ٻيا ملڪ پنهنجي عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ روسي ۽ ايراني تيل سميت متبادل ذريعا ڳولي رهيا آهن ته پاڪستان پاران پاڙيسري ملڪن سان واپاري رڪاوٽون برقرار رکڻ ۽ رڳو مهانگي درآمدات تي ڀاڙڻ حڪومتي معاشي ناڪامي آهي حافظ ڪاظم عباس چيو ته ملڪ ۾ مهانگائي جي خطرناڪ لهر عام پاڪستاني جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي چڪو آهي وفاقي پيٽروليم واري وزير پڻ اهو تسليم ڪيو آهي ته عالمي منڊي جي دٻاءُ ۽ رسد ۾ رڪاوٽ سبب پيٽرول جي کوٽ پيدا ٿي ته قيمت هڪ هزار رپيا في ليٽر تائين به پهچي سگهي ٿي هن چيو ته اها رڳو انگن اکرن جي ڳالهه ناهي، پر هر گهر جي چلهه تي لڳل باهه آهي جنهن جي چابي حڪومت وٽ موجود هجڻ باوجود عوام خلاف استعمال ڪئي پئي وڃي مجلس وحدت مسلمين ڪراچي ڊويزن جي صدر چيو ته ايران پاڪستان جو برادر اسلامي ملڪ ۽ پاڙيسري آهي جنهن سان پاڪستان جي سرحد ملي ٿي ايران کان تيل ۽ گئس جي قانوني درآمد سان نه رڳو آمدرفت جي خرچن ۾ گهٽتائي ايندي، پر پاڪ ايران گئس پائيپ لائين منصوبي کي پڻ بحال ڪري سگهجي ٿو جيڪو ڪيترن ئي سالن کان آمريڪي دٻاءُ سبب التوا جو شڪار آهي هن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري طور ايران سان سرحدي واپاري رستا کولڻ لاءِ قدم کڻي ۽ سرڪاري سطح تي تيل ۽ گئس جي درآمد ۾ ايندڙ عالمي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ فعال سفارتڪاري ڪري هن چيو ته روس سان تيل، گئس ۽ تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن جي جديدڪاري بابت معاهدن کي حتمي شڪل ڏئي عوام کي سستو ٻارڻ فراهم ڪرڻ يقيني بڻايو وڃي ۽ پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل پيٽروليم ليوي فوري طور ختم ڪئي وڃي حافظ ڪاظم عباس چيو ته عوام کي مهانگائي مان رليف ڏيڻ لاءِ سستي توانائي جي فراهمي وقت جي اهم ضرورت آهي ڊويزنل شوريٰ جي اجلاس ۾ ايندڙ ڪن مهينن جي منصوبي جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال بابت آئنده جي حڪمت عملي پڻ طئي ڪئي وئي

بقايا 14 روزاني عبرت

مختلف واقعن بابت پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري آهي نارٿ ڪراچي سيڪٽر 2 ۾ 4 اسٽاپ پرسان پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران ٽن جوابدارن شوڪت، فرمان ۽ سلمان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ٽنهي زخمين کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو گلشن اقبال بلاڪ 7 ۾ پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلي دوران هڪ جوابدار محمود زخمي سميت بن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن وٽان به غيرقانوني پسٽل گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي گلشن اقبال بلاڪ 13 ڊي 2 ۾ پوليس ڪارروائي دوران اغوا براءِ تاوان ۾ ملوث بن جوابدارن کي گرفتار ڪري مغوي کي باحفاظت بازياب ڪرايو ويو نارٿ ڪراچي سيڪٽر 5 سي ون ۾ گوبل اسڪول پرسان هڪ شخص محمد آصف جو چريءَ جي وار سان لاش هٿ آيو جڏهن ته گلشن اقبال بلاڪ 3 ۾ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر سبب 14 ورهين جو فيضان فوت ٿي ويو سرجاني ٽائون جي ٽيسر ٽائون 36 ۾ گهر اندر منير احمد کي ذاتي تڪرار تان گولي هڻي قتل ڪيو ويو جڏهن ته ٽيسر ٽائون 36 اي ۾ مسجد سان لاڳاپيل گهر ۾ پيش امام جي قتل جو واقعو پڻ رپورٽ ٿيو آهي هوڏانهن لانڍي نمبر 6 ۾ پوليس مضر صحت گٽڪا ماوا تيار ڪندڙ جوابدار محمد يوسف کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار وٽان گٽڪا ماوا ۽ تياري ۾ استعمال ٿيندڙ سامان هٿ ڪيو ويو سنڌ پوليس جي آءِ جي جاويد عالم اوڍو پاران سنگين ڪيس حل ڪرڻ ۽ منشيات خلاف ڪارروائين تي ويسٽ پوليس ۽ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ جي پوليس ٽيمن کي تعريفي سندون پڻ ڏنيون ويون ڪورنگي ضلعي پوليس جي هفتيوار اجلاس ۾ منشيات، گٽڪا ماوا، موٽرسائيڪل چورن ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون پوليس مددگار 15 جي ڪارروائين دوران ٽريڪر جي مدد سان چوري ٿيل به گاڏيون پڻ هٿ ڪري لاڳاپيل ٿاڻن حوالي ڪيون ويون

بقايا 15 روزاني عبرت

سطح تي آواز بلند ڪندي شهر جي عوام کي صاف پاڻي، بهتر نيڪال صفائي سٿرائي صحت، تعليم آمدورفت ۽ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌن بنيادي حق آهي عوام کي سنڌن حقن کان محروم نٿو رکي سگهجي هو جمعي ڏينهن پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ڏکڻ جي سرڪاري آفيس جي باقاعده افتتاح جي موقعي تي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر نعيم سجاد، ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري جمشيد خان ڪراچي ڊويزن ليبر ونگ جي صدر ولي وارثي، محترمه تخمين جونيجو ضلعي ملير جي صدر قادر لغاري، پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ڏکڻ جي سموري ڪابينا، پي ايس 106، پي ايس 107، پي ايس 108، پي ايس 109 ۽ پي ايس 110 جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سردار عبدالرحيم چيو ته ضلعي ڏکڻ ڪراچي جو اهم ۽ گنجان آباد ضلعو آهي جتي شهرين کي ڊگهي عرصي کان مختلف بنيادي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ڪيترن ئي علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي کوٽ، پراڻو نيڪال جو نظام، ڪچري جا ڍير، ٽٽل ڦٽل رستا، ٽريفڪ جا مسئلا سرڪاري اسپتالن ۽ ڊسپينسرين ۾ سهولتن جي کوٽ، جڏهن ته سرڪاري اسڪولن جي خراب حالت عوام لاءِ ڏکيائين جو سبب بڻجي رهي آهي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي انهن مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا. هن چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل عوامي مسئلن کي رڳو سياسي نعرو نٿي سمجهي، پر عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ کي پنهنجي سياسي جدوجهد جو اهم حصو سمجهي ٿي ضلعي ڏکڻ ۾ پارٽي جي سرڪاري آفيس قائم ٿيڻ سان ڪارڪنن کي عوام سان سڌي رابطي ۽ سندن مسئلا اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ اثرائتو پليٽ فارم فراهم ٿيندو سردار عبدالرحيم چيو ته ڪراچي جا عوام ملڪ جي معيشت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا، پر بدقسمتي سان کين اڄ به بنيادي شهري سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ڪراچي جي ڍانچي، پاڻي، بجلي، صفائي، آمدورفت ۽ امن امان جي مسئلن کي مستقل بنيادن تي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. شهر کي رڳو آمدني حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه پر هتي رهندڙ ڪروڙين شهرين جي حقن ۽ سهولتن کي به ترجيح ڏيڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ڏکڻ ۾ تنظيم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط ڪندي، يونٽ ۽ وارڊ جي سطح تائين ڪارڪنن کي منظم ڪيو ويندو ۽ عوامي رابطي جي مهم ذريعي شهرين جا مسئلا لاڳاپيل ادارن تائين پهچايا ويندا. پارٽي ڪارڪن عوام جي وچ ۾ رهي سندن مسئلا ٻڌن ۽ انهن جي حل لاءِ آئيني، جمهوري ۽ قانوني طريقي سان جدوجهد ڪن

بقايا 16 روزاني عبرت

ڪوپ 31 جي جاري ڪرڻ جي موقعي تي ڪيو هن پاڪستان پاران ايجنڊا جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪندي چيو ته اها ايجنڊا پاڪستان جي قومي موسمياتي ترجيحن ۽ قومي سطح تي تعين ڪيل شراڪت اين ڊي سي ٿري سان هم آهنگ آهي. سينيٽر محمد اورنگزيب موسمياتي تبديلين سان پاڪستان جي شديد حساسيت کي اجاگر ڪندي چيو ته صاف توانائي ۽ بجلي جي استعمال ۾ توسيع تجديد جوڳي توانائي کي هٿي وٺائڻ توانائي جي موثر استعمال تي ٻڌل عمارتن موسمياتي تبديلين کان محفوظ شهرن موسمياتي تعليم ۽ عوامي آگاهي غذائي تحفظ ۽ موسمياتي لحاظ کان مضبوط زراعت کي گڏيل ترجيحون قرار ڏنو ناٽي واري وزير اين - ڊي سي جي واعدن کي سيڙپڪاري جوڳن ۽ مالي مدد جوڳن منصوبن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيل ڪلائيميٽ امپليمينٽيشن برج جي آجيان ڪئي هن زور ڀريو ته هاڻي بنيادي چئلينج موسمياتي منصوبن جي جوڙجڪ ناهي پر ان تي اثرائتو عملدرآمد آهي. هن ايڪشن ايجنڊا ۾ واضح عملي قدمن ۽ ڪارڪردگي جي اهم اهڃاڻن کي ساراهيندي ان کي عملي نتيجن تي ٻڌل ۽ پيمائش جوڳن اثرن تي ڌيان قرار ڏنو

بقايا 17 روزاني عبرت

ٽڪرائي سگهجي ٿو پرڏيهي ميڊيا موجب جاپان جي موسميات کاتي جاڳايل علائقن جي رهواسين کي هدايت ڪئي آهي ته اهي تيز برسات ۽ هوائن جي خطري کي نظر ۾ رکندي چوڪس رهن رپورٽ موجب جاپان جي مقامي وقت موجب آچر تي صبح جو 09 وڳي تائين هلندڙ سال جو 25هون سامونڊي طوفان ڊوجوان ملڪ جي ڏکڻ طرف سمنڊ جي مٿان اتر اولهه طرف 10 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان وڌي رهيو آهي ان جي مرڪز جي ويجهو هوا جي رفتار 126 کان 180 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ تائين رڪارڊ ڪئي وئي آهي سامونڊي طوفان سومر تي ٽوڪيو جي اوڀر ۾ واقع صوبي چيبا ڪيچز سان ٽڪرائجي سگهي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ تيز برساتن ۽ طوفاني هوائن سبب سمنڊ ۾ وڏيون لهرون پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ ٻوڏ جو پڻ خطرو آهي امڪاني متاثر علائقن جي رهواسين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي طوفان جي صورتحال کان آگاهه رهن ۽ احتياطي اپاءَ اختيار ڪن

بقايا 18 روزاني عبرت

رسم ۾ صوبائي وزيرن سعيد غني، سيد ناصر شاهه، محمد علي ملڪاڻي اسماعيل راهو، سرفراز راڄڙ، سينيٽر ضمير گهمرو، سينيٽر دوست علي جيسر، ايم اين اي قادر پٽيل، مهيش ملاڻي، عاجز ڌامراهه، مدد علي سنڌي، حبيب الدين جنيدي، قاضي بشير ارشد نقوي، ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد، صغير قريشي، آمين شيخ، ايم پي ايز امداد پتافي، علي حسن هنگورو، شبير محمد مغيري، ڊاڪٽر بهادر ڏاهري، پير مجيب الحق، اقبال سانڊ، ڊاڪٽر ڪريم خواجا، وسيم راجپوت، ظهير پتافي، احمد فاروقي، مسلم ليگ (ن) جي سيد شاه محمد شاهه، سميت وڏي انگ ۾ پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي جڏهن ته ڪيجهي ۾ شريڪ ماڻهن نثار احمد کهڙو سان سنڌس برادر نسبتي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو جڏهن ته وڏي انگ ۾ عورتن ايم پي اي ندا کهڙو سان سنڌس سامي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

بقايا 19 روزاني عبرت

ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ، ايس ايس پي ايس آءِ يو سميع الله سومرو، ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي ۽ انهن جي لاڳاپيل پوليس ٽيمن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا ويسٽ پوليس کي سرجاني ٽائون ۾ هڪ عورت سميت چئن ماڻهن جي قتل واري سنگين ڪيس کي ڪاميابي سان حل ڪرڻ تي اعزاز ڏنو ويو جڏهن ته ايس آءِ يو پوليس کي منشيات خلاف مؤثر ڪارروائي ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪرڻ تي ساراهيو ويو ويسٽ پوليس جي ڪارڪردگي قابل تعريف آهي هنن پيشه ورانه مهارت ۽ مؤثر جاچ ذريعي هڪ سنگين "بلائنڊ" (اڻڄاتل قاتلن واري) قتل ڪيس کي حل ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ جوابدارن جي گرفتاري عمل ۾ آئي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته منشيات جي لعنت خلاف ڪامياب ڪارروائي ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات جي برآمدگي پوليس جي مؤثر حڪمت عملي، پيشه ورانه صلاحيت ۽ ڏوهن خلاف عزم جي عڪاسي ڪري ٿي آءِ جي سنڌ چيو ته پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن پاران ڏيکاريل فرض شناسي، پيشه ورانه صلاحيت ۽ ڏوهن خلاف رؤهن جي پختي عزم کي تمام گهڻو ساراهيو وڃي ٿو بهترين ڪارڪردگي جو اعتراف نه رڳو آفيسرن ۽ اهلڪارن جو حوصلا وڌائي ٿو پر سموري پوليس فورس ۾ وڌيڪ محنت ۽ بهتر ڪارڪردگي جو جذبو پڻ پيدا ڪري ٿو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته ڏوهن خلاف شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن ۽ اهلڪارن جي حوصلا افزائي ۽ انهن جي خدمتن جو اعتراف ڪرڻ جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 20 روزاني عبرت

هڪ مهينو اڳ اداري ۾ سنڌس دل مان گولي ڪڍڻ لاءِ هڪ پيچيده ۽ ڪامياب آپريشن ڪيو ويو ٻار جي دل ۾ قاتل گولي تقريبن بن ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ هڪ پيچيده سرجري دوران ڪڍي وئي، جيڪا پروفيسر سهيل خان بنگش جي سربراهيءَ ۾ ٻارن جي دل جي بيمارين جي ماهر ٽيم سرانجام ڏني سنڌ حڪومت جي سهڪار سان دل جي پيچيده بيمارين ۾ مبتلا مريضن کي NICVD ۾ علاج جون جديد سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن پروفيسر سهيل خان بنگش ٻڌايو ته ان ٻار کي انتهائي ڳڻتيءَ واري حالت ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊيزيز آندو ويو هو ۽ سنڌس دل ۾ گولي ڦاٿل هئي

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو ملتان ۾ پارٽي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ ليوي خلاف احتجاج ۽ لانگ مارچ تان پوئتي نه هٽندي سنڌس چوڻ هو ته عوام مهانگائي جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي، جڏهن ته جماعت اسلامي جي شٽر بند هڙتال سبب حڪومت تي دٻاءُ وڌيو حڪومت کي پيٽرول جا اگهه گهٽائڻ لاءِ مختلف تجويزون ڏنيون پر حڪومت موقف اختيار ڪيو ته ملڪ آءِ ايم ايف پروگرام ۾ آهي، ان ڪري ليوي گهٽائي نٿي سگهجي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جيڪڏهن حڪومت پيٽروليم شين تي لاڳو ناجائز ٽيڪس ختم ڪري ڇڏي ته جماعت اسلامي اڄ ئي پنهنجو ڌرڻو ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهي سنڌس چوڻ هو ته هي ذاتي ايجنڊا ناهي پيٽرول جون قيمتون وڌڻ سان هر شيءِ مهانگي ٿي رهي آهي. هن چيو ته لانگ مارچ کان اڳ حڪومتي وزيرن سان ملاقاتن جا ٽي کان چار دور ٿي چڪا آهن پر حڪومت طرفان ڏنل رليف اڻپورو آهي تنهن ڪري جماعت اسلامي لانگ مارچ ۽ احتجاجي تحريڪ تان هٽ نه ڪندي حافظ نعيم الرحمان موجب، وزيراعظم شهباز شريف کيس فون ڪري لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي ۽ چيو ته وطن واپس اچڻ کانپوءِ ساڻس ملاقات ڪري پيٽروليم ليوي واري معاملي تي ڳالهائيندو هن چيو ته ڊگهي صلاح مشوري کانپوءِ جماعت اسلامي فيصلو ڪيو آهي ته وزيراعظم جي واپسي تي ساڻس ڳالهه ضرور ڪئي ويندي، پر تحريڪ تان هٽ نه ڪنداسين ۽ حڪومت کان پيٽروليم ليوي بابت لکت ۾ خاطري ورتي ويندي

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ فواد غفار سومرو کان علاوه ڊپٽي ڪمشنر ضلع سينٽرل طحه سليم ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آپريشن احسن رضا، ترجمان سنڌ حڪومت سعديہ جاويد، گينزرو ڪمپني جي سي اي او خديجه ڊائريڪٽر ضلع سينٽرل ارشاد آرائين ميڊيا نمائندن ۽ معزز شهرين جو وڏو انگ موجود هو صوبائي وزير بلديات سنڌ ضلعي سينٽرل ۾ صفائي مهم جو افتتاح ڪرڻ کانپوءِ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو نظام لاڳو ٿيڻ کانپوءِ صفائي جي صورتحال ۾ بهتري آئي آهي هن چيو ته صفائي هڪ مسلسل عمل آهي هفتيوار صفائي مهم جو مقصد سمورن ادارن کي آن بورڊ وٺي صفائي جا انتظام وڌيڪ بهتر بڻائڻ آهي هن چيو ته ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ فواد غفار سومرو سٺو ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته ضلعي سينٽرل کانپوءِ ترتيبوار سمورن ضلعن ۾ صفائي مهم شروع ڪئي ويندي صوبائي وزير صفائي ڪندڙ ملازمن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته "توهان کي جيڪو شهر صاف نظر اچي ٿو اهو سڀ انهن جي محنت جو نتيجو آهي" هن چيو ته مون ايم ڊي سالڊ ويسٽ ۽ ڪمپني کي هدايت ڪئي آهي ته صفائي ڪندڙ ملازمن کي سرڪار پاران مقرر ڪيل اجرت مطابق پگهارون ڏنيون وڃن ۽ کين جيڪي به سهولتون فراهم ڪري سگهجن ٿيون اهي فراهم ڪيون وڃن سيد ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته اڄ "گرين ڪراچي، صاف ڪراچي" مهم تي ڌيان ڏنو وڃي ميڊيا پڻ سهڪار ڪري ۽ شهرين کي شڪايتن لاءِ 1128 نمبر ۽ شهر کي صاف رکڻ بابت آگاهي فراهم ڪئي وڃي ان موقعي تي ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ فواد غفار سومرو ٻڌايو ته صفائي مهم دوران 502 گاڏيون ۽ مختلف مشينري استعمال ڪئي ويندي انهن ۾ 390 ٽري ويلس 30 ننڍا ۽ وڏا ڊمپس 10 ننڍا لوڊر ۽ 16 ڪمپيڪٽر شامل آهن جڏهن ته 1700 صفائي ڪندڙ ملازم ۽ ٻيو عملو صفائي جا معاملا سرانجام ڏيندو هن وڌيڪ ٻڌايو ته هر ضلعي ۾ ترتيبوار صفائي مهم شروع ڪئي ويندي ان سلسلي ۾ سمورن لاڳاپيل ادارن کي آن بورڊ ورتو ويو آهي جيئن جنهن علائقي ۾ جنهن اداري سان لاڳاپيل ڪو مسئلو هجي، ان کي بروقت حل ڪري سگهجي

بقايا 23 روزاني عبرت

قيام لاءِ پرعزم آهي پاڪ فوج جي سڏ سماء واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مطابق آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪور هيڊ ڪوارٽر پشاور جو دورو ڪيو کيس خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي جي موجوده صورتحال جاري دهشتگردي جي خاتمي واري آپريشن بارڊر مئنيجمينٽ جي قدمن ۽ صوبي ۾ مقرر فارميشنز جي آپريشنل تيارين تي بريفنگ ڏني وئي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي، تياري ۽ پيشيوراڻي مهارت جي تعريف ڪندي ملڪ ۽ ان جي عوام جي تحفظ لاءِ پنهنجي اڻٽٽ عزم جو اعتراف ڪيو هن فارميشنز کي هر وقت چوڪس رهڻ ۽ آپريشنل تياري جا اعليٰ ترين معيار برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي هن ڳالهه تي زور ڀريو ته هٿياربند فوج قوم جي غير متزلزل حمايت سان دهشتگردي کي شڪست ڏيڻ ۽ سڄي ملڪ ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ جي پنهنجي عزم تي ثابت قدم آهي هن شهيدن جي يادگار تي گل رکيا، فاتحه خواني ڪئي ۽ ملڪ جي دفاع ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي حياتين جو نذرانو پيش ڪندڙن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته شهيدن جي انهن عظيم قربانين کي ڪڏهن به فراموش نٿو ڪري سگهجي پشاور پهچڻ تي ڪور ڪمانڊر پشاور چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جو استقبال ڪيو

بقايا 24 روزاني عبرت

81هين اجلاس جي موقعي تي هن پنهنجي هم منصب شهزاده فيصل بن فرحان سان اسلامي جمهوريہ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ سفارتي ۽ سرڪاري/خصوصي پاسپورٽ رکندڙن لاءِ ويزا جي شرطن جي خاتمي واري معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن هن چيو ته هي اهم اڳڀرائي اعليٰ سطحي رابطن ۽ ادارتي مذاڪرا کي وڌيڪ سهولت فراهم ڪندي ۽ گڏيل دلچسپي جي سمني شعبن ۾ اسان جي برادراڻي ۽ پائيدار اسٽريٽجڪ ڀائيواري کي وڌيڪ اڳيان وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

بقايا 25 روزاني عبرت

ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس کي گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ خطاب ڪندا بعد ۾ وزيراعظم اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ آيل عالمي اڳواڻن سان ٻطرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو

بقايا 26 روزاني عبرت

جي پهرين مرحلي تحت پنهنجي التوا هيٺ ذميوارين فوري طور تي پوريون ڪري، انساني امداد ۽ شروعاتي بحالي جو سامان محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ غزه پهچائڻ کي يقيني بڻائي ۽ اهم بنيادي ڍانچي جي بحالي ۾ سهولت فراهم ڪري آڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب پاڪستان، مصر ترڪيه، انڊونيشيا، اردن قطر سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي ملاقات ڪئي پرڏيهي وزيرن غزه ۾ جاري انساني مصيبتن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ اسرائيل تي زور ڀريو ته هو جامع منصوبي جي پهرين مرحلي تحت پنهنجون باقي رهيل ذميواريون فوري طور تي پوريون ڪري جن ۾ انساني امداد ۽ شروعاتي بحالي جو سامان فوري، محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ پهچائڻ کي يقيني بڻائڻ ۽ اهم بنيادي ڍانچي جي بحالي ۾ سهولت فراهم ڪرڻ شامل آهي هنن جنگبندي برقرار رکڻ ۽ سمورين خلاف ورزين جي خاتمي کي لازمي قرار ڏنو پرڏيهي وزيرن زور ڀريو ته روڊ ميپ جامع منصوبي جو هڪ لازمي حصو آهي ۽ ان جي ٻئي مرحلي کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ عملدرآمد جو فريم ورڪ فراهم ڪري ٿو جنهن ۾ مڪمل اسرائيلي انخلا سان گڏ غيرهٿياربند ڪرڻ عالمي استحڪام فورس (آءِ ايس ايف) جي مقرري، غزه جي انتظام جي لاءِ قومي ڪميٽي (اين سي اي جي) پاران پوري غزه جي پٽيءَ ۾ پنهنجون ذميواريون سنڀالڻ ۽ پوري غزه ۾ شروعاتي بحالي ۽ نئين سر تعمير جي شروعات شامل آهي هنن سمورين ڌرين تي زور ڀريو ته اهي نيڪ نيتي سان ۽ بنا ڪنهن دير جي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن پرڏيهي وزيرن فلسطيني عوام کي انهن جي وطن مان بيدخل ڪرڻ يا جبري لڏپلاڻ تي مجبور ڪرڻ جي لاءِ کنيل ڪنهن به قدم يا والارادي فلسطيني علائقي جي علائقائي يا آباديائي تشخص کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش کي واضح طور تي رد ڪرڻ جو ورجاءُ ڪيو پرڏيهي وزيرن ان ڏس ۾ اسرائيلي ڪنٽرول ۽ الحاق کي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ کنيل غيرقانوني قدمن بشمول اسرائيلي آبادڪاري جي توسيع ۾ تيزي، زمين جي ضبطگي، فلسطيني گهرن کي ڊاهڻ آبادڪارن جي تشدد ۽ دهشتگردي ۽ جبري لڏپلاڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ انهن قدمن کي فوري طور تي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو هنن يروشلم ۾ مسلم ۽ مسيحي مقدس جاين جي تاريخي ۽ قانوني حيثيت کي نقصان پهچائيندڙ قدمن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو پرڏيهي وزيرن غيرقانوني اسرائيلي بستين جي سرگرمين جي ردعمل ۾ برطانيا پاران تازن قدمن، وسيع تر قومي ۽ يورپي ڪوششن جي آجيان ڪئي جن ۾ غيرقانوني اسرائيلي بستين سان واپار روڪڻ جا قدم شامل آهن. پرڏيهي وزيرن اسرائيلي بستين جي توسيع جي خاتمي ۽ آبادڪارن جي تشدد تي جوابدهي يقيني بڻائڻ جي لاءِ وڌيڪ موثر قدمن جو مطالبو ڪيو هنن ان ڳالهه تي پڻ زور ڀريو ته غزه ۽ فلسطيني سرزمين جو لازمي حصو برقرار رهڻ گهرجي

بقايا 27 روزاني عبرت

سيپٽمبر 2026 تي سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 جي ڊائريڪٽر آپريشنز ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سنڌس دفتر ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 جي مجموعي ڪارڪردگي، جاري آپريشنز ايمرجنسي ريسپانس سسٽم ۽ مختلف انتظامي معاملن تي تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات ۾ ڊائريڪٽر آپريشنز ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار گيانچند ايسراڻي کي ريسڪيو 1122 جي هنگامي خدمتن، مرڪزي ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول، فيلڊ آپريشنز ۽ عوام کي فراهم ڪيون ويندڙ سهولتن بابت بريفنگ ڏني ايمرجنسي جي صورت ۾ وقت سر ريسپانس، ريسڪيو ۽ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ، طبي امداد، فائر فائٽنگ، واٽر ريسڪيو، اربن سرچ ۽ ريسڪيو سميت مختلف شعبن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ريسڪيو سروس جي آپريشنل صلاحيت، وسيلن جي بهتر استعمال، عملي جي تربيت ۽ مختلف ادارن سان رابطا ڪاري واري معاملن تي به غور ڪيو ويو سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ريسڪيو 1122 جي هنگامي خدمتن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ عوام کي وقت تي امداد جي فراهمي ۽ آپريشنل انتظامي معاملن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ قدم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 28 روزاني عبرت

منظور ڪري ورتي آڱاري ڏينهن صدر جي آفيشل ايڪس اڪائونٽ تي جاري ڪيل پوسٽ موجب صدر آصف علي زرداري لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محمد راحيل ڪامران شيخ جي استعيفيٰ منظور ڪري ورتي

بقايا 29 روزاني عبرت

بڻائڻ بابت معاملن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيئرمين منصوبابندي ۽ ترقي نجم احمد شاهه، اسڪول تعليم کاتي جي سيڪريٽري زاهد عباسي، وزيراعليٰ جي سيڪريٽري آصف جميل، سنڌ سماجي تحفظ اٿارٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ارشاد سوڍو، سنڌ پبلڪ هيلٿ سسٽم جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر خالد شيخ، عالمي اداري خوراڪ سنڌ جي صوبائي آفيس جي سربراهه محمد الخولي، اسڪول ميلز سنڌ جي سربراهه ڪيٽلن زنيان گليٽس غذائيت جي سربراهه سلميٰ يعقوب ۽ پروگرام پاليسي آفيسر عمر فاروق خان شرڪت ڪئي اجلاس دوران وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه خوراڪ غذائيت، اسڪول صحت ۽ موسمياتي لچڪ کي مضبوط بڻائڻ واري عزم کي ورجايو ۽ سنڌ حڪومت پاران عالمي اداري خوراڪ سان سهڪار وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو سنڌ پائيدار اسڪول کاڌ خوراڪ پروگرام اجلاس ۾ خاص توجهه جو مرڪز رهيو جنهن تحت سنڌ جي پنجن ضلعن جي هڪ هزار 336 سرڪاري اسڪولن ۾ تقريباً اڍائي لک شاگردن کي فائدو پهچندو پروگرام لاءِ آمريڪي زراعت کاتي پاران تقريباً 80 ملين ڊالر جي گرانٽ فراهم ڪئي وئي آهي پروگرام ۾ ڪياماڙي، ملير سجاول، ٺٽو ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعا شامل آهن عالمي اداري خوراڪ پاران ڪياماڙي ۽ ملير ۾ جڏهن ته ٻارن کي بچائڻ واري عالمي اداري پاران سجاول، ٺٽي ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ پروگرام تي عمل ڪيو ويندو پروگرام تحت اسڪولن ۾ کاڌ خوراڪ جي فراهمي سان گڏ واش سهولتن جي بحالي، غذائيت بابت تعليم، خوراڪ جي تحفظ ۽ صفائي، خواندگي ۾ بهتري ۽ ٻارن جي تحفظ بابت سرگرميون پڻ شامل آهن ڪياماڙي ۽ ملير ۾ عالمي اداري خوراڪ جو پروگرام 614 اسڪولن ۽ تقريباً هڪ لک شاگردن کي فائدو پهچائيندو جڏهن ته عالمي اداري خوراڪ پاران پنجن سالن جي عرصي دوران انهن ضلعن ۾ پروگرام تي عملدرآمد جاري رکيو ويندو وزير اعليٰ سنڌ کي مفاهمت جي يادداشت، نگراني ڪميٽين، مستحق اسڪولن جي چونڊ، ڪچن جي تعمير لاءِ هنڌن جي منظوري، بنيادي سروي ۽ پروگرام تي عملدرآمد جي انتظامن بابت بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ بينظير نشونما پروگرام لاءِ عالمي اداري خوراڪ جي جاري سهڪار جو پڻ جائزو ورتو ويو ان سان گڏ ڄڻيندڙ ۽ ٻارن جي غذائيت، شديد غذائي کوٽ جي ڪميونٽي سطح تي انتظام ۽ موسمياتي لچڪ بابت پروگرام پڻ غور هيٺ آيا. موسمياتي خطرن کان متاثر ڪمزور آبادي جي تحفظ لاءِ اڳواٽ قدمن تي پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ سنڌ سماجي تحفظ اٿارٽي ۽ عالمي اداري خوراڪ وچ ۾ حڪومت جي اڳواڻي ۾ اڳواٽ قدمن واري پروگرام ۾ سهڪار تي غور ڪيو ويو جنهن جو مقصد ٻوڏ، ڏڪار ۽ ٻين موسمياتي هنگامي حالتن کان اڳ ڪمزور خاندانن کي بروقت مدد فراهم ڪرڻ آهي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو ته خوراڪ، غذائيت ۽ انساني سرمائي جي ترقي پائيدار ترقي جا بنيادي ٿنڀا آهن سنڌ پائيدار اسڪول کاڌ خوراڪ پروگرام رڳو کاڌ خوراڪ جي فراهمي جو پروگرام نه، پر ٻارن جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي هن چيو ته غذائي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۽ اسڪولن ۾ ٻارن جي حاضري بهتر بڻائڻ سان صحتمند ۽ خوشحال سنڌ جو بنياد رکيو پيو وڃي سيد مراد علي شاهه غذائيت، موسمياتي لچڪ آفتن کان اڳ تياري ۽ سماجي تحفظ جي شعبن ۾ عالمي اداري خوراڪ جي سهڪار کي ساراهيندي چيو ته سنڌ موسمياتي تبديلي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ علائقن ۾ شامل آهي تنهنڪري فعال ۽ اڳواٽ قدم کڻندڙ نظام انتهائي ضروري آهن وزيراعليٰ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدمن ۽ اثرائتي سماجي تحفظ تي زور ڏيندي چيو ته صوبي ۾ موسمياتي لچڪ ۽ اڳواٽ قدمن واري طريقيڪار کي ادارجاتي شڪل ڏني ويندي

بقايا 30 روزاني عبرت

فائرنگ سبب سيڪيورٽي تي مقرر 2 پوليس اهلڪار سپاهي محمد ياسر ۽ سپاهي عبدالرئوف شهيد ٿي ويا گهرو وزير بنهي سپاهين جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن کي شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو هن ڏکويل ڪٽنبن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعالىٰ سوڳوارن کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏي سنڌس چوڻ هو ته سپاهي محمد ياسر ۽ سپاهي عبدالرئوف فرضن جي ادائيگي دوران پنهنجيون جانيون قربان ڪري شهادت جو عظيم رتبو حاصل ڪيو قوم انهن بهادر پٽن جي قربانين کي ڪڏهن به نه وساريندي هن واضح لفظن ۾ چيو ته ملڪ جي معصوم ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻائيندڙ پوليو ورڪرز تي حملو بي رحم عنصرن جو انتهائي ڪڌو ۽ معاف نه ڪرڻ جوڳو ڏوهه آهي گهرو وزير چيو ته پوليو ٽيمن ۽ محافظن تي حملو ڪندڙ اهڙا عنصر ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن ۽ کين جلد ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو

بقايا 31 روزاني عبرت

رهيا آهن خصوصي تعليمي ادارن ۾ مفت تعليم سان گڏ بحالي، فزيو ٿيراپي اسپيچ ٿيراپي، ٽرانسپورٽ سان گڏ ماهوار 3 هزار رپيا وظيفو ڏنو پيو وڃي هڪ بيان ۾ هن چيو ته خصوصي ٻارن جي لاءِ 37 اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽرز ۾ 49 جديد ڊجيٽل ڪلاس رومز جو قيام هڪ اهم اڳڀرائي آهي ڊجيٽل ڪلاس رومز ۾ ٻڌڻ کان محروم 754 شاگردن کي فائدو پهچندو پوري سنڌ ۾ قائم ڪيل 20 سيٽلائيٽ اسڪولن ذريعي 476 اهڙن ٻارن کي تعليمي موقعا ملي سگهندا، جن کي خصوصي تعليم جي سهولتن تائين رسائي ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا هئا. ڊجيٽل ڪلاس رومز ۾ اسمارٽ بورڊ، اي لرننگ ٽولز ۽ جديد تعليمي سهولتون ڏنيون ويون آهن حڪومتي قدمن سان خصوصي ٻارن جي لاءِ جديد تدريسي وسيلن تائين رسائي ۾ اضافو ٿيندو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 20 سيٽلائيٽ اسڪولن جو مقصد تعليم کي انهن علائقن پهچائڻ آهي جتي خصوصي ٻارن جي خصوصي تعليمي ادارن تائين پهچ محدود آهي. حڪومت پاران سائن لينگويج ٽيچرز ٽريننگ پروگرام پڻ شروع ڪيو ويو آهي جنهن سان استادن جي پيشيوراڻي صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو ڊجيٽل ڪلاس رومز سيٽلائيٽ اسڪول ۽ سائن لينگويج ٽيچرز ٽريننگ پروگرام کي وسعت ڏيڻ حڪومت اوليتن ۾ شامل آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

مدني مال ۾ "ڪلثوم جيولرز" جو مالڪ آهي پنهنجي مئنيجر سان گڏ موٽر سائيڪل تي سوار ٿي صدر جي بوهري بازار واري علائقي مان 52 لک 44 هزار رپيا روڪ رقم ۽ چاندي پنهنجي دڪان ڏانهن وٺي وڃي رهيو هو رات جو تقريباً 10 وڳي، ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار ڏهه کان وڌيڪ ڌاڙيلن سرعام انهن کي بندوق جي زور تي روڪيو ڦريو ۽ فرار ٿي ويا ڌاڙيلن پنهنجي سڃاڻپ لڪائڻ لاءِ منهن تي نقاب پاتل هئا واقعي جي اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او جمشيد ڪوارٽر عمران آفريدي واقعي واري هنڌ پهتو هو متاثر شخص کان تفصيل گڏ ڪري رهيو آهي ۽ واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪري رهيو آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

پاران مڪ ريجن طرف ڊرون موڪلڻ جي ڪوشش کان پوءِ هڪ انٽرويو دوران چئي ان ڊرون کي سعودي فضائي دفاع منع ڪيل هوائي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي مڪ مڪرمه جي ڏکڻ ۾ تباهه ڪري ڇڏيو هو اسلامي تعاون تنظيم جي سيڪريٽري جنرل سعودي عرب جي حوثي حملن جو مقابلو ڪرڻ ۾ دانشمندي جي تعريف ڪندي چيو آهي ته سعودي دفاعي نظام گذريل سموري عرصي دوران شهرين ۽ شهري نڪاڻن خلاف حوثي مليشيا جي ڪوششن کي ناڪام بڻايو آهي، سعودي عرب جي پنهنجي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ لاءِ کنيل قدمن سان عالمي عرب ۽ اسلامي دنيا طرف يڪجهتي جو اظهار به ڪيو

بقايا 34 روزاني عبرت

مصنوعات تي رليف فراهم ڪري رهي آهي ۽ جيتري قدر ٿي سگهيو عوام کي رليف جي فراهمي يقيني بڻائيندي رهندي امير جماعت اسلامي وزيراعظم جي تجويز جي آجيان ڪئي ۽ چيو ته جماعت اسلامي ڌرڻو ملتوي ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي بنهي اڳواڻن وزيراعظم جي دوري کانپوءِ ملاقات ڪرڻ ۽ ان ڳالهه تي وڌيڪ مشاورت جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 35 روزاني عبرت

ورتي آهي وڏي وزير پنج ڄڻن جي فوت ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي ته واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ سمورن پاسن جو جائزو ورتو وڃي سيد مراد علي شاهه چيو ته واقعي جي حقيقتن کي سامهون آندو وڃي ۽ جيڪڏهن ڏوهه ثابت ٿئي ته ذميوار کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي آءِ جي سنڌ پوليس وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ڪراچي جي احسن آباد واري علائقي ۾ هڪ فليٽ مان زال مڙس ۽ سندن ٽن ٻارن جون لاشون هٿ آيون آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

سياسي طور شڪست ڏينداسين سعيد غني چيو ته هڪ وقت هو جڏهن چڱڪي وڄائڻ سان شهر بند ٿي ويندو هو پر اڄ به انهن جون عادتون ختم ناهن ٿيون البت هاڻي سنڌن چڱڪي سان شهر ته پري جي ڳالهه سنڌن گهر به بند نٿو ٿئي هن چيو ته جڏهن ڪراچي کي حق ۽ آزادي ملي ته پيپلز پارٽي ماڻهن کي پاڪر پائي پليڪار ڪيو پيپلز پارٽي لاءِ ڪراچي سڀني ٻولين ۽ قومن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو شهر آهي سعيد غني رات دير سان ضلعي اوڀر جي انتظام هيٺ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگرهه جي موقعي تي منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي انهن خيالن جو اظهار ڪيو تقريب کي پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر سيد وقار مهدي، ضلعي اوڀر جي صدر اقبال سانڌ، سرور غازي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته تقريب ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر اسد عالم نيازي، ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري رؤف احمد ناگوري، سمورن ضلعن جا صدر ٽائون چيئرمين، ضلعي اوڀر جي سمورين يونين ڪائونسلن ۽ پي ايس جا عهديدار ۽ وڏي انگ ۾ عوام پڻ موجود هو سعيد غني چيو ته اسان خوش قسمت آهيون جو اسان وٽ بلاول ڀٽو زرداري جهڙو نوجوان ۽ بي ڊپو چيئرمين موجود آهي بلاول ڀٽو زرداري ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو به آهي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو به هن چيو ته اسان بدقسمت آهيون ته اسان کان قائد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ان کانپوءِ محترمه بينظير ڀٽو کسي وئي، پر ٻي طرف اسان خوش قسمت آهيون ته اسان وٽ بلاول ڀٽو زرداري جهڙو نوجوان قيادت موجود آهي جنهن وٽ سياسي ويزن آهي سعيد غني چيو ته عمر ۾ بلاول ڀٽو زرداري ٻين ڪيترن ئي سياستدانن کان ننڍو آهي پر سنڌس وٽ واضح سياسي ويزن موجود آهي ۽ هو پارٽي جي سياسي ورثي کي اڳتي وڌائي رهيو آهي سعيد غني چيو ته گذريل ڏينهن هڪ ريلي ڪڍي وئي جنهن کي عوام مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو هن چيو ته هڪ وقت اهڙو هو جڏهن چڱڪي وڄائڻ سان شهر بند ٿي ويندو هو پر هاڻي صورتحال تبديل ٿي چڪي آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم اڳواڻن جون پراڻيون عادتون اڃا ختم ناهن ٿيون پر هاڻي سنڌن چڱڪي سان شهر بند نٿو ٿئي سعيد غني چيو ته مصطفيٰ ڪمال جو اهو بيان رڪارڊ تي موجود آهي ته خالد مقبول صديقي پارٽي ايجنٽ آهي ۽ هن ڀارت وڃي پاڪستاني پاسپورٽ ڦاڙيو جڏهن ته ڀارتي پاسپورٽ تي ڪيترن ئي سالن تائين آمريڪا ۾ رهيو اهي دعوائون سعيد غني پاران مصطفيٰ ڪمال سان منسوب ڪيل اڳوڻن بيانن جي حوالي سان ڪيون ويون هن دعويٰ ڪئي ته 2024ع ۾ ايم ڪيو ايم هڪ به صوبائي يا قومي اسيمبلي جي سيٽ نه کٽي آهي سعيد غني چيو ته هو نالا نٿو کڻي پر کيس خبر آهي ته ايم ڪيو ايم کي ڪهڙي طريقي سان سيٽون مليون هن چيو ته اڄ ايم ڪيو ايم جي ڪا سياسي حيثيت ناهي سعيد غني چيو ته مصطفيٰ ڪمال خالد مقبول يا فاروق ستار سان ڪو به هڪ سيٽ نه پري جي ڳالهه هڪ يونين ڪائونسل به کٽي نٿو سگهي سعيد غني چيو ته اڄ به سنڌ اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم جا چار گروپ ٺهيل آهن ۽ اهي هڪ ٻئي کي تنقيد جو نشانو بڻائيندا رهن ٿا

بقايا 37 روزاني عبرت

آهي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان دنيا جي 190 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڪروڙين رضاڪارن صفائي جي سرگرمين ۾ حصو ورتو گڏيل قومن جي انگن اکرن مطابق سڄي دنيا ۾ ساليانو اٽڪل 2.1 ارب ٽن بلدياتي ڪچرو پيدا ٿيندو آهي جيڪڏهن ڪچري ۾ اضافي جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ويا ته 2050ع تائين ڪچري جو مقدار 3.8 ارب ٽن تائين پهچي سگهي ٿو واضح رهي ته دنيا جي اٽڪل هڪ ٽهائي آبادي يعني 2.7 ارب ماڻهو اهڙن علائقن ۾ رهن ٿا جتي ڪچرو جمع ڪرڻ جو بنيادي بلدياتي نظام موجود ناهي پاڪستان ۾ ساليانو اٽڪل 48.5 ملين ٽن ڪچرو پيدا ٿئي ٿو جنهن ۾ هر سال 2.4 سيڪڙو اضافو ٿي رهيو آهي مختلف رپورٽن مطابق پاڪستان ۾ مجموعي ڪچري جو صرف 50 کان 60 سيڪڙو حصو کنيو ويندو آهي جڏهن ته باقي ڪچرو روڊن، خالي پلاٽن، ڍنڍن ۽ سمنڊ ۾ ڀهجي وڃي ٿو جيڪو برساتن دوران شهري ٻوڏ ۽ سامونڊي گدلاڻ ۾ اضافي جو سبب بڻجي ٿو صفائي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مختلف سرڪاري، غير سرڪاري، سماجي ۽ دفاعي ادارن جي انتظام هيٺ منعقد تقريبن ۾ ڪچري ۾ گهٽتائي ري سائيڪلنگ ۽ ماحولياتي گدلاڻ ۾ ڪچري جي ڪردار جي حوالي سان آگاهي پيدا ڪئي وئي

بقايا 38 روزاني عبرت

پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو فيصلو يمن ۾ ايران جي حمايت يافته حوثين پاران سعودي عرب تي ڪيل حملن جي رد عمل ۾ ڪيو ويو آهي برطانيا پاران سعودي عرب جي مدد جي اعلان تي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ عملدرآمد شروع ڪيو ويندو ۽ ان ۾ هڪ برطانوي جهاز "وائجر" شامل هوندو

بقايا 39 روزاني عبرت

جي هيڊ ڪوارٽرز ۾ ميڊيا کي انٽرويو ۾ چيو ته فوجي رستو ڪو به آپشن ناهي هٿيارن ذريعي هڪ جائز حڪومت جي رٽ کي چئلينج ڪرڻ به اهڙو آپشن ناهي جنهن کي قبول ڪري سگهجي حوثين کان مطالبو ڪيون ٿا ته هو ڇڪتاڻ کي ختم ڪن ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي خاص نمائندي سان امن ڳالهين ۽ قومي مفاهمت جي عمل ۾ سنجيدگي سان شامل ٿين هن نار ۾ جاري ڇڪتاڻ جو ذڪر ڪندي چيو ته آبناءِ هرمز تي وڌندڙ ڇڪتاڻ باوجود ايران سان سفارتڪاري جاري رهڻ گهرجي

بقايا 40 روزاني عبرت

جي اسپيڪر چيو ته مالديپ جي پارلياماني وفد جو دورو بنهي ملڪن جي قانونساز ادارن وچ ۾ رابطا وڌيڪ مستحڪم ڪندو پاڪستان مالديپ سان پنهنجي پراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏي ٿو پاڪ مالديپ پارلياماني فرينڊشپ گروپ بنهي ملڪن جي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي اسپيڪر وفد کي قومي اسيمبلي جي اهم پارلياماني قدمن کان آگاهه ڪيو قومي اسيمبلي ۾ ينگ پارلياماني فورمز ايس ڊي جيز سيڪريٽريٽ، ويمن پارلياماني ڪاڪس ۽ چائلڊ رائيٽس ڪاڪس فعال ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

بقايا 41 روزاني عبرت

گذريل ڏينهن مقامي وقت مطابق رات اٽڪل 11.50 وڳي ضلعي عادل آباد جي راجيو گانڌي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گورنمينٽ اسپتال ۾ لڳي، جيڪا تلنگانا جي گادي واري شهر حيدرآباد کان اٽڪل 301 ڪلو ميٽر اتر ۾ واقع آهي ڏسندي ڏسندي وارڊ باهه ۽ دونهين سان ڀرجي ويو ٻارن جي والدين ۽ اسپتال جي عملي شيشا ٽوڙي ٻارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي

بقايا 42 روزاني عبرت

ڪرڻ دوران مسئلن جي نشاندهي ۽ ان جي عملي حل تجويز ڪندڙ فعال ڪردار ۾ تبديل ڪرڻو آهي هن چيو ته اسان صرف شڪايت ڪري مسئلو حل نٿا ڪري سگهون اسان کي پاڻ کي ان کي حل ڪرڻو پوندو نوجوانن کي مسئلن جو حصو بڻجڻ بدران ان جي حل جو حصو بڻجڻو پوندو احسن اقبال چيو ته رٿابندي واري وزارت جي بنيادي ذميواري ملڪ جي مستقبل جي رٿابندي ۽ ترقياتي پروگرامن جي تياري آهي، جڏهن ته انهن پروگرامن جي موثريت جو دارومدار ان نسل جي شموليت ۽ ملڪيت تي آهي جيڪي انهن فيصلن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندا هن چيو ته پاڪستان جا حقيقي اسٽيڪ هولڊرز ملڪ جا نوجوان آهن چاڪاڻ ته سنڌن مستقبل آهي جيڪو داءُ تي لڳل آهي. نوجوانن کي ملڪ جي ترقياتي بيانيي ۽ رٿابندي جي عمل ۾ شامل ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي راين ۽ خواهشن کي مناسب اهميت ڏيڻ ضروري آهي

بقايا 43 روزاني عبرت

حتمي سبب بابت اڃا ڪجهه واضح ناهي ٿي سگهيو پوليس موجب فليٽ مان بدبوءِ اچڻ تي پاڙي جي ماڻهن ۽ يونين پاران پوليس کي اطلاع ڏنو ويو جنهن کانپوءِ پوليس فليٽ جو تالو ٽوڙي اندر داخل ٿي ۽ لاشن کي تحويل ۾ وٺي قانوني ڪارروائي شروع ڪئي ابتدائي معلومات موجب فليٽ مان ڊاڪٽر عمر سنڌس گهرواري ۽ ٽن نياڻين جا لاش هٿ آيا ڊاڪٽر عمر جو تعلق پنجاب سان ٻڌايو وڃي ٿو ۽ هو پنهنجي ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ ڪراچي ۾ رهائش پذير هو پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته ڊاڪٽر عمر مالي پريشانين جو شڪار هو ڪجهه عرصو اڳ کيس جگر جي ڪينسر ۾ مبتلا هجڻ جي خبر پئي جنهن کانپوءِ هو سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿيو ۽ مبينا طور پنهنجي خانگي نوڪري پڻ ڇڏي ڏني هئي ذريعن موجب خاندان جا مالي حالتون انتهائي خراب ٿي چڪا هئا ۽ ڊاڪٽر عمر جي گهرواري کي گهر جو اورن به وڪڻن تي مجبور ٿيڻو پيو

FBR PAKISTAN

FEDERAL BOARD OF REVENUE
GOVERNMENT OF PAKISTAN
OFFICE OF THE CHIEF COMMISSIONER INLAND REVENUE
REGIONAL TAX OFFICE-II, KARACHI
PUBLIC NOTICE

The Regional Tax Office-II, Karachi requires the Procurement/ Services from reputed firms which are registered with Income Tax, Sales Tax, and Sindh Revenue Board, having ATL status, for immediate supply/Services/work of the following items as under: -

Annexure	ITEMS/SERVICES
A	Supply of Stationery Items
B	Printing & Publication of different Articles
C	Supply of Uniform & Protective Clothing
D	Supply of Other Miscellaneous/General Store Items
E	Supply of Computer Stationery Items
F	Repair of Machinery Items
G	Repair of Furniture Items
H	Repair of Hardware Items
I	Repair of IT Equipment Items
J	Repair of vehicles
K	Providing Janitorial and Conservancy Services/ Security Services
L	Supply of Mineral Water
M	Repair and Maintenance of Office Building
N	Repair and Maintenance of Residential Building

TERMS & CONDITIONS:

1. The terms & conditions and other specifications of each item will be available on the **"TENDER DOCUMENT,"** which may be obtained/downloaded from PPRA Official Website.
2. The bidder shall furnish earnest money in the shape of a Pay Order, equivalent to 5% of the estimated value of their total bid value (Gross Total).
3. The rates should be quoted as per the tender documents, along with GST/SRB; Income Tax will be deducted as per the prescribed rates.
4. Interested firms/bidders are directed to quote their rates via online e-procurement portal EPADS 2.0 (file uploading method), as original bids must be submitted in hard copy to the office of the undersigned by the bidders on or before **11.00 AM**. Electronic bidding documents should be submitted using the E-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS 2.0) on or before **13.10.2026**.
5. All the bids received within the prescribed time limit will be opened by authorized officers of the Regional Tax Office – II (Inland Revenue) Karachi in the presence of Bidder's representatives who choose to attend at **11:30 A.M on 13-10-2026**, in the Committee Room situated at Ground Floor of Inland Revenue House, Regional Tax Office –II (Inland Revenue), Plot No. FL.16/17, Block-15, Gulistan-e-Jauhar, Karachi. Each bid is to be accompanied with a sample of the item in the form which the bidder will supply, e.g., in case of paper, the sample means a packed ream of the paper in supply form. (all samples will be reserved upto award of supply contract to the successful bidder).
6. The bidders for providing Security Services, Janitorial Services with proper manpower, equipment on three-year contract basis. Firms/Contractors and having minimum experience of 05 years in relevant field are eligible to apply for two different areas are:
   i) Inland Revenue House, Plot # FL.16/17, Block-15, Gulistan-e-Jauhar, Karachi.
   ii) Inland Revenue House, Plot # ST-18/A, Block-06, Gulshan-e-Iqbal, Karachi.
   iii) The Security Deposit 5% of total Bid value (Three Years) will be submitted by the successful bidder (Mandatory Requirement).
   iv) Reputable firms having the requisite expertise, valid NTN, SRB, EOBI, SESSI Certificate, or they are paying Sindh Sales Tax, and other taxes are eligible to apply.
   v) Preference will be given to those firms who have vast experience and expertise in the field, having a sound background and financial credentials.
7. All the bids received within the prescribed time limit will be opened by Procurement/Services Committee of the Regional Tax Office-II (Inland Revenue) Karachi in the presence of Bidder's representatives who choose to attend at **11:30 A.M on 13.10.2026**, in the Committee Room situated at Ground Floor of Tax House-II, Regional Tax Office –II (Inland Revenue), Plot No. FL.16/17, Block-15, Gulistan-e-Jauhar, Karachi.
8. Manual bids would not be accepted in any case.
9. Bid security should be submitted using **(EPADS 2.0)** and physically delivered to this office.
10. All government taxes will be deducted as per laws/rules.
11. The bidder should enclose a copy of each of NTN Certificates, Sales Tax Registration Certificate along with Digital Invoicing Integration Certificate, Sindh Revenue Board Certificate, EOBI Certificate, SESSI Certificate, and CNIC of the proprietor.
12. Incomplete tenders will not be accepted in any case.
13. The Procurement/Services Committee, Regional Tax Office –II (Inland Revenue) Karachi reserves the right to cancel any or all bids either in whole or in part as per PPRA Rule.
14. Successful bidders shall have to supply items as per the work order with 05 working days.
15. The bids shall remain valid for the work order to be issued upto **30-06-2027.**
16. The Payment will be made on the supply of items/satisfactory work and clearance of bills from AGPR (Sub-Office), Karachi.

(LAL MUHAMMAD KHAN) PID(K)985/26
CHAIRMAN
Procurement/Services Committee

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

قرض جو ونڊڙ بار، معيشت لاءِ خطري جي گهنٽي! صفحو 4

اياز وگهيو — سعودي عرب جي موجوده صورتحال صفحو 4

محمد خان ابڙو — سنڌ جو معاشي مقام صفحو 4

مختيار انڙ — اڄوڪو ڏينهن 23 سيپٽمبر صفحو 4

مسوپرڳوٺي ۾ گورنمينٽ هائير سڪينڊري اسڪول جي شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد بورڊ پاران (ب فارم) جو شرط لازمي قرار ڏيڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

غريب مسڪين ماڻهن جا اولاد آهيون، اهڙا شرط رکيا ويا جن جي ڪري اسان (ب_فارم) ٺهرائي نٿا سگهون: شاگردياڻيون

خدارا اسان جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي ۽ (ب-فارم) جو شرط ختم ڪيو وڃي جيئن اسان به اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهون

مسوپرڳوٺي گورنمينٽ هائير سڪينڊري اسڪول جي شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مسوپرڳوٺي (ن ع) گورنمينٽ هائير سڪينڊري اسڪول مسوپرڳوٺي ۾ نائين ڪلاس جي 150 کان مٿي شاگرد ۽ شاگردياڻين جو حيدرآباد بورڊ پاران (ب فارم) جو شرط لازمي قرار ڏيڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي شاگردن اشفاق، رضوان حاجاڻي،ظفر الله مري، شعيب علي بين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان غريب مسڪين ماڻهن جا اولاد آهيون، جڏهن ته مختلف اهڙا شرط رکيا ويا جن جي ڪري اسان (ب_فارم) ٺهرائي نٿا سگهون،ڪن جا ته والدين به فوت ٿي چڪا آهن اسان کي (ب فارم) واري شرط کان آجو قرار ڏنو وڃي. شاگردن تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، حيدرآباد بورڊ چيئرمين ۽ سيڪريٽري بورڊ کان مطالبو ڪيو ته خدارا اسان جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي ۽ (ب-فارم) جو شرط ختم ڪيو وڃي ته جئين اسان به اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهون

چوهڙ جمالي پوليس جو ڌوڙارين سان مبينہ مقابلو،3 زخمي حالت ۾ گرفتار،هٿيارفون ۽ شناختي ڪارڊ هٿ

ايس ايچ او پوليس نفري سان گڏ گشت دوران ڪاري موري وٽ پنج شڪي ماڻهن جي موجودگي بابت ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي

فائرنگ جي ڏي وٽ دوران پوليس ٽن ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو، جڏهن ته سندن ٻه ساٿي فرار ٿي ويا

گرفتار ٿيل ڌوڙاري جي سڃاڻپ غلام نبي خاصخيلي نويد ميراڻي ۽ زاهد خاصخيلي طور ڪئي وئي آهي: ترجمان موجب

جوابدارن وٽان ٽي ٽي پستول، ميگزين، هڪ موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ مسافرن جا شناختي ڪارڊ هٿ ڪيا ويا آهن

سجاول(ڊ ر) چوهڙ جمالي پوليس جو ڌوڙارين سان مبينا مقابلو 3 ڄڻا زخمي حالت ۾ گرفتار 3 ٽي ٽي پستول، موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ مسافرن جا شناختي ڪارڊ هٿ پوليس ترجمان موجب ايس ايچ او چوهڙ جمالي اشفاق احمد منگي پوليس نفري سان گڏ گشت دوران ڪاري موري وٽ پنج شڪي ماڻهن جي موجودگي بابت ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي پوليس پهچڻ شرط شڪي ماڻهن مبينا طور پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن بعد پوليس به جوابي فائرنگ ڪئي فائرنگ جي ڏي وٽ دوران پوليس ٽن ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندن ٻه ساٿي فرار ٿي ويا. گرفتار ٿيل ڌوڙاري جي سڃاڻپ غلام نبي خاصخيلي نويد ميراڻي ۽ زاهد خاصخيلي طور ڪئي وئي آهي. زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان ٽي ٽي پستول، ميگزين هڪ موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ مسافرن جا شناختي ڪارڊ هٿ ڪيا ويا آهن. شروعاتي جاچ دوران جوابدارن ٽي ڏينهن اڳ شاه يقيق روڊ تي مسافر بس ۾ ٿيل ڦرلٽ جي واردات جو اعتراف ڪيو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته هٿ آيل موبائل فون ۽ شناختي ڪارڊ به ان ئي واردات دوران مسافرن کان ڦريا ويا هئا. گرفتار جوابدارن خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا ۽ ڪارروايون جاري آهن

پيپلز سيڪريٽريٽ گهوٽڪي ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره تقريب

چيئرمين جي ڊگهي ڄمار،صحت سلامتي ۽ ڪاميابي لاءِ دعائون گهريون ويون

بلاول ڀٽو ملڪ جي نوجوانن جي اميد ۽ پيپلز پارٽي جو روشن مستقبل آهي:سڪندر لاڪو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره جي سلسلي ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ آفيس گهوٽڪي ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي گهوٽڪي جي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاڪو پاران منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پارٽي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته سندس ڊگهي ڄمار، صحت، سلامتي ۽ ڪاميابي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون ان موقعي تي ڪارڪنن پاران "جيئي ڀٽو" جا فلڪ شگاف نعرا هنيا ويا، جنهن سان تقريب جو ماحول جوش ۽ جذبي سان ڀرجي ويو. ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي گهوٽڪي جي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاڪو خطاب ڪندي چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي نوجوانن جي اميد ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو روشن مستقبل آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي عوامي خدمت ۽ جمهوريت جي بالادستي تي يقين رکي ٿي ۽ پارٽي جا ڪارڪن بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ متحد آهن هن بلاول ڀٽو زرداري کي سالگره جون مبارڪون ڏيندي سندس صحت، سلامتي ڊگهي ڄمار ۽ ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

گهوٽڪي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

گڏيجي واسي فوجي جوان اسڪردو ۾ بارودي سرنگهه ڦاٽڻ سبب شهيد

فوجي جوان جو مڙهه ڳوٺ پيروز راڄپر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي پرسان ڳوٺ پيروز راڄپر جو رهواسي فوجي جوان ثناء الله راڄپر ڊيوٽي جي دوران اسڪردو ۾ بارودي سرنگهه ڦاٽڻ سبب شهيد ٿي ويو جنهن جو مڙهه ڳوٺ پيروز راڄپر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جنهن جي جنازا نماز گڏيجي جي محمد عيد گاهه ۾ فوجي اعزاز سان ادا ڪئي وئي جنهن ۾ برگيڊيئر جميل سميت فوجي آفيسرن ۽ ڳوٺائن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جنهن کي اباڻي قبرستان ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري هو

گڏيجي شهيد فوجي جوان ثناء الله راڄپر جي جنازانماز بعد دعا گهري پئي وڃي

منگهوپير ٽائون ۾ انسدادِ پوليو مهم جو باقاعده آغاز

حاجي نواز علي بروهي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارائي مهم جو افتتاح ڪيو

پنجن سالن کان گهٽ عمر جي سمورن ٻارن تائين رسائي کي يقيني بڻايو وڃي: حاجي نواز بروهي

ڪراچي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري مهم جو افتتاح ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير ۾ انسدادِ پوليو مهم جو باقاعده آغاز ڪيو ويو. مهم جي افتتاحي موقعي تي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارائي مهم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسن پوليو ٽيمن جا نمائندا ۽ ٻيا ذميوار پڻ موجود هئا. مهم جي آغاز جي موقعي تي حاجي نواز علي بروهي انسدادِ پوليو لاءِ ڪيل انتظامن جو جائزو ورتو ۽ پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته مهم دوران پنجن سالن کان گهٽ عمر جي سمورن ٻارن تائين رسائي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن به ٻار کي حفاظتي ڦڙن کان محروم نه رهڻ ڏنو وڃي هن پوليو ورڪرن پاران گهر گهر وڃي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارڻ واري عمل کي قومي خدمت قرار ڏيندي سندن ڪوشش کي ساراهيو ان موقعي تي ڳالهائيندي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته ٻارن کي پوليو جهڙي موذي مرض کان محفوظ رکڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ ضروري آهي ته انسداد پوليو مهم کي رڳو سرڪاري سرگرمي نه ۾ قومي فرض طور ورتو وڃي هن چيو ته والدين جو سهڪار مهم جي ڪاميابي لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو ۽ عوام جي سهڪار ڪانسواءِ پوليو جو مڪمل خاتمو ممڪن ناهي هن والدين کي خاص اپيل ڪئي ته هو پنهنجي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا لازمي پيارين ۽ پنهنجي گهرن تي ايندڙ پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن هن چيو ته هڪ ٻار جو به حفاظتي ڦڙن کان محروم رهجي وڃڻ پوليو خلاف قومي ڪوشش کي متاثر ڪري سگهي ٿو تنهن ڪري والدين پنهنجي ٻارن جي صحت ۽ محفوظ مستقبل لاءِ هر پوليو مهم دوران کين حفاظتي ڦڙا ضرور پيارين حاجي نواز علي بروهي چيو ته ٻارن جي صحت ۽ ڪين خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رکڻ معاشري جي گڏيل ذميواري آهي والدين سان گڏ استاد، سماجي شخصيتون، عالم سڳورا، چونڊيل نمائندا ۽ معاشري جا ٻيا طبقا پڻ عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ ۽ انسداد پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن پوليو ورڪرن کي خراج تحسين پيش ڪندي هن چيو ته سخت گرمي ڏکين علائقن ۽ مختلف مشڪلاتن باوجود پوليو ورڪر گهر گهر وڃي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارين ٿا ۽ قومي صحت جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا

حيدرآباد ۾ اوانگر جي رهواسي پاران زمين تي قبضي خلاف احتجاج

1985ع ۾ بابا موسي سومرو ٽنڊو حافظ شاه ۾ 2ايڪڙ زمين خريد ڪئي،نور محمد سومرو

زمين تي بااثر وڏيرو دين محمد دل 2011 کان ناجائز قابض آهي،پاڻيجن کي ويهاري ڇڏيو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ٽنڊي جي شهر اوانگر جي رهواسي نور محمد سومرو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته سال 1985ع ۾ منهنجي پيءُ محمد موسي سومرو ٽنڊو حافظ شاه ٽپي ۾ 2ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪئي هئي،جنهن تي بااثر وڏيرو دين محمد دل 2011 کان ناجائز قابض آهي ۽ زمين تي پنهنجي پاڻيجن محمد اقبال ۽ محمد جمن کي ويهاري ڇڏيو آهي هن چيو ته زمين جا سمورا ڪاغذ ۽ پاس بڪ مون وٽ محفوظ آهن پر ان باوجود ريونيو ڪاتو ۽ پوليس قبضو ختم نٿي ڪرائي هن اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ پ پ پاران بلاول ڀٽو جي سالگرهه ملهائي پئي وڃي

شهدادڪوٽ ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي 38 سالگرهه تقريب

پ پ تعلقہ صدر مير آصف علي لغاري ۽ ٻين گڏجي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو

نون صوبن ۽ نون يونٽن جي نالي تي ملڪ ٽوڙڻ جو منصوبو ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ڊ ر) پ پ پ تعلقہ ۽ سٽي شهدادڪوٽ پاران پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38 سالگره نهايت احترام ۽ سادگي سان ملهائي وئي ان موقعي تي علي رائيس مل ۾ تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ پ پ پ جي تعلقہ صدر مير آصف علي لغاري، نائب صدر مير دريا خان مستوئي شاهد لانگاه، پنهل خان وڏي مير جعفر لغاري مير گدا حسين لغاري، يوٿ جي علي نواز لغاري، سليم الله بروهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب ۾ سالگره جو ڪيڪ گڏجي ڪاٽي ڪارڪنن ۾ ورهايو ويو ۽ بلاول ڀٽو جي وڏي ڄمار لاءِ خاص دعائون گهريون ويون ان موقعي تي مقررن چيو ته پ پ پ ملڪ ۽ جمهوريت جي بقا، ترقي ۽ استحڪام تي يقين رکندڙ جماعت آهي نون صوبن ۽ نون يونٽن جي نالي تي ملڪ ٽوڙڻ ۽ ورهائڻ جي منصوبي کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين سنڌ امڙ جي وحدانيت کي قائم ۽ دائم رکندا سين

ٺري ميرواهه پيار جي پڙٽي بعد هٿيارٻندن پاران گهر ۾ پيچ ڊاهه خلاف احتجاج

گهر ۾ پيچ ڊاهه،وڻ ڪٽي نقصان پهچائڻ ۽ حراسان ڪرڻ خلاف متاثر خاندان احتجاج ڪيو

نقصان ۽ حراسان ڪرڻ جو خطرو آهي،انصاف لاءِ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي:دين محمد

ٺري ميرواهه(ن ع)ٺري ميرواهه پيار جي پڙٽي بعد هٿيارٻندن پاران گهر ۾ پيچ ڊاهه وڻ ڪٽي نقصان پهچائڻ خلاف احتجاج،پيروسڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ سرائي نادر علي خاصخيلي ۾ مبينا طور هٿيارٻندن پاران گهر ۾ پيچ ڊاهه،وڻ ڪٽي نقصان پهچائڻ ۽ حراسان ڪرڻ جي ڪوشش خلاف متاثر خاندان پاران احتجاج ڪيو ويو،ان موقعي تي دين محمد، عجيبم سهيل اسلامي ۽ ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سندن پٽ سعيد احمد اسلامي رضوانه ڌيءَ رمضان قل سان پنجاب جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪئي هئي، جنهن ڪاڻيوءَ ناري جا مائٽ هٿيارٻند ماڻهن سان گڏ رات جي وقت سندن گهر پهتا ۽ گهر ۾ پيچ ڊاهه ڪرڻ سان گڏ وڻ ڪٽي نقصان پهچايو جڏهن ته علم پاڪ کي پڻ نقصان پهچايو ويو هنن چيو ته معاملو ڳالهين ۽ برادري سطح تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر مخالف ڌر ڪنهن به ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ناهي هنن خدشو ظاهر ڪندي چيو ته کين وڌيڪ نقصان ۽ حراسان ڪرڻ جو خطرو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور سميت اعليٰ اختيارين کي پرزور اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ انصاف لاءِ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ٺري ميرواهه هٿيارٻندن پاران گهر ۾ پيچ ڊاهه خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اوڏيرولال اسٽيشن ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي 38 سالگرهه جي تقريب

پيپلزپارٽي مٽياري جي صدر سيد پير امير علي شاهه ۽ ٻين ڪيڪ ڪاٽيو

انشاء الله ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو، ڀٽو خاندان قربانين جي تاريخ آهي: اڳواڻ

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن جي برهماڻي هائوس ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38 سالگره جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي مٽياري جي صدر سيد پير امير علي شاهه جنرل سيڪريٽري فضيل حبيب شاهه پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقہ مٽياري جي جنرل سيڪريٽري عزت علي برهماڻي سميت ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن جيالن ڪيڪ ڪاٽيو پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي جنم ڏينهن جون مبارڪون پيش ڪيون ۽ سندس ڊگهي عمر صحت ۽ ڪاميابي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي ان موقعي ضلع صدر پير امير علي شاهه هاشمي جنرل سيڪريٽري سيد فضيل حبيب شاهه ۽ تعلقہ مٽياري جي جنرل سيڪريٽري عزت علي برهماڻي خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو سميت جمهوريت لاءِ قربانيون ڏيندڙن کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا انشاء الله ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو ڀٽو خاندان جون ملڪ ۽ پارٽي لاءِ وڏيون قربانيون آهن سنڌ کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي

اڏيرولال پ پ اڳواڻ بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره تقريب کي خطاب ڪندي

ملڪ جي مکيہ چرچز پاران سنڌ حڪومت جو مسيحي شادي ۽ طلاق ايڪٽ رد

مسيحي شادي ۽ طلاق بل بائبل جي روح جي بلڪل ابتڙ آهي،بشپ ڪيڊيون شهزاد

تجويز ڪيل بل تي مسيحي مذهبي اڳواڻن پاران پڻ اهم اعتراض اٿاريا ويا آهن

بل ملڪي سطح جو هجڻ گهرجي،100سيڪڙو هڪجهڙائي هجڻ تمام ضروري آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ملڪ جي مکيہ چرچز جي معززين سنڌ حڪومت پاران سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل مسيحي شادي ۽ طلاق ايڪٽ جي رد ڪندي نظرثاني جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.ان سلسلي ۾ رومن ڪيٿولڪ چرچ، چرچ آف پاڪستان جي بشپ ڪيڊيون شهزاد، ايڊووڪيٽ صوبا ڀٽي،مشتاق متي ايڊووڪيٽ سليم ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيل مسيحي شادي ۽ طلاق بل بائبل جي روح جي بلڪل ابتڙ آهي،جنهن ڪري اسان انکي رد ڪريون ٿا.هنن چيو ته تجويز ڪيل بل تي رومن ڪيٿولڪ چرچ، چرچ آف پاڪستان جي معزز بشپ ۽ ٻين مسيحي مذهبي اڳواڻن پاران پڻ اهم اعتراض اٿاريا ويا آهن.جڏهن ته رومن ڪيٿولڪ چرچ جي معزز بشپ بيني ماريو ٽريوس پاران تجويز ڪيل بل بابت تحريري ردعمل ۽ اعتراض سنڌ جي وڏي وزير ڏانهن موڪليا ويا آهن،هنن چيو ته مسيحي قانوندانن پڻ بل جو تفصيلي جائزو وٺڻ کانپوءِ ان کي مسيحي عقيدي ۽ بنيادي انساني حقن جي ابتڙ قرار ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ ڪراچي بار ڪائونسل پاران پڻ پنهنجي تحفظات تي ٻڌل مراسلو سنڌ حڪومت ڏانهن موڪليو ويو آهي.مسيحي برادري جي نمائندن جو چوڻ هو ته بل جي تياري دوران عورتن جي رهنمائي ۽ نمائندگي لاءِ ڪنهن به عورت کي لاڳاپيل ڪميٽي جو ميمبر شامل نه ڪرڻ هڪ اهم ڪوٽ آهي عورتن کي اهڙي اهم ۽ حساس قانون سازي جي عمل ۾ نظرانداز ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو.هنن چيو ته من پسند شخصيتن کي ڪميٽي جو ميمبر بڻائي بل جو مسودو تيار ڪرائڻ پڻ ڳڻتي جو سبب بڻجي رهيو آهي. اهڙين شخصيتن جي شموليت تي پڻ اعتراض ڪيو ويو آهي جن جو عالمي چرچ سان ڪو تعلق ناهي ۽ جن کي مسيحي مذهبي عالمن پاران بدعت قرار ڏنو ويو آهي.مسيحي برادري جي نمائندن چيو ته پاڪ تثليث تي ايمان رکندڙ مسيحي پنهنجي مذهبي عقيدي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندا.هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيل مسيحي شادي ۽ طلاق ايڪٽ کي واپس ورتو وڃي ۽ بائبل مقدس جي تعليمات مطابق، مذهبي اڳواڻن سان وسيع مشاورت ڪانپوءِ هڪ غير متنازع مسودو تيار ڪري سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو وڃي.هنن چيو ته نئين مسودي جي تياري دوران مذهبي اڳواڻن، قانوني ماهرن ۽ مسيحي برادري کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ۽ بل ملڪي سطح جو هجڻ گهرجي ملڪ ڀر ۾ صوبن ۽ سنڌ جي بل ۾ 100سيڪڙو هڪجهڙائي هجڻ تمام ضروري آهي

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري پاران ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو

محمد دانش ذاڪر پوليو مهم تحت فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو

پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر اهل ٻار تائين رسائي يقيني بڻائي وڃي،ڊپٽي ڪمشنر

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪري سيپٽمبر ۾ جاري ايس اين آءِ ڊيز پوليو مهم تحت فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو يونيسف جو ٽيم ليڊ ڊاڪٽر جارج ڪاراوڙا پڻ ڊپٽي ڪمشنر سان گڏ هو ڊپٽي ڪمشنر مختلف هنڌن تي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري سرگرمين، ڪوريج، پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي ۽ مهم جي مجموعي اڳڀرائي جو جائزو ورتو هن لاڳاپيل آفيسرن ۽ پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر اهل ٻار تائين رسائي يقيني بڻائي ڪيس پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا وڃن هن فيلڊ مانيٽرنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ گهرن تي موجود نه ملندڙ يا رهجي ويل ٻارن جي بروقت نشاندهي ڪري انهن جي فالو اپ تي پڻ زور ڏنو يونيسف جي ٽيم ليڊ ڊاڪٽر جارج ڪاراوڙا پڻ فيلڊ سرگرمين جو جائزو ورتو ۽ مهم تي اثرائتي نموني عملدرآمد لاءِ ضلعي انتظاميا، صحت کاتي ۽ فرنٽ لائن پوليو ورڪرن جي مسلسل ڪوشش کي ساراهيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته مهم دوران ڪو به اهل ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهڻ گهرجي هن سمورن لاڳاپيل کاتن ۽ ٽيمن کي هدايت ڪئي ته ڳنڍيل رابطي کي مضبوط رکيو وڃي معياري ۽ مڪمل ويڪسينيشن ڪوريج يقيني بڻائي وڃي، مانيٽرنگ کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي ۽ رهجي ويل ٻارن جي بروقت نشاندهي ڪري فالو اپ ذريعي کين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا وڃن

ڪوٽ غلام محمد پوليس پاران 4010 ليٽر ديسي شراب هٿ،هڪ جوابدار گرفتار

ڪوٽ غلام محمد(ن ع)ڪوٽ غلام محمد پوليس جون منشيات خلاف ڪارروايون ٿيڻ 4010 ليٽر ديسي شراب هٿ، هڪ جوابدار گرفتار ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي پوليس منشيات خلاف ڪارروائي ڪندي وڏي مقدار ۾ ديسي شراب هٿ ڪري منشيات فروش لالچند ڪولهي کي گرفتار ڪري ورتو،پوليس اختيارين موجب گرفتار جوابدار لالچند ولد موهن ڪولهي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 4010 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪئي وئي آهي پوليس جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

ڪوٽ غلام محمد پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙي جي برادر نسبتي عمر انصاري عرف بابي جي لاڏاڻي تي فاتحه خواني

ملي (ڊ-ر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو جي برادر نسبتي ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ندا کهڙو جو ماسو عمر انصاري عرف بابي جي لاڏاڻي تي ڪالهه 21 سيپٽمبر تي مرحوم جي رهائشگاه تي فاتحه خواني ڪئي وئي ان موقعي تي صوبائي وزير آرڪائيوز ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي نائب صدر سرفراز راڄڙ پيپلز ڪلچرل ونگ سنڌ جي صدر قاسم سومرو جنرل سيڪريٽري لياقت علي شاهاڻي رابطا سيڪريٽري عبدالغني ڳوپانگ، فنانس سيڪريٽري سنڌ پيو پرڪاش، پيپلز ڪلچرل ونگ ڪراچي ڊويزن جي صدر چوڌري محمد جاويد اسحاق گجر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن مرحوم جي درجات جي بلندي، مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي ۽ سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سڪرنڊ جو اجلاس،تنظيمي سرگرمين کي تيز ڪرڻ جو فيصلو

سڪرنڊ(ن ع)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقہ سڪرنڊ جي ڪائونسل جو تنظيمي اجلاس تعلقہ صدر ايوب ڪوسو جي صدارت ۾ ٿي گذريو،جنهن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻن پڻ خصوصي شرڪت ڪئي،جن ۾ ڊاڪٽر زين پلوخيسو خان پنڊ،گل حسن رند،غلام مصطفيٰ ڪيريو،علي سومرو،ليبر ونگ جي مرڪزي ڊپٽي آرگنائيزر شملاڻا ڪيريو،تعلقہ سيڪريٽري بجل ڏهيو ڪائونسل صدر پرويز احمد سومرو شوڪت حسين ميمڻ محمد خان گڏارو شامل هئا اجلاس ۾ تنظيمي ۽ سياسي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ يونين ڪائونسلن ٽائون ۽ وارڊ سطح تائين تنظيمي سرگرمين کي تيز ڪرڻ ۽ ڪارڪنن کي وڌيڪ متحرڪ بڻائڻ بابت مختلف معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 27 سيپٽمبر درياهن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تعلقہ سڪرنڊ ۾ سنڌو درياءَ جي پيدا پيش ڪرڻ لاءِ ڏينهن ملهايو ويندو

رٽائرڊ ٽيچرز ايسوسيئيشن جي وفد پاران ڪليل ڪچهري ۾ شرڪت

ٽنڊوڄام(ٽ ر)گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرز ايسوسيئيشن (گرٽا) سنڌ ضلعي حيدرآباد جي وفد سيف خاصخيلي مبارڪ علي عباسي، شاهه بخش لغاري ۽ نثار رتڙ جي اڳواڻيءَ ۾ خزاني آفيس حيدرآباد ۾ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي ڪليل ڪچهري ۾ شرڪت ڪري ٽنڊوڄام سميت ضلعي جي پينشنرن کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو وفد ماهوار پينشن جي ادائيگي ۾ دير، بيواهه پينشنرن کان نو ميريج سرٽيفڪيٽ لاءِ مختيارڪار آفيس جو سرٽيفڪيٽ طلب ڪرڻ ۽ پينشن بحالي لاءِ مختلف دستاويزن جي گهر ڪرڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي اڳ وارو طريقو بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ لاڳاپيل عملدارن کي پينشنرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي هدايت ڪندي جلد ازالي جي خاطري ڪرائي

شهري اتحاد ميهڙ پاران بدامني ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڏهين ڏينهن به احتجاج

پيئڻ جو صاف پاڻي نہ ملڻ،فلٽر پلانٽ ۽ واٽرسپلائي جي لائينن ناڪارا هجڻ،صفائي سٿرائي،روڊ رستا تباهہ هجڻ خلاف نعريبازي

پيپلزپارٽيءَ جي 17 سالا اقتداري دور ۾ بہ ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نہ ڏنو ويو آهي شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن:نياز علي بڙڙو

شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهہ آهن ، امن امان جي صورتحال انتهائي خراب بڻجي وئي آهي

نمائندن،ڊي سي دادو اي سي ،سي ايم او ۽ ٻي انتظاميہ ملي ڀڳت ڪري ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ۾ پوري آهي

ميهڙ شهري اتحاد ميهڙ پاران بدامني ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڏهين ڏينهن به احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميهڙ(ن ع)ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نہ ملڻ ، فلٽر پلانٽ ۽ واٽرسپلائي جي لائينن ناڪارا هجڻ ، صفائي سٿرائي ، روڊ رستا تباهہ هجڻ سميت وڌندڙ بدامني ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران ڏهين ڏينهن بہ احتجاج جو سلسلو جاري،شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي بڙڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو ، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ، هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد ڪلهوڙو ، عوامي پوراهيت تحريڪ اڳواڻ وڪيل پنهل ڪوسو، وڪيل رحيم بخش بگهيو ،ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جو ڪائونسلر محمد اسماعيل بروهي پير نبيل پنهور اشتياق ٿيبو ،عالمگير لهيم ، ڪائونسلر سيد عبدالفتاح شاهه ، محمد عرس ڪوسو، مير شڪيل عطار ، مير عمران ٿيٻو ، زبير سومرو ،صدام حسين لهيم ، جاويد منگي ،جهانگير ابڙو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ بہ بيٺو چوڪ کان گهنٽا گهر ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن خطاب ڪندي چيو تہ پيپلزپارٽيءَ جي 17 سالا اقتداري دور ۾ بہ ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نہ ڏنو ويو آهي شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهہ آهن ، امن امان جي صورتحال انتهائي خراب بڻجي وئي آهي جنهن سبب شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن،هنن چيو تہ شهري بنيادي مسئلن سبب انتهائي پريشانين ڪي منهن ڏئي رهيا آهن پر ٽڪ جي نمائندن ، ڊي سي دادو ، اي سي ميهڙ ، سي ايم او ميهڙ ۽ سموري انتظاميہ ملي ڀڳت ڪري ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ۾ پورا آهن پر شهر جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيدہ نہ آهن ،هنن سيشن جج دادو کان مطالبو ڪيو تہ شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪري پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ جي بوائز ڊگري ڪاليج جي تڪراري پلاٽ واري معاملي بابت عدالت ۾ ٻڌڻي

ڊسٽرڪٽ سيشن جج قمبر شهدادڪوٽ اڳيان پبلڪ انجنيئر ڪاتي جو ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ ايس ڊي او پيش

ڌرين جو موقف کي ٻڌڻ چاهيون ٿا، شهر جو اهم اشو آهي تنهنڪري ڌرين ايندڙ ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تي تيار ٿي اچن: عدالت

ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ سندن وڪيلن جي ٽيم شهرين جو ڪيس عدليہ سڳوري ۾ ايمانداري ۽ فرض شناسي سان وڙهي رهيا آهن: شهري

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ جي بوائز ڊگري ڪاليج جي تڪراري پلاٽ واري معاملي بابت ڊسٽرڪٽ سيشن جج قمبر شهدادڪوٽ جي عدالت ۾ اڄ ٻڌڻي ٿي جتي پبلڪ انجنيئر ڪاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ ايس ڊي او پيش ٿيا جڏهن ته درخواست گذار ناليواري قانوندان ۽ قمبر شهدادڪوٽ بار جي اڳوڻي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ سندن وڪيلن جي ٽيم وارا پيش ٿيا ان موقعي جي عدالت جي معزز جج بيهر اسٽي آرڊر جاري ڪندي ڌرين کي ڪورٽ جي ڏنل احڪامات تي سختي سان عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ۽ چيو ته هو ڌرين جي موقف کي ٻڌڻ گهري ٿي شهر جي فلاحي ۽ اهم اشو آهي تنهنڪري ڌرين ايندڙ ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تي تيار ٿي اچن ٻئي طرف شهرين ناليواري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ سندن ٽيم جي ٻين ميمبرن ۽ ساٿي وڪيلن ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ، ايڊووڪيٽ راجا رجب علي مگسي، ايڊووڪيٽ ساجد علي ميرجت ۽ ايڊووڪيٽ فواد سومرو جي ڪوشش جي ساراه ڪندي چيو ته ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ سندن وڪيلن جي ٽيم شهرين جو ڪيس عدليہ سڳوري ۾ ايمانداري ۽ فرض شناسي سان وڙهي رهيا آهن شهري ساڻن گڏ آهن

عثمان شاهه هڙي ويجهو ياد فرياد ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جو فائنل

شهدادپور ڪرڪيٽ ٽيم ڪپ ناليءَ ڪري موٽر سائيڪل50 هزار روڪ انعام کٽيو

ايم پي اي راڻا شوڪت راجپوت ونر ۽ رنر ٽيمن جي رانديگرن انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون

عثمان شاهه هڙي (ٽ ر)عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ شاهنواز راجپوت پرسان ياد فرياد ٽورنامنٽ جو فائنل ٿي گذريو اڳوڻي ضلع ناظم سنيٽر ڊاڪٽر راحيل گل مگسي مهمان طور شرڪت ڪئي ڳوٺ شاهنواز راجپوت ۾ شهيد فرياد جي ياد ۾ سندس پاڻن راڻا فرمان راڻا انتظار راڻا ممتاز پاران ٿيل يادفرياد ٽورنامنٽ جي فائنل ڏسڻ لاءِ گرائونڊ ۾ وڏي انگ ۾ شوقين ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي فائنل ۾ پهتل ٻن ٽيمن ڪنڊيالهيار اسپورٽس ۽ شهدادپور اسپورٽس وچ ۾ ڪيڏيو جنهن ۾ مقرر اوورن شهدادپور ڪرڪيٽ ٽيم رن ڪري موٽر سائيڪل 50 هزار روڪ رقم ۽ ڪپ پنهنجي نالي ڪري ورتو ٽورنامنٽ جي آرگنائزر راڻا فرمان ۽ اڳوڻي ضلع ناظم سينيٽر راحيلا مگسي آبادگار سماجي اڳواڻ موسا جماڻي ڪراچي جي ايم پي اي راڻا شوڪت راجپوت ونر ۽ رنر ٽيمن جي رانديگر انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ان موقعي تي راحيلا مگسي ۽ راڻا شوڪت چيو ته اسپورٽس ڪاتي کي گهرجي ته ٻهراڙي ۾ گرائونڊ ڏيئي سرڪاري سطح تي ڪرڪيٽ لاءِ هتي وڏائڻ ڪيپ نوجوان ۾ وڏو ٽيلنٽ آهي جيڪي پنهنجي علائقي جو نالو روشن ڪن ٽورنامنٽ ۾ علائقي جي معززين حاجي غلام قادر ٿيٻو ڏاڏو صالح ٿيبو بابو ڀائي راڻا شبير راجپوت ڊي آءِ بي جي خالد راجپوت مگسي اتحاد جي حفيظ ملاح وحيد لنڊ حشام بلوچ سائوڻ ميرجت غلام قادر بلوچ، ڪريم ماجد راجپوت ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته ٽورنامنٽ جي آرگنائزر راڻا پائين راڻا انتظار راڻا فرمان راڻا ممتاز پاران آيل مهمان کي ريفريشمنٽ ڪرائي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ لنگين جا تحفا ڏنا

عثمان شاهه هڙي ياد فرياد ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جو فائنل کٽيندڙ ٽيم کي ٽرافي ڏني پئي وڃي

سرهاري ۾ ڳوٺ غلام شاهه ٽالپر جي رهواسين جو مظاهرو

بااثر سبحان ٽالپر ۽ ٻيا گهرن تي بار بار چڙهائي ڪري رهيا آهن: ڳوٺاڻا

ڳوٺ مان لڏڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن، انصاف ڪيو وڃي

سرهاري ڳوٺ غلام شاهه ٽالپر جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

سرهاري (ن ع) سرهاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ غلام شاهه ٽالپر جي رهواسين مولا بخش ٽالپر طالب حسين ٽالپر ۽ مسمات جامزادي ٽالپر پاران نيشنل پريس ڪلب سرهاري پهچي بااثرن ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته ڳوٺ جا بااثر سبحان ٽالپر رضا محمد ٽالپر،نظر محمد ٽالپر عرض محمد ٽالپر فتح محمد ٽالپر ۽ راج محمد ٽالپر سندن گهرن تي بار بار چڙهائي ڪري رهيا آهن ۽ گهر جو سامان ڪٽي وڃڻ سان گڏ هٿيارن جي زور تي کين ۽ سندن ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي،احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته کين ڳوٺ مان لڏڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن،جڏهن ته سندن الزام موجب پوليس به مخالف ڌر سان ٺهيل جيڪا رنگار وهي رهي آهي،پوليس اسان جي داد فرياد وٺڻ لاءِ تيار ناهي،جنهن سبب جان جو خطرو وڌي ويو آهي،هنن ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سندن ڀاءُ سهڻو ٽالپر حيدرآباد جي عدالت ۾ هڪ ناري سان پسند جو پرڻو ڪيو هو،جنهن ڪانپوءِ سندن ان معاملي سان ڪو به واسطو ناهي هنن واضح ڪيو ته هو پنهنجي ڀاءُ سهڻي ٽالپر ڪان لاتعلقي جو اعلان ڪن ٿا،تنهن باوجود ناري جي مائٽن پاران کين مبينا طور نشانو بڻايو پيو وڃي،احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ايس ايچ او سرهاري سميت ٻين پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڌمڪين ۽ حملن کان ڪين ۽ سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪين قانون موجب انصاف ڏياريو وڃي

ڪڪڙ پرسان ڳوٺ واهڙي واسي پوراهيت پاران پريس ڪلب ۾ احتجاج

مخالف ڌر محمد خان تي حملي جا الزام بي بنياد ۽ ڪوڙا آهن:نثار پنهور

حملو اسان ناهي ڪيو ۽ نہ وري زخمي ڪيو آهي معاملي جي ڪاٻہ ڄاڻ نہ آهي

ڪڪڙ ڳوٺ واهڙي واسي پوراهيت احتجاج ڪندي

ڪڪڙ (ن ع)ڪڪڙ پرسان ڳوٺ واهڙي جو رهواسي پوراهيت نثار احمد پنهور پريس ڪلب ڪڪڙ ۾ احتجاج ڪندي دانهيندي ٻڌايو ته مهينو اڳ مخالف ڌر مامي پوليس اهلڪار نياز حسين پنهور جيڪو مٽياري ضلعي ۾ ڊيوٽي ڪندو آهي انهي ۽ سندس پٽن پائين سميت 6 جوابدارن معان گهٽي جي مسئلي تان جهيڙي جو ڪيس داخل ٿيل آهي جن ۾ نياز حسين، طالب، فدا حسين، عباس، آصف علي، محمد پنهور شامل آهن سورا بااثر جوابدار اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ ڳوٺ مان نيڪالي ۽ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري رهيا آهن جن گهر ڊاهي پٽ ڪري گهٽي جو لنگهه بند ڪري ڇڏيو آهي اسان کي انهن مان جان مال جو خطرو آهي هن وڌيڪ چيو ته گذريل سومر واري ڏهاڙي تي مخالف ڌر محمد خان تي حملي جا الزام بي بنياد ۽ ڪوڙا آهن جيڪي اسين رد ڪيون ٿا انهن تي حملو اسان ناهي ڪيو ۽ نه وري زخمي ڪيو آهي معاملي جي ڪاٻه ڄاڻ نه آهي پلي انڪوائري ڪرائي وڃي اسان بي ڏوهي آهيون هن چيو ته زخمي ٿيل همراهه جي پائرن آصف ۽ عباس معاذ ڪيس داخل هجڻ ڪري اسان جي معاذ حملي جو ڪوڙو الزام هڻي ڪيس ڪرڻ چاهن ٿا هن چيو ته پوليس اهلڪار مامي کان 5 ايڪڙ زمين جي حصيدار گهرڻ تان اهو ڊرامو ڪري اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ظلم ناحق ڪري رهيو آهي احتجاج ڪندڙ ايس ايس پي دادو ٽوڙي وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

گرلس هاءِ اسڪول سن ۾ ٻن ڏينهن وارو ٻارڙن جو تخليقي ميلو شروع

ڊاڪٽر ضياءِ شاهه ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند ميلي جو افتتاح ڪيو

تخليقي ميلي ۾ ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن حصو ورتو

سڪرنڊ (ن ع)گورنمنٽ گرلس هاءِ اسڪول سن ۾ ٻن ڏينهن وارو "ٻارڙن جو تخليقي ميلو" شروع ٿي ويو سيد حيدر شاهه ايجوڪيشنل سوسائٽي سن جي سرواڻ ڊاڪٽر سيد ضياءِ شاهه ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند اسد ڪريم سومرو ميلي جو افتتاح ڪيو ميلي ۾ گرلس هاءِ اسڪول سن ، شاهه حيدر ايليمينٽري اسڪول سن،ڊيٺو اسڪول سن ، گرلس پرائمري اسڪول سن ، بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول سن سميت ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن حصو ورتو گرلس هاءِ اسڪول سن جي سينئر ٽيچر مس سيده شاهين شاهه ۽ محمد صالح ميمڻ جي سهڪار سان تخليقي ميلو روشني پبليڪيشن سنڌ جي سرواڻ هالار نواز گهانگهرو ۽ سندس ٽيم پاران لڳايو ويو آهي جنهن جي ٻهرين ڏينهن موٽيويشنل اسپيڪرس سنڌو نواز گهانگهرو ، فرزانہ هڙو ، ادريس جتوئي ، آزاد قاضي ۽ جاويد راڄپر جن مختلف موضوعن تي ليڪچر ڏنا ويا ان موقعي تي مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران اسٽيم STEAMجا پروجيڪٽ پڻ ڏيکاريا ويا هئا.

جماعت اسلامي جو ٽرين مارچ ملتان پهچي ويو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته پيٽروليم ليوي، مهانگائي ۽ بدامني خلاف جماعت اسلامي پاران ڪراچي کان شروع ڪيل ٽرين مارچ امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن وڏن ريلوي اسٽيشن تان ٿيندو ملتان پهچي ويو آهي جتي هزارين شهرين ۽ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پاران ٽرين مارچ جو شاندار استقبال ڪيو ويو هن چيو ته سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هزارين ماڻهن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ۽ شاندار آجيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته عوام پنهنجن بنيادي مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿارڻ چاهي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن غزالي اسڪول گهوٽڪي ۾ اسڪول جي پرنسپال محمد حسن ڪوسو پاران ڏنل چانهه پارٽي جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ڪاشف سعيد شيخ چيو ته جماعت اسلامي مهانگائي پيٽروليم ليوي، بجلي جي وڌندڙ اگهن، بدامني ۽ ٻين عوامي مسئلن خلاف پنهنجي پرامن جمهوري جدوجهد جاري رکندي هن وڌيڪ چيو ته اسان جو ايندڙ پڙاءُ روڊ رستي اسلام آباد هوندو جتي چئن ئي صوبن مان لکين جي انگ ۾ عوام شرڪت ڪندو جماعت اسلامي عوام کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي حل لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري محمد يوسف، نائب امير سنڌ حافظ نصرالله چنا، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري علامه جذب الله، زاهد راڄپر امير جماعت اسلامي ضلع گهوٽڪي

ڪاميابيون انهن جو تاج بڻبيون آهن،جيڪي محنت تي ڀاڙيندا آهن:مير محمد ڪيريو

سڪرنڊ (ن ع)سڪرنڊ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر تعليمي ماهر استاد مير محمد ڪيريو چيو آهي ته ڪاميابيون انهن جي مٿي جو تاج بڻبيون آهن جيڪي مقدرتي ڀاڙڻ بدران محنت تي ڀاڙيندا آهن جيڪي جاکوڙ ۽ جستجو کان لنوائيندا آهن اهي پنهنجين ناڪامين کي هميشه مقدر قسمت، نصيب ۽ ڀاڳ جا عذر ڄاڻائي پاڻ کي ۽ ٻين کي مطمئن ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن هن وڌيڪ چيو ته منهنجي محبوب دوست عبدالصمد ڳبول جي نياڻي ۽ عبدالقادر ڳبول جي ڀائٽي پرهہ ڳبول MDCATٽيسٽ ۾ 165 مارڪن سان نمايان ڪاميابي حاصل ڪري، اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته محنت سان ئي منزل ڏانهن ويندڙ اٿاڳا پيچرا پار ڪري سگهجن ٿا،سائين مير محمد ڪيريو اهو پڻ چيو ته بحيثيت هڪ استاد جي مون کي انتهائي گهڻي خوشي محسوس ٿي آهي.

ٽنڊوالهيار ۾ پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي سالگرهہ جون الڳ الڳ تقريبون

ٽنڊوالهيار(ڊ ر)ٽنڊوالهيار ۾ پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي الڳ الڳ سالگره جي تقريب منعقد ٿي وئي پ پ تعلقہ صدر غلام قادر دل ۽ تعلقہ انفارميشن سيڪريٽري شوڪت خاصخيلي پاران باءِ پاس لڳ خاصخيلي هائوس تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته سالگره تقريب ۾ وڏي انگ ۾ پ پ جي جيالن، ڪارڪنن ۽ ليڊيز ونگ اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي تعلقہ صدر غلام قادر دل، شوڪت خاصخيلي، جاويد جمن لنڊ، عبدالستار گراڻو آصف بلوچ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صوبائي صدر نثار کهڙو جي هدايتن تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره جون تقريبون ڪوٺائي ڪيڪ ڪاٽيا پيا وڃن هنن چيو ته اسان جو نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ جي عوام جي حقن جي جدوجهد ڪري رهيو آهي ملڪ جي ترقي ۽ مشڪلاتن جو حل صرف پاڪستان پيپلز پارٽي وٽ آهي هنن وڌيڪ چيو ته ملڪ جو عوام پ پ پ سان دلي محبت ڪري ٿو جيڪو نوجوان چيئرمين کي وزيراعظم ڏسڻ چاهي ٿو اسان سندس وڏي ڄمار لاءِ دعاڳو آهيون ۽ اسان کي اميد آهي ته ايندڙ اليڪشن ۾ ملڪ جو عوام پ پ پ کي ڪامياب ڪري بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائيندو ٻي پاسي بجاڻي هائوس ۾ ضلعي انفرميشن سيڪريٽري وسيم لطيف مگريو رمضان سري طرفان ۽ ٻين طرفان بلاول ڀٽو زرداري جي سالگره ڪيڪ ڪاٽيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڻيار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 23 سيپٽمبر 2026ع

قرضن جو وڌندڙ بار، معيشت لاءِ خطري جي گهنٽي!

ملڪي معيشت بابت سامهون آيل تازن انگ اکرن هڪ ڀيرو ٻيهر ڳڻتي پيدا ڪري ڇڏي آهي. مالي سال 2026-27ع جي پهرين ٻن مهينن، جولاءِ ۽ آگسٽ دوران وفاقي حڪومت هڪ ارب 70 ڪروڙ ڊالرن جو پرڏيهي قرض ورتو آهي. جيڪو گذريل سال جي ساڳئي عرصي دوران حاصل ڪيل 137 ارب ڊالرن جي ڀيٽ ۾ 23.60 سيڪڙو وڌيڪ آهي. پاڪستاني رقم ۾ هن قرض جي ماليت لڳ ڀڳ 4 سئو 76 ارب رپيا ٻڌائي وئي آهي. جڏهن ته گذريل سال ساڳئي عرصي دوران 3 سئو 91 ارب رپين جي برابر پرڏيهي قرض ورتو ويو هو. اهي انگ اکر ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته ملڪ جي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پرڏيهي قرضن تي ڀاڙڻ جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ ترقياتي منصوبن، صنعت، توانائي ۽ ٻين اهم شعبن لاءِ قرض وٺندا آهن پر اصل سوال اهو آهي ته قرض ڪهڙي مقصد لاءِ ورتو وڃي ٿو؟ ان مان ملڪ کي ڪيترو فائدو حاصل ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن قرض اهڙن منصوبن تي خرچ ٿئي، جيڪي ملڪ جي پيداوار وڌائين، روزگار جا موقعا پيدا ڪن برآمدات ۾ واڌ ڪن ۽ مستقبل ۾ آمدنيءَ جو ذريعو بڻجن ته اهو قرض هڪ معاشي سيڙپڪاري بڻجي سگهي ٿو پر قرض رڳو بجيٽ جو خسارو پورو ڪرڻ ۽ روزمره جا خرچ هلائڻ لاءِ استعمال ٿيندو رهي ته قرضن جو بار گهٽجڻ بدران وڌندو رهندو. رپورٽ موجب مالي سال جي گذريل ٻن مهينن دوران عالمي مالياتي ادارن طرفان پڻ 59 ڪروڙ ڊالرن کان وڌيڪ قرض فراهم ڪيو ويو ان کان علاوه مختلف ملڪن جهڙوڪ جرمني ۽ سعودي عرب پڻ مالي سهڪار فراهم ڪيو. ان سموري صورتحال مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان پنهنجي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ مختلف پرڏيهي ذريعن تي ڀاڙي رهيو آهي.

حقيقت اها آهي ته اسان کي هاڻي اهڙي معاشي پاليسيءَ جي ضرورت درپيش آهي، جنهن جو مقصد ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ قرض وٺڻ بدران ملڪي آمدني ۽ پيداوار وڌائڻ هجي. زراعت، صنعت، برآمدات، معدنيات، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ننڍن توڙي وچولي درجي جي ڪاروبارن کي مضبوط ڪرڻ سان ملڪ جي آمدني وڌائي سگهجي ٿي. خاص طور تي زراعت کي جديد سهولتون، مناسب پاڻي، بهتر ٻج، زرعي ٽيڪنالاجي ۽ هارين کي سندن فصل جو مناسب اگهه فراهم ڪرڻ سان زرعي پيداوار وڌائي سگهجي ٿي. جنهن سان ملڪي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏ زرعي شين جي برآمدات ۾ به واڌ ٿي سگهي ٿي اهڙي طرح ملڪ جي نوجوانن لاءِ روزگار جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا ۽ معيشت ۾ نئين توانائي ايندي. حڪومت کي پنهنجي خرچن ۾ به نظم آڻڻو پوندو. غيرضروري سرڪاري خرچ گهٽائڻ، ٽيڪس چوريءَ کي روڪڻ، ٽيڪس نظام کي وڌيڪ منصفاڻو بڻائڻ ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ کان سواءِ ملڪي آمدنيءَ ۾ پائيدار واڌ ممڪن ناهي. جيڪڏهن آمدني وڌائڻ بدران هر سال نئون قرض وٺي ڪوٽ پوري ڪئي ويندي ته قرضن جي واپسي ۽ وياج جي ادائيگي مستقبل ۾ بجيٽ تي وڌيڪ بار وجهندي.

ساڳئي وقت قرض وٺڻ واري عمل ۾ مڪمل شفافيت به ضروري آهي. قرضن جي استعمال بابت شفافيت سان نه رڳو عوام جو اعتماد وڌندو پر رقم جي غلط استعمال جا امڪان به گهٽ ٿيندا. پاڪستان کي هاڻي قرضن تي مستقل ڀاڙڻ بدران پنهنجي وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪرڻو پوندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن وسيلن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪيو وڃي ۽ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪيون وڃن، جن سان ملڪي آمدنيءَ جا نوان ذريعا پيدا ٿين. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان جي معاشي پاليسيءَ جو مرڪز قرض وٺڻ بدران آمدني وڌائڻ، پيداوار وڌائڻ ۽ برآمدات وڌائڻ هجي. قرض جيڪڏهن ترقيءَ لاءِ استعمال ٿئي ته اهو ملڪ لاءِ وسيلو بڻجي سگهي ٿو. پاڪستان جي مضبوط معاشي مستقبل لاءِ ضروري آهي ته ملڪ پنهنجي وسيلن، پنهنجي صنعت، پنهنجي زراعت ۽ پنهنجي ماڻهن جي محنت تي ڀروسو وڌائي، جيئن ايندڙ نسل کي وڌندڙ قرضن جو بار نه پر هڪ مضبوط ۽ خودمختيار معيشت ورثي ۾ ملي.

گاج ڊيم منصوبو: هڪ اميد، ڪجهه انديشا ۽ امڪان

محمد اسماعيل لانگاهه

سنڌ جي پاڻيءَ جي مسئلي تي جڏهن به ڳالهه ٿيندي آهي ته پاڻيءَ جي کوٽ، برساتي پاڻيءَ جو ضايع ٿيڻ، خشڪ سالي، زرعي بحران ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي کوٽ جهڙا سوال سامهون ايندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ گاج ڊيم منصوبو هڪ اهڙو منصوبو آهي، جنهن سان اميدون به وابسته آهن ۽ ڪيترائي سوال به. سن 2006ع ڌاري شروع ٿيل هن منصوبي کي هاڻي لڳ ڀڳ 25 ورهيه مڪمل ٿيڻ وارا آهن. پر ايترو ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود منصوبو اڃا تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. هن وڏي منصوبي جو ڪم ڪيترائي ڀيرا مبينا ڪرپشن ۽ ٻين سببن جي ڪري بند ٿيو ۽ وري شروع ڪيو ويو. موجوده رٿابندي موجب هن منصوبي کي 2030ع ڌاري مڪمل ٿيڻو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته 25 ورهين جي عرصي ۾ هن منصوبي جو ڪم اڃا تائين مڪمل ڇو نه ٿي سگهيو آهي؟ ڇا گاج ڊيم جو منصوبو ايندڙ ٽن يا چئن سالن ۾ واقعي مڪمل ٿي سگهندو؟ اهو هڪ وڏو ۽ ڳنڀير سوال آهي، جنهن جو جواب سنڌ جي عوام کي ملڻ گهرجي.

گاج ڊيم جو نالو خاص طور تي ڪاڇي ۽ دادوءَ جي علائقن سان لاڳاپيل آهي، جتي برساتن دوران وهندڙ پاڻيءَ جو وڏو حصو ذخيرو نه ٿيڻ سبب اجائي هلي ضايع ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن برساتي پاڻيءَ کي مناسب طريقي سان ذخيرو ڪري سگهجي ته اهو پاڻي خشڪ موسم دوران زراعت، پيئڻ ۽ ٻين ضرورتن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان لحاظ کان گاج ڊيم سنڌ لاءِ هڪ اهم آبي ذريعو ثابت ٿي سگهي ٿو جيڪو نه رڳو پاڻيءَ جي کوٽ کي گهٽائڻ ۾ مددگار ٿيندو، پر زرعي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۽ علائقي جي معاشي حالتن ۾ به بهتري آڻي سگهي ٿو.

گاج ڊيم سان سڀ کان وڏي اميد اها آهي ته برساتي پاڻيءَ کي محفوظ ڪري ڪاڇي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ زرعي سرگرمين کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي. جن علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب زمينون غير آباد آهن يا گهٽ پيداوار ڏين ٿيون، اتي پاڻيءَ جي دستيابي سان آبادڪاري ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. ان سان گڏ، جيڪڏهن منصوبي جي جوڙجڪ ۽ انتظام بهتر نموني سان ڪيو وڃي ته هي ڊيم برساتي ٻوڏ جي پاڻيءَ کي منظم ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. مقامي آباديءَ لاءِ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي ۽ زيرزمين پاڻيءَ جي سطح بهتر ٿيڻ جا امڪان پڻ موجود آهن. پر ڪنهن به وڏي منصوبي وانگر گاج ڊيم کي به رڳو اميدن جي نظر سان ڏسڻ ڪافي ناهي، ان جي مڪمل ٿيڻ، شفاف انتظام ۽ عملي نتيجن کي به يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

ڊيم جي تعمير سان لاڳاپيل ٻيو اهم سوال مقامي آبادي، زمينن ۽ ماحول بابت آهي. جن ماڻهن جون زمينون يا روزمره جون سرگرميون منصوبي جي ايراضيءَ سان لاڳاپيل آهن، انهن جي حقن ۽ مفادن جو تحفظ لازمي آهي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي سبب ماڻهن جي زمينن، گهرن يا روزگار تي اثر پوي ٿو ته رڳو معاوضو ڏيڻ ڪافي ناهي. بحالي، متبادل روزگار ۽ ڊگهي مدي وارا انتظام پڻ ضروري آهن. ترقيءَ جو اصل معيار اهو هجڻ گهرجي ته ان جا فائدا مقامي ماڻهن تائين به پهچن. ٻيو اهم پاسو ماحولياتي اثرن جو آهي. ڊيم جي تعمير کان اڳ پاڻيءَ جي قدرتي وهڪري، جهنگلي جيوت، مقامي ماحوليات ۽ هيٺين وهڪري وارن علائقن تي اثرن جو جامع جائزو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ماحولياتي نقصان جا امڪان موجود هجن ته انهن کي گهٽائڻ لاءِ واضح ۽ قابل عمل منصوبا هجڻ گهرجن.

پاڻي هوندو ته ورچ به اهم هوندي. گاج ڊيم جي ڪاميابي جو دارومدار رڳو ان ڳالهه تي نه هوندو ته ڊيم ۾ ڪيترو پاڻي ذخيرو ٿئي ٿو پر ان ڳالهه تي به هوندو ته اهو پاڻي ڪهڙي طريقي سان ورهايو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ماضيءَ جا ڪيترائي تجربا ٻڌائين ٿا ته پاڻيءَ جي دستيابي ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست ٻه الڳ مسئلا آهن. جيڪڏهن گاج ڊيم مان نڪرندڙ پاڻيءَ جا فائدا صرف ڪجهه علائقن يا ماڻهن تائين محدود ٿي وڃن ته منصوبو پنهنجي اصل مقصد کان پري ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ پاڻيءَ جي ورڇ، آبپاشي نظام، سار سنڀال ۽ مقامي نگراني بابت شفاف نظام ضروري آهي. ڪنهن به ترقياتي منصوبي جي پائيداري ان وقت وڌي ٿي، جڏهن مقامي ماڻهو ان کي پنهنجو منصوبو سمجهن. گاج ڊيم بابت پڻ مقامي آبادين، آبادگارن، ماهرن، ماحولياتي ماهرن ۽ چونڊيل نمائندن سان مشاورت ضروري آهي ماڻهن کي رڳو منصوبي جي اعلانن ذريعي آگاهه ڪرڻ بدران کين واضح طور ٻڌايو وڃي ته منصوبو ڪهڙي مرحلي ۾ آهي، ڪيتري لاڳت ايندي، ڪهڙا علائقا متاثر ٿيندا، ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا ۽ انهن فائدن جي ورڇ ڪيئن ٿيندي. گاج ڊيم سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي کوٽ، خشڪ سالي ۽ برساتي پاڻيءَ جي انتظام جي حوالي سان هڪ اهم موقعو بڻجي سگهي ٿو. پر ان منصوبي جي اهميت صرف ان جي تعمير ۾ نه، پر ان جي صحيح منصوبابندي، شفاف عملدرآمد، ماحولياتي تحفظ ۽ مقامي ماڻهن جي حقن جي حفاظت ۾ آهي.

اسان کي اهڙي ترقي گهرجي جيڪا صرف ڪنڪريٽ ۽ پٿر جي اڏاوت نه هجي، پر ماڻهن جي زندگيءَ ۾ حقيقي تبديلي آڻي. گاج ڊيم جيڪڏهن مقامي آبادي جي حقن، ماحولياتي گهرجن ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ کي نظر ۾ رکي اڳتي وڌايو وڃي ته اهو ڪاڇي لاءِ نئين اميد جو دروازو کولي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن منصوبابندي ۾ مقامي ماڻهن جا خدشا، ماحولياتي اثر ۽ پاڻيءَ جي ورڇ جا سوال نظرانداز ڪيا ويا ته پوءِ هڪ امڪاني حل پاڻ نوان مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو. ان ڪري گاج ڊيم بابت سوال اهو نه هجڻ گهرجي ته ڊيم ٺاهڻو آهي يا نه؟ اصل سوال اهو هجڻ گهرجي ته اهو ڊيم ڪيئن ٺاهيو وڃي، جيئن پاڻي به محفوظ ٿئي، زمين به آباد ٿئي، ماحول به محفوظ رهي ۽ مقامي ماڻهو به ان ترقي جا حقيقي ڀاڱي ڀائيوار بڻجن. گاج ڊيم هڪ اميد ضرور آهي، پر ان اميد کي حقيقت بڻائڻ لاءِ شفافيت، سائنسي منصوبابندي، عوامي شموليت ۽ ذميوار انتظام بنيادي شرط آهن هاڻ ڏسڻو آهي ته پنجويهه ورهيه رولڙي ۾ رهندڙ منصوبو ٽن ورهين ۾ جيڪڏهن پايه تڪميل تائين پهچي ٿو ته اِهو معجزي کان گهٽ نه هوندو پر هاڻ ناممڪن کي ممڪن بڻجڻ مشڪل ٿي نظر اچي رهيو آهي.

سعودي عرب جي موجوده صورتحال

اياز وگهيو

وچ اوڀر ۾ جنگ جا بادل هڪ ڀيرو ٻيهر گهرا ٿي رهيا آهن. يمن ۾ حوثين جي وڌندڙ فوجي سرگرمين، سعودي عرب ڏانهن ميزائل ۽ ڊرون حملن ۽ رياض جي جوابي ڪاروائين خطي جي سلامتيءَ کي نئين آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو آهي. يمن جي اها جنگ، جيڪا ڪجهه عرصي تائين جنگبندي، ڳالهين ۽ سفارتي ڪوششن جي پردي ۾ دٻيل نظر اچي رهي هئي، هاڻي ٻيهر اهڙي بحران ۾ تبديل ٿي رهي آهي، جنهن جا پاڇا يمن جي جبلن کان نڪري سعوديءَ جي شهرن، توانائيءَ جي بنيادي ڍانچي، ڳاڙهي سمنڊ ۽ باب المندب تائين پهچي رهيا آهن. گڏيل قومن پڻ سعودي عرب خلاف حوثي حملن ۽ يمن ۾ وڌندڙ فوجي چڪتاڻ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي. رياض لاءِ اهو صرف سرحدي سلامتيءَ جو مسئلو ناهي، بلڪ اهو سعودي عرب جي معاشي مستقبل، توانائيءَ جي تحفظ ۽ علائقائي حيثيت جو سوال پڻ آهي. سعودي قيادت هڪ طرف ملڪ کي تيل جي روايتي انحصار کان ٻاهر ڪڍي نئين معاشي دور ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ وڏا منصوبا اڳتي وڌائي رهي آهي ته ٻئي طرف يمن مان اٿندڙ جنگ جا شعلا ان سفر جي چوڌاري نئين غير يقيني پيدا ڪري رهيا آهن.

سعودي عرب جي موجوده صورتحال کي سمجهڻ لاءِ يمن کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ يمن جي جنگ صرف صنعا جي اقتدار جو سوال ناهي رهي پر ان سان گڏ باب المندب، ڳاڙهو سمنڊ، عالمي واپار، توانائيءَ جا رستا، ايران ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا ۽ آمريڪا جي علائقائي پاليسي به ڳنڍجي چڪي آهي. يمن جي اولهندي ميدان تي حوثين جي اڳڀرائي ۽ باب المندب جي ويجهو اهم علائقن تي سندن وڌندڙ اثر عالمي ساموندي واپار لاءِ به نئون خطرو پيدا ڪري رهيو آهي. باب المندب کي جيڪڏهن دنيا جي ساموندي واپار جو دروازو چيو وڃي ته غلط نه ٿيندو. هيءُ اهو رستو آهي، جتان گذرندڙ جهاز رڳو سامان ناهن کڻندا پر دنيا جي معيشت جي رفتار به پاڻ سان گڏ کڻندا آهن. جڏهن هن رستي تي جنگ جا آواز بلند ٿين ٿا ته انهن جي گونج رياض، دبئي يا صنعا تائين محدود نٿي رهي پر اها عالمي تيل مارڪيٽن، واپار، جهاز راني ۽ صارفين جي زندگيءَ تائين پهچي ٿي. گڏيل قومن پڻ خبردار ڪيو آهي ته باب المندب جي چوڌاري وڌندڙ چڪتاڻ عالمي ساموندي سلامتيءَ لاءِ سنگين مسئلو بڻجي سگهي ٿي. سعودي عرب لاءِ صورتحال ان وقت وڌيڪ حساس ٿي وڃي ٿي، جڏهن ملڪ جي توانائيءَ جي ڍانچي کي به خطرو درپيش هجي. سعودي عرب جي اوڀر-اولهه تيل پائپ لائين کي ڊرون حملي سبب نقصان پهچڻ ڪانپوءِ تيل جي ترسيل جا متبادل رستا استعمال ڪرڻا پيا آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته جديد جنگ هاڻي صرف سرحدن ۽ فوجي اڏن تائين محدود ناهي رهي، توانائيءَ جا رستا، بندرگاهون، پائپ لائنون ۽ اقتصادي ڍانچا به جنگ جو حصو بڻجي سگهن ٿا. پر سعودي عرب جي هن بحران ۾ هڪ ٻي وڏي ڪهاڻي به لڪل آهي، يعني ترقي ۽ جنگ جي وچ ۾ چڪتاڻ جي ڪهاڻي. سعودي عرب پنهنجي مستقبل کي نئين سر ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. تيل جي آمدنيءَ سان گڏ سياحت، صنعت، ٽيڪنالاجي، عالمي سيڙپڪاري، تفريح ۽ نون شهرن جي تعمير کي ملڪ جي مستقبل جو حصو بڻايو پيو وڃي. رياض دنيا کي اهو پيغام ڏيڻ چاهي ٿو ته سعودي عرب صرف تيل پيدا ڪندڙ ملڪ نه پر مستقبل جي عالمي معيشت جو اهم مرڪز بڻجڻ چاهي ٿو. پر معاشي خواب امن جي هوا ۾ ئي اڏامندا آهن.

جڏهن آسمان ۾ ڊرون اڏامندا هجن، سرحدن تي ميزائل وسي رهيا هجن ۽ ساموندي رستن تي جنگ جو خطرو هجي ته سيڙپڪار سوال ڪندا آهن. سياح سوچيندا آهن ۽ عالمي ڪمپنيون خطري جو نئون نقشو ڏاهينديون آهن. ان ڪري يمن جي جنگ سعودي عرب لاءِ رڳو دفاعي جنگ ناهي، بلڪ اها سعودي عرب جي معاشي تبديليءَ لاءِ به هڪ وڏو امتحان آهي. يمن جي بحران جو سڀ کان پيچيده پاسو اهو آهي ته ان کي رڳو سعودي عرب ۽ حوثين جي وچ ۾ جنگ سمجهڻ سان مڪمل تصوير سامهون نٿي اچي. ايران سان حوثين جا لاڳاپا، سعودي-ايراني علائقائي مقابلو، آمريڪا جو رويو، چين جون سفارتي ڪوششون ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي عالمي اهميت هن بحران کي هڪ وڏي علائقائي مسئلي ۾ تبديل ڪري رهيون آهن. رپورٽن موجب سعودي عرب چين کان مدد گهري آهي، جنهن کان پوءِ بيجنگ ايران تي حوثين کي روڪڻ لاءِ اثر استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. آمريڪا جو رويو پڻ سعودي عرب لاءِ اهم سوال بڻجي ويو آهي. يمن جي حڪومت طرفان آمريڪي فوجي مدد جي درخواست باوجود صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان سڌي فوجي مدد جو واعدو نه ڪرڻ جون رپورٽون سامهون آيون آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته واشنگٽن يمن جي بحران ۾ پنهنجي فوجي ڪردار کي محدود رکڻ چاهي ٿو جڏهن ته رياض لاءِ اهو سوال اهم ٿيندو پيو وڃي ته مستقبل جي علائقائي سلامتيءَ ۾ ڪيس ڪيترو ڀروسو ٻاهرين فوجي مدد تي رکڻو آهي؟ جنگ جي هن سڄي بحث ۾ سڀ کان وڏو ۽ ڏکوئيندڙ باب يمن جي عام ماڻهوءَ جو آهي. جنگ جا نقشا ڪاغذ تي ٺهن ٿا پر انهن جا زخم انسانن جي جسمن ۽ گهرن تي لکجن ٿا. يمن ۾ نئين ويڙهه سبب وڏي تعداد ۾ خاندان پنهنجا گهر ڇڏي بي گهر ٿي چڪا آهن. ڪيترائي ماڻهو خطرناڪ ساموندي سفر اختيار ڪري محفوظ هنڌن ڏانهن وڃڻ تي مجبور آهن. هڪ اهڙي ملڪ ۾، جيڪو اڳ ئي ڊگهي جنگ، غربت ۽ تباهه ٿيل بنيادي سهولتن جو بار کڻي رهيو آهي، نئين جنگ جو مطلب هڪ نئين انساني الميي کان گهٽ ناهي. هتي سعودي عرب جي سامهون سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته ڇا جنگ سان سلامتي مستقل بڻجي سگهي ٿي؟

هن وقت سعودي عرب هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي، جتي هڪ پاسي ريگستان مان نئين مستقبل جا شهر اڀري رهيا آهن ته ٻئي طرف يمن جي جبلن مان جنگ جا آواز اچي رهيا آهن. هڪ طرف ترقيءَ جو خواب آهي ته ٻئي طرف علائقائي جنگ جو خطرو. يعني هڪ طرف عالمي سيڙپڪاريءَ کي دعوت آهي ۽ ٻئي طرف ميزائلن ۽ ڊرونن جي ڇانوَ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. اصل سوال اهو ناهي ته ايندڙ حملي جو جواب ڪيترو سخت هوندو؟ اصل سوال اهو آهي ته ايندڙ نسل لاءِ وچ اوڀر ڪهڙو ڇڏڻو آهي؟ جيڪڏهن يمن جي جنگ ٻيهر ڊگهي علائقائي جنگ ۾ تبديل ٿئي ٿي ته انهيءَ جا اثر سعودي عرب کان گهڻو اڳتي ويندا. اهڙي سوچ، جنهن ۾ فتح جو مطلب ڪنهن شهر جي تباهي نه پر ڪنهن ٻار جو محفوظ مستقبل هجي، جنهن ۾ طاقت جو مطلب رڳو ميزائل نه پر ڳالهين جي ميز تي ويهڻ جي صلاحيت به هجي.

فوجي طاقت حملي کي روڪي سگهي ٿي، ميزائل کي هوا ۾ تباهه ڪري سگهي ٿي ۽ ڪجهه وقت لاءِ دشمن جي اڳڀرائيءَ کي پٺتي ڌڪي سگهي ٿي پر مستقل امن لاءِ سياسي حل ضروري هوندو آهي. يمن جو بحران به آخرڪار ڳالهين جي ميز تي ئي ختم ٿيندو. گڏيل قومن به ڌرين کي وڌيڪ چڪتاڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ سياسي ڳالهين ڏانهن موٽڻ تي زور ڏنو آهي. سعودي عرب جي طاقت رڳو ان جي تيل جي ذخيرن ۾ ناهي پر ان جي اصل طاقت ان صلاحيت ۾ به آهي ته هو علائقائي بحرانن کي سفارتڪاريءَ ذريعي محدود ڪري سگهي. ايران سان ڳالهه ٻولهه جا دروازا کليل رکڻ، يمن ۾ سياسي حل جي حمايت ڪرڻ ۽ عالمي طاقتن سان متوازن سفارتڪاري سعودي عرب کي اهڙو رستو ڏئي سگهي ٿي، جنهن ۾ دفاع ۽ امن هڪ ٻئي جا مخالف نه پر ساٿي بڻجي سگهن. پاڪستان لاءِ به سعودي عرب جي صورتحال اهم آهي. ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا تاريخي، معاشي، دفاعي ۽ عوامي سطح تي گهرا آهن. وچ اوڀر ۾ وڌندڙ چڪتاڻ جو اثر توانائي، واپار ۽ خطي جي سفارتڪاريءَ تائين پهچي سگهي ٿو. اهڙي ماحول ۾ پاڪستان لاءِ علائقائي امن، سفارتڪاري ۽ عالمي ساموندي رستن جي تحفظ جي حمايت اهم حيثيت رکي ٿي. پاڪستان تازو باب المندب ۾ واپاري جهازن خلاف حملن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي انهن کي روڪڻ جو مطالبو پڻ ڪيو آهي.

هن وقت سعودي عرب هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي، جتي هڪ پاسي ريگستان مان نئين مستقبل جا شهر اڀري رهيا آهن ته ٻئي طرف يمن جي جبلن مان جنگ جا آواز اچي رهيا آهن. هڪ طرف ترقيءَ جو خواب آهي ته ٻئي طرف علائقائي جنگ جو خطرو، يعني هڪ طرف عالمي سيڙپڪاريءَ کي دعوت آهي ۽ ٻئي طرف ميزائلن ۽ ڊرونن جي ڇانوَ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. اصل سوال اهو ناهي ته ايندڙ حملي جو جواب ڪيترو سخت هوندو؟ اصل سوال اهو آهي ته ايندڙ نسل لاءِ وچ اوڀر ڪهڙو ڇڏڻو آهي؟ جيڪڏهن يمن جي جنگ ٻيهر ڊگهي علائقائي جنگ ۾ تبديل ٿئي ٿي ته انهيءَ جا اثر سعودي عرب کان گهڻو اڳتي ويندا. اهڙي سوچ، جنهن ۾ فتح جو مطلب ڪنهن شهر جي تباهي نه پر ڪنهن ٻار جو محفوظ مستقبل هجي، جنهن ۾ طاقت جو مطلب رڳو ميزائل نه پر ڳالهين جي ميز تي ويهڻ جي صلاحيت به هجي سعودي عرب جي اصل آزمائش شايد هاڻي اتي ئي شروع ٿئي ٿي؛ ڇا رياض جنگ جي پاڇن مان نڪري پنهنجي ترقيءَ جي روشنيءَ کي محفوظ رکي سگهي ٿو؟

سنڌ جو معاشي مقام

محمد خان ابڙو

پاڪستان جي معاشي تاريخ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي ڪردار کي نظرانداز ڪيو وڃي ته اها تاريخ اڌوري رهجي ويندي. سنڌو درياهه جي ڪنارن تي آباد اهو خطو هزارين سالن کان واپار، زراعت، صنعت ۽ تهذيبي سرگرمين جو اهم مرڪز رهيو آهي. موهن جو دڙو ان ڳالهه جو وڏو ثبوت آهي ته اڄ کان هزارين سال اڳ به هن ڌرتيءَ جا ماڻهو شهرن جي منصوبابندي، هنر، دستڪاري، واپار ۽ منظم معاشي زندگيءَ کان واقف هئا. پاڪستان جي قيام کانپوءِ به سنڌ پنهنجي زرعي زمين، قدرتي وسيلن، بندرگاهن، صنعت، واپار ۽ ماڻهن جي محنت وسيلي ملڪ جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. سنڌ جي اصل معاشي طاقت ان جا لکين محنت ڪندڙ ماڻهو آهن. جيڪي ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ ۽ صوبي جي معاشي ڦيٿي کي هلائين ٿا. سنڌ جو هاري ٻنين ۾ پورهيو ڪري اناج ۽ مختلف فصل پيدا ڪري ٿو. مهاڻو سمنڊ مان مڇي ۽ ٻيو سامونڊي کاڌو حاصل ڪري پنهنجي خاندان جو گذر سفر ڪري ٿو. مزدور ڪارخانن کي هلائڻ ۾ پنهنجو حصو ادا ڪن ٿا، واپاري مارڪيٽن کي آباد رکن ٿا. جڏهن ته هنرمند پنهنجي هٿ جي هنر وسيلي سنڌ جي ثقافت کي معاشي سرگرمي ۾ تبديل ڪن ٿا. پاڪستان جي معيشت ۾ سنڌ جو حصو اصل ۾ انهن سڀني ماڻهن جي گڏيل محنت جو نتيجو آهي جن پنهنجي پورهئي سان معيشت کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي.

زرعي معيشت جي حوالي سان سنڌ کي غيرمعمولي اهميت حاصل آهي. هتي ڪڻڪ، چانور، ڪمند، ڪيلا، انب ۽ مختلف قسمن جون ڀاڄيون وڏي مقدار ۾ پيدا ٿين ٿيون. گهوٽڪي، خيرپور، سکر، لاڙڪاڻو، نوابشاهه، سانگهڙ، ميرپورخاص، بدين ۽ ٺٽو جهڙا ضلعا نه رڳو ملڪ جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ حصو وٺن ٿا پر صنعتي ۽ واپاري سرگرمين کي به سهارو ڏين ٿا. سنڌ جي ڪپهه، ڪپڙي جي صنعت لاءِ اهم خام مال جي حيثيت رکي ٿي جڏهن ته چانور، انب ۽ ڪيلا ملڪ جي واپار ۽ برآمدات ۾ پڻ حصو وٺن ٿا. پر سنڌ جو هاري ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. پاڻيءَ جي ورڇ ۾ زرعي خرچن ۾ مسلسل واڌ، فصلن جو مناسب اگهه نه ملڻ ۽ جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ تائين محدود رسائي اهڙا مسئلا آهن جيڪي هاريءَ جي زندگيءَ کي ڏکيو بڻائي رهيا آهن. ننڍا آبادگار ۽ هاري ڪيترائي ڀيرا پنهنجي پيداوار جي حقيقي معاشي قدر کان محروم رهجي وڃن ٿا. جيڪڏهن زراعت قومي معيشت جو بنياد آهي ته پوءِ ان بنياد کي مضبوط ڪندڙ هاريءَ جي خوشحالي به قومي ترجيح هجڻ گهرجي. هاري کي مناسب پاڻي، سٺو ٻج، زرعي مشينري، جديد طريقيڪار ۽ سندس فصل جو مناسب اگهه فراهم ڪرڻ کان سواءِ زرعي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ممڪن ناهي.

پاڪستان جي صنعتي ۽ واپاري ترقيءَ جو ذڪر ڪراچيءَ کانسواءِ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ڪراچي سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ معاشي حقيقت جو حصو آهي ۽ ملڪ جو هڪ وڏو صنعتي، واپاري ۽ مالياتي مرڪز پڻ آهي. ڪراچيءَ جون بندرگاهون، بئنڪ، ڪارخانا، واپاري مرڪز ۽ ٻيا معاشي ادارا ملڪ جي معاشي سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ڪراچيءَ جي ترقيءَ ۾ سنڌ جي زمين، سامونڊي ڪناري واري جاگرافيائي حيثيت، مقامي آبادي ۽ ملڪ جي مختلف علائقن مان ايندڙ ماڻهن جي محنت گڏجي ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪراچيءَ جي بندرگاهه ۽ ان جي واپاري اهميت پاڪستان جي قيام کان اڳ به موجود هئي. ملڪ جي قيام ۽ ورهاڱي کان پوءِ مختلف علائقن مان ايندڙ واپارين، صنعتڪارن ۽ مزدورن شهر جي معاشي سرگرمين کي وڌيڪ وڌايو. انهيءَ گڏيل تاريخ جو احترام ڪرڻ ضروري آهي پر ان سان گڏ اها حقيقت به واضح آهي ته ڪراچي سنڌ جو حصو آهي ۽ ڪراچيءَ جي ترقيءَ جا فائدا رڳو شهر تائين محدود نه رهڻ گهرجن پر انهن جو مناسب حصو ڪراچيءَ جي سمورن رهواسين سان گڏ سڄي سنڌ تائين به پهچڻ گهرجي. سنڌ جا قدرتي وسيلا پاڪستان جي معيشت ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. ٿر ۾ موجود ڪوئلي جا وڏا ذخيرا، تيل ۽ گئس جي پيداوار ۽ سنڌ جا سامونڊي وسيلا ملڪ جي توانائي ۽ صنعتي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو وجهن ٿا. ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ٿيڻ سان ملڪ جي توانائيءَ واري نظام ۾ به اهم واڌ ٿي آهي پر ڪنهن به منصوبي جي ترقيءَ جو اصل معيار رڳو سيڙپڪاري يا بجليءَ جي پيداوار نه هجڻ گهرجي. اهو پڻ ڏسڻ ضروري آهي ته جن علائقن مان اهي وسيلا حاصل ڪيا وڃن ٿا، اتي رهندڙ مقامي ماڻهن کي تعليم، صحت، روزگار، صاف پاڻي، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن مان ڪيترو فائدو ملي رهيو آهي.

سنڌ جي سامونڊي علائقن ۾ مڇي مارڻ جو ڪم هزارين خاندانن جي روزگار جو وڏو ذريعو آهي. ڪراچي، ٺٽو، سجاول ۽ بدين جا مهاڻا سمنڊ مان مڇي، جهينگا ۽ ٻيون سامونڊي شيون حاصل ڪن ٿا، جيڪي مقامي مارڪيٽن ۾ وڪامن ٿيون. ان سان گڏوگڏ برآمدات واري واپار جو به حصو بڻجن ٿيون پر سامونڊي آلودگي، تمر جي ٻيلن جي تباهي، سامونڊي وسيلن تي وڌندڙ دٻاءُ ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب انهن خاندانن جو مستقبل متاثر ٿي رهيو آهي. سامونڊي معيشت کي ترقي ڏيڻ جو مطلب صرف مڇي ۽ جهينگا حاصل ڪرڻ يا برآمد ڪرڻ ناهي پر ان سان گڏ مهاڻن جي روزگار ۽ حقن جو تحفظ، سامونڊي ماحول جي حفاظت ۽ ساحلي علائقن جي ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ به ضروري آهي. سنڌين جي معاشي خدمتن ۾ واپار ۽ ڪاروبار جي پڻ هڪ ڊگهي تاريخ آهي. شڪارپور ۽ حيدرآباد جهڙا شهر تاريخي طور تي واپاري سرگرمين جا اهم مرڪز رهيا آهن. اڄ به سنڌ جي مختلف شهرن ۾ واپاري، صنعتڪار ۽ ڪاروباري خاندان ملڪ جي معيشت ۾ پنهنجو حصو وجهي رهيا آهن. ساڳي طرح اجرڪ، سنڌي ٽوپي، رليون، ڪاشيءَ جو ڪم، ڪاٺ جي ڪاريگري ۽ هٿ جي هنر سان لاڳاپيل ٻين شين سان هزارين خاندانن جو روزگار وابسته آهي. جيڪڏهن انهن شين کي بهتر نموني متعارف ڪيو وڃي، مارڪيٽ تائين رسائي آسان بڻائي وڃي ۽ عالمي منڊيءَ تائين پهچ جا موقعا پيدا ڪيا وڃن ته سنڌ جي هن دستڪاريءَ واري شعبي کي وڌيڪ هٿي ڏئي سگهجي ٿي. پاڪستان هڪ وفاقي ملڪ آهي ۽ وفاق جي طاقت ان جي سمورن صوبن ۽ وفاقي وحدتن جي هڪ ٻئي سان احترام واري لاڳاپي ۾ آهي. سنڌ کي پنهنجي آئيني حقن، پاڻيءَ جي منصفاڻي حصي، قدرتي وسيلن بابت قانوني حق ۽ پنهنجي ترقياتي ضرورتن لاءِ آواز اٿارڻ جو مڪمل حق حاصل آهي. انهن معاملن جو حل آئيني طريقيڪار، شفاف انگ اکرن، مناسب منصوبابندي ۽ صوبن وچ ۾ ڳالهين وسيلي ڳولڻ گهرجي. وسيلن بابت اختلافن کي تڪرار وڌائڻ بدران ڳالهين ۽ قانوني رستي سان حل ڪرڻ ئي ملڪ جي مجموعي مفاد ۾ آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 23 سيپٽمبر

سيد احسن الهاشمي



اڄ مشهور غزل گو شاعر ۽ اديب احسن الهاشميءَ جي جنم جو ڏينهن آهي احسن الهاشميءَ جو اصل نالو سيد حسن علي شاهه ولد مٺن شاهه هو ۽ پاڻ 23 سيپٽمبر 1923ع تي حيدرآباد شهر جي ٽنڊي مير نورمحمد ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم گنوبندر پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين ان بعد نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، اورينٽل ڪاليج امرتسر ۽ علم نژاد جاشڪ ايران ۾ پڙهيو. سنڌيءَ سان گڏ عربي ۽ فارسي ٻوليءَ تي چڱو عبور حاصل هئس هو سياسي طور تي پهريائين خاڪسار تحريڪ ۽ پوءِ آل انڊيا مسلم ليگ سان وابسته رهيو. شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس سندس وڏي ڀاءُ سيد حيدر شاهه حيدر ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي صحبت ۾ سندس شاعري پڪي ۽ پختي بڻجي وئي هو مرثئي، نعت، منقبت ۽ غزل جو هڪ وڏو شاعر ٿي اڀريو سندس شاعري ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جو هڪ سهڻو سنگم آهي نامياري اديب تاج جوئي هن جو ڪلام "سڪل وڻ صحرا جو" ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي هن ريڊيو پاڪستان لاءِ به ڪيترائي اسڪرپٽ ۽ ڊراما لکيا هن ناميارو اديب 24 جنوري 2007ع تي وفات ڪئي

زوار نظر حسين بلوچ

هن نالياري صحافيءَ ۽ ليکڪ 23 سيپٽمبر 1943ع تي جهول ضلعي سانگهڙ ۾ الهڏني خان بلوچ جي گهر ۾ اکيون کوليون هن ابتدائي تعليم جهول مان ۽ مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ جا امتحان سانگهڙ مان پاس ڪيا اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ انشورنس ڪمپنيءَ ۾ سيلز مين طور ڪئي هو هڪ محنتي صحافي پڻ هو ۽ "روزاني هلچل" جو ايڊيٽر رهيو. هن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ "روزاني عبرت"، "روزاني امت ڪراچي" ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪيترائي ڪالم لکيا هن "گونج" نالي سان هڪ ماهوار رسالو پڻ جاري ڪيو هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ ڪيترائي مزاحيه پروگرام ۽ ناٽڪ لکيا هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا، جن مان "جديد وتايو فقير" ڪافي مشهور ٿيو

سهائي ٽالپر



اڄ مشهور پوليس آفيسر سهائي ٽالپر پنهنجي سالگره ملهائي رهي آهي سنڌ جي هن هونهار نياڻيءَ 23 سيپٽمبر 1987ع تي ڊاڪٽر عزيز ٽالپر جي گهر ڳوٺ پاڪي خان ٽالپر ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ جنم ورتو. هن پهرئين ڪلاس کان نائين ڪلاس تائين ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم حاصل ڪئي جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ جا امتحان بحريه فائونڊيشن حيدرآباد مان پاس ڪيا هن بي ڪام ۽ ايم اي ايڪانامڪس جا امتحان زبيده ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيا هن 2012ع ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوليس کاتي ۾ اي ايس پي طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي سينئر سپرنٽينڊنٽ پوليس (ايس ايس پي) طور ذميداريون سنڀالي رهي آهي هن کي سنڌ جي بهترين پوليس آفيسرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو نومبر 2018ع ۾ ڪجهه شرپسندن ڪراچيءَ ۾ چيني قونصليٽ تي حملو ڪيو هو سهائي ٽالپر بهادريءَ سان مقابلو ڪري انهيءَ حملي کي ناڪام بڻايو سندس بهادريءَ جو قدر ڪندي چين جي سرڪار 2024ع ۾ کيس "گريٽ وال ڪوميموريٽو اوارڊ" سان نوازيو سنڌ جي هن پوليس آفيسرياڻي کي سندس جنم ڏينهن جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي

سهائي ابڙو



اڄ مشهور ٽي وي اداڪاره ۽ ڊانسر سهائي ابڙو جي سالگره جو ڏينهن آهي هوءَ 23 سيپٽمبر 1993ع تي ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿي سندس والد خدابخش ابڙو ملڪ جو مشهور چترڪار ۽ والده عطيه دائود مشهور شاعره آهي هن ستن ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ مشهور ڪلاسيڪي ڊانسر شيما ڪرماڻيءَ کان ڊانس جي تربيت وٺڻ شروع ڪئي ۽ اٺن ورهين جي ڄمار ۾ هڪ ميوزڪ وڊيو ۾ ڊانس ۽ اداڪاري ڪئي ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ هن ٽيلي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 2010ع ۾ هڪ حادثي کان پوءِ ڊاڪٽرن کيس ڊانس ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي پر هن پوءِ به ڊانس ۽ اداڪاريءَ جو شوق جاري رکيو. هن ڪيترين ئي دستاويزي فلمن، ناٽڪن، ٽي وي ڊرامن ۽ ميوزڪ وڊيوز ۾ ڪم ڪري مڃتا ماڻي آهي

ڪشنچند بيوس



اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مايه ناز شاعر ڪشنچند بيوس جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي ساهت نگر جي هن سرموڙ شاعر 25 فيبروري 1895ع تي لاڙڪاڻي جي رهواسي ٽيرٿداس کتريءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون هن سنڌيءَ جي تعليم پنهنجي شهر ۾ ئي حاصل ڪئي ۽ پرائمري استادن جي سکيا جو ڪورس پورو ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو انگريزي ٻوليءَ جي چڱي ڄاڻ هئس عمر جي آخري حصي ۾ هو لاڙڪاڻي يا آسپاس جي ڪنهن اسڪول جو هيڊماستر هو هن شاعريءَ جي شروعات سورهن سالن جي عمر ۾ ڪئي ان وقت هو استادن جي سکيا واري اسڪول جو شاگرد هو 1925ع کان 1940ع واري عرصي دوران سندس شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي شاعرن ۾ ٿيڻ لڳو سندس ٻارن لاءِ لکيل گيت اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور آهن 28 کان 30 مارچ 1941ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن جي صدارت ڪشنچند بيوس ڪئي اديب هجڻ سان گڏوگڏ هو هڪ سٺو حڪيم پڻ هو هن 23 سيپٽمبر 1947ع تي لاڙڪاڻي ۾ پرلوڪ پڌاريو. سندس ڪتابن ۾ سامونڊي سپون، شيرين شعر، قول داني گروناڪ جيون ڪٿا، موجي گيت، انبلٽ، بيوس گيتا تجلي ۽ ٻيا شامل آهن سندس شاعريءَ، شخصيت ۽ ادبي خدمتن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن

چام خان چانڊيو

چام خان چانڊيو بدين ضلعي جي شهر ڪڏڻ ويجهو ڳوٺ ٻيڙي خان چانڊئي ۾ 9 جون 1891ع تي ڄائو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" ۾ لکيو آهي ته هو شيعه فرقي سان تعلق رکندو هو پر اصحابين سڳورن لاءِ کيس عزت هوندي هئي ۽ انهن جي حب ۽ شان ۾ ڪيترو ئي ڪلام چيو اٿس هن بزرگ شاعر 23 سيپٽمبر 1956ع تي وفات ڪئي

عبداللطيف تاپر

شڪارپور سان واسطو رکندڙ رئيس عبداللطيف تاپر جو جنم 15 ڊسمبر 1933ع تي ٿيو هن پهرئين ڪلاس کان مئٽرڪ تائين تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪئي هو پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو شاعريءَ ۾ "لطيف" سندس تخلص هو سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "برهه جي باهه" ۽ "تحفته العاشقين" شامل آهن هن 23 سيپٽمبر 1957ع تي دم ڏئي حوالي ڪيو

سيد صادق علي شاهه

سيد صادق علي شاهه شڪارپور شهر جو مشهور مسلم ليگي اڳواڻ هو سندس جنم 10 سيپٽمبر 1910ع تي سيد بهار علي شاهه جي گهر ۾ ٿيو پاڻ هڪ خوشحال گهراڻي جو چشم ۽ چراغ هو ۽ شڪارپور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن ۽ اڳواڻ هو. هو شڪارپور ۾ انهيءَ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ نائب صدر پڻ رهيو صحافت سان به سندس گهڻي دلچسپي هئي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ "سحر" اخبار جاري ڪيائين هن پاڪستان ۾ ون يونٽ لاڳو ٿيڻ جي کليل لفظن ۾ مخالفت ڪئي هن 23 سيپٽمبر 1961ع تي وفات ڪئي

مختيار اٽڙ

محمد طاهر سومرو

هن ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جو جنم 5 مئي 1923ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو وڌيڪ اعليٰ تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪري لوڪل بورڊ ۾ اڪائونٽس آفيسر مقرر ٿيو ۽ مختلف شهرن ۾ انهيءَ عهدي تي ڪم ڪري 1982ع ۾ رٽائر ٿيو هو هڪ چڱو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو سندس اڪثر لکڻيون ڇپجي نه سگهيون پر سندس پونئرن وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهن هن 23 سيپٽمبر 1984ع تي وفات ڪئي

سليم هالائي



هن نامور ليکڪ ۽ صحافيءَ جو جنم 12 نومبر 1918ع تي هالا ۾ ٿيو سندس چئنيءَ جو نالو عبدالحئي ابڙو هو هن ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڪوٽڙيءَ مان پاس ڪيو هن ايل ايل بي جي سند ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي ۽ آمريڪا جي انڊيانا يونيورسٽيءَ مان وزيوئل ايڊيوڪيشن ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم اي جي سند پڻ حاصل ڪيائين هن شروع ۾ پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي ۾ ڪلارڪ طور نوڪري ڪئي، ان بعد سنڌ جي سڌ سماءَ واري کاتي ۾ انفارميشن آفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون ڪجهه عرصو سروري اسلاميه ڪاليج هالا جي پرنسپال طور پڻ ذميداريون سنڀاليائين هو هوميوپيٿڪ جو وڏو ماهر هو ۽ هالا ۾ هوميوپيٿڪ دوائن وسيلي مريضن جو علاج ڪندو هو ادبي دنيا ۾ هو هڪ برک شاعر ۽ نثر نويس طور ياد ڪيو وڃي ٿو هن جي لکيل ڪتابن ۾ "بهار طالب"، "تذڪره شعراءِ هالا"، "شهرياتو" ۽ "شڪوهِ سنڌ" شامل آهن هن 23 سيپٽمبر 1992ع تي هن فاني جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو

آنند پرڪاش مهاتما

هيءُ پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ، شاعر ۽ حڪيم هو سندس جنم 1919ع ڌاري ڪنڌڪوٽ شهر ۾ ٿيو هن طبيه ڪاليج حيدرآباد ۽ جامع طبيه ڪاليج دهليءَ مان طب جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هن جو ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ عاليشان شفاخانو قائم ٿيل هو جتي يوناني طريقي سان مريضن جو علاج ڪندو هو طب سان گڏ علم ڪيميا جو به وڏو ڄاڻو هو ۽ علم ڪيميا جي مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيائين. ادب جي دنيا ۾ کيس هڪ وڏي شاعر ۽ نثر نويس طور ياد ڪيو وڃي ٿو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "مارئي ولاس" (شاعري)، "پرڪاش پشپانجلي"، "ياد لطيف" ۽ "جديد طب جا تو رتن" شامل آهن. تاريخ 23 سيپٽمبر 1998ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

خالد سنڌي

اڄ نالياري اديب، پبلشر ۽ سماجي اڳواڻ خالد سنڌيءَ جي ورسيءَ جي تاريخ آهي هن جو پورو نالو خالد حسين ولد جان محمد ٻگهيو هو 2 جون 1912ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون به حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ ۾ هو هڪ بينڪ آفيسر هو ۽ آل پاڪستان بينڪ آفيسر يونين جو سيڪريٽري به رهيو هن سنگت، چارڻ ۽ بلال پبليڪيشن جو بنياد وجهي ڪافي سنڌي ڪتاب ڇاپيا. هن چارڻ، هيجل ۽ سنگت جي نالي سان ادبي رسالا به جاري ڪيا پر اهي گهڻو عرصو نه هلي سگهيا هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "هر دل ڪربلا" ۽ "هوندا سي حيات" شامل آهن سماجي ڪمن ۾ هميشه اڳڀرو رهيو هن 23 سيپٽمبر 1999ع تي قاسم آباد حيدرآباد ۾ وفات ڪئي

عبدالحق عظيم



اڄ مرحوم عبدالحق عظيم جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو هڪ ناليوارو اديب، صحافي ۽ ٽيليويزن جو پروڊيوسر هو. هن 24 نومبر 1935ع تي ٽنڊي ڄام ۾ محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ اک کولي ٽنڊي ڄام ۽ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪري گريجوئيٽ ٿيو بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ماس ڪميونيڪيشن ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. هن سنڌي ادبي بورڊ جي پرنٽنگ پريس ۾ اسسٽنٽ مئنيجر طور ڪم ڪيو پنهنجي صحافتي سفر جي شروعات "روزاني ڪاروان" ۽ "روزاني هلال پاڪستان" ۾ سب ايڊيٽر طور ڪيائين. هن ماهوار رسالن مارئي، هيجل ۽ بادل جي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيو. هو هڪ بهترين ليکڪ هو سندس ڪهاڻيون، نظم، مضمون، خاڪا ۽ ڪالم مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيا. اڳتي هلي پاڪستان ٽيليويزن تي پروڊيوسر مقرر ٿيو ۽ ڪيترائي يادگار پروگرام پيش ڪيائين. شاگرديءَ واري زماني ۾ ون يونٽ خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ کيس گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويو. 4 مارچ واري واقعي خلاف احتجاج دوران پڻ قيد جون سختيون برداشت ڪيائين. هي عظيم انسان 23 سيپٽمبر 2020ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

ڪوڏومل واڌواڻي جاتب

ڪوڏومل واڌواڻي سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ شاعر هو هن 4 نومبر 1947ع تي سچل جي نگريءَ درازا شريف ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. سندس جنم واري سال ئي هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ هن جو خاندان سنڌ جي سون ورني ڌرتيءَ کي الوداع چئي هندستان جي شهر احمدآباد ۾ وڃي آباد ٿيو سندس جيون ڪافي غربت ۾ گذريو هن هوٽلن ۾ ڪم ڪري ۽ مل ۾ مزدوري ڪري پنهنجي خاندان جو پيٽ پاليو غربت سبب فقط ست درجا پڙهي سگهيو هن 1990ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جلدئي سنڌي شاعريءَ جي افق تي وهلو تارو بڻجي چمڪڻ لڳو شاعريءَ ۾ ڀڳوانداس دولتاڻي هوش ۽ ڀڳوان هوتچنداڻي نروش سندس استاد هئا هن جي شاعريءَ جا 5 مجموعا شايع ٿيا. جن ۾ "چو دل ٿي دل کان ڌار پرين"، "رڪجي ويندي رات"، "روشنيءَ"، "سرمئي شام" ۽ "ميندي رتا وار" شامل آهن هن هندستان ۾ ٺهندڙ سنڌي فلمن "پيار جا رنگ"، "وردان"، "دل ڏجي دل وارن کي" ۽ "آخرين سنڌي" لاءِ گيت پڻ لکيا. هن انمول شاعر 23 سيپٽمبر 2023ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 349 سال 2026

مسمات شهزادي زال عرفان رهنڌڙ ڳوٺ الله ڏنو پنهور تعلقو نوابشاهه ..پلينٽف..بخلاف.. عرفان ولد گلشير رهنڌڙ خدا جي بستي ڳوٺ محمد جمالي تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-23 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 83 سال 2026

مسمات حنا بيبي ڌيءَ نصير احمد بلوچ رهنڌڙ ڳوٺ ليارِي پي او دوڙ 72 نصرت ..پلينٽف..بخلاف.. عاشق علي ولد حاڪم الدين بلوچ رهنڌڙ اسٽريٽ نمبر 1 ڪچي نهر ڳهمن آباد حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-02 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

اصغر علي ولد علي محمد خان مگسي رهنڌڙ ڳوٺ بخشو مگسي تعلقو سڪرنڊ ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات صنم ڌيءَ محمد خان مگسي رهنڌڙ ڳوٺ بخشو مگسي تعلقو سڪرنڊ (2) جنرل پبلڪ .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) محمد ساٿڻ جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-30 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

مسمات غلام فاطمه بيواهه علي محمد ذات شر رهنڌڙ ڳوٺ عبدالستار ديهه A-279 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلع ميرپورخاص ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) حاڪمزادي بيواهه عبدالستار ذات شر رهنڌڙ ڳوٺ عبدالستار ديهه 279-A تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلع ميرپورخاص (2) فاطمه علي (3) ياسر علي (4) آصف علي سڀ پٽ ڌيئرون علي محمد ذات شر ماتر (5) مينيجر يو بي ايل برانچ ڪوٽ ميرس لانڍي تعلقو ڪوٽ غلام محمد (6) انچارج نادرا سينٽر ڪوٽ غلام محمد (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي علي محمد ولد عبدالستار تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-28 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

عام اطلاع

جيئن ته مون ديهه لڙڪي ٽپو فتح باغ تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ عدد پلاٽ نمبر5 ايراضي 1875 (ارڙهن سو پنجهتر) هر چورس فوٽ پلاٽ جي مالڪ نالي راجيش ڪمار ولد ڏيو مل رهنڌڙ گهر نمبر 136 يونٽ نمبر 16 چئيڙ محلو شهر ۽ تعلقو ماتلي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر 41103،3605208،3 کان خريد ڪيو آهي جنهن جو سودو هلنڊڙ آهي مٿي ڄاڻايل پلاٽ بابت جيڪڏهن ڪنهن به ڪمپني، فرم، اداري، ڪريا فرد کي ڪو به اعتراض هجي ته اشاعت جي (7) ستن ڏينهن اندر پنهنجا اعتراض شاهدن ۽ ثبوتن سان پيش ڪري معياد گذرڻ کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتراض قبول نه ڪيو ويندو ۽ سودو مڪمل ڪري رجسٽري ڪرائي رڪارڊ ۾ داخلا رکي ويندي

پويش ڪمار ولد مڪيش ڪمار رهنڌڙ گهر نمبر B-1136چيئڙ محلو شهر ۽ تعلقو ماتلي ضلعو بدين سڃاڻپ ڪارڊ نمبر 41103،8075557،1

عام اطلاع

هرعام خاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته اٿون تحسين عطاري ولد عبدالرشيد عطاري شناختي ڪارڊ نمبر 4130367757359 هڪ عدد پلاٽ نمبر 249 ايراضي 400 مربع چورس واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ بينظير زال راز محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130417405592 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي تحريري طور آگاهه ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

تحسين عطاري ولد عبدالرشيد عطاري معرفت ملت اسٽيٽ ايجنسي گلشن زيل پاڪ سوسائٽي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي حبيب الرحمن ولد محمد رمضان درخواست ڏني آهي ته سندس والد مرحوم نالي محمد رمضان ولد عبدالغني آرائين کي بلاڪ نمبر / سروي نمبر (07-37) 300/4 (03.37) 251/3 (4-00),300/1,3 296/2,3 ۽ 326/1,4 ٽوٽل ايراضي 33-27 ايڪڙ ديهه ڪيرين تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ کاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 2007-12-27 تي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 2014/12 08/Misc/2008-Rev-1 تاريخ 2014-01-21 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ثوس ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسو عام ڪرڻ ڪانپوءِ مليان وارث / حقدار/ ڪاٽيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن بي صورت ۾ ڄاڻايل ڪاٽيدار جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ڌر جو ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو

مختيارڪار روينيو شهيد فاضل راهو ضلعو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد حسين ولد محمد يوسف ذات پرڳڙي درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري نالي منور خاتون ڌيءَ غلام نبي خان تاريخ 2025-01-02 فوت ٿي وئي آهي فوتي کي ديهه 210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد جي سروي نمبر 20،23،33،205،206،207،163،164،195،2، 2،24،25،26،27،28،29،30،35،36،37،38، 42،43،9،12،13،14،16،17،186،187،188 ٽوٽل ايراضي 25-181 ءِ مان گڏيل حصي موجب ايراضي 34-09 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ حاجي عبدالله پرڳڙي ديهه نمبر 210 ۾ ڪري انهي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيلين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي آشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
گارڊين سوٽ نمبر 28 سال 2026

مسمات گل بانو بيواهه مرحوم عبدالغني ذات ڏاهري رهنڌڙ ڳوٺ ڪريم بخش ڏاهري پي او باڏني تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) عبدالمجيد ولد مرحوم عبدالغني (2) مسمات عليزه ڌيءَ مرحوم عبدالغني ذات ڏاهري پي او باڏني تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد (3) جنرل پبلڪ .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) عبدالرحمن (2) بيبي ڪنزه (3) بيبي عليشا جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-21 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد
(روبرو جناب عبدالستار)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

ولي الله شاهه راشدي ولد وهاب الله شاهه رهنڌڙ ڳوٺ پير جهنڊو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) ارم ناز زال ولي الله شاهه راشدي (2) نيئر سلطانه شاهه راشدي زال ولي الله شاهه راشدي (3) نادير شاهه زال علي نواز شاهه (4) رفيق الله شاهه راشدي ولد ولي الله شاهه راشدي (5) محمد راشد راشدي ولد ولي الله شاهه راشدي رهنڌڙ پير جهنڊو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (6) جنرل پبلڪ . اپوننٽس (1) محمد روحان ولد ولي الله شاهه راشدي... مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-30 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد
(روبرو جناب عبدالستار)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

علي اڪبر حاجاڻو ولد الله ڏنو حاجاڻو رهنڌڙ ڳوٺ حاجي جمن حاجاڻو پي او سعيد آباد ضلعو مٽياري..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات Sanghar ڌيءَ الله ڏنو حاجاڻو (2) مسمات خديجه ڌيءَ الله ڏنو حاجاڻو ٻئي رهنڌڙ ڳوٺ حاجي جمن حاجاڻو پي او سعيد آباد ضلعو مٽياري..اپوننٽس (1) ذيشان عمر 11 سال مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-02 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 1518 سال 2026

فوزيه خاتون ڌيءَ خادم حسين رهنڌڙ فليٽ نمبر 01 بلاڪ 19 اول اسڪوائر قاسم آباد.پلينٽف..بخلاف.. بخشل خان ولد محمد موسيٰ رهنڌڙ ڳوٺ محمد Purpdho تعلقو ڳڙهي خيرو ضلعو جيڪب آباد ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-26 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
فيملي سوٽ نمبر 149 سال 2026

قولو بيبر عرف محمد بخش ولد امام بخش رهنڌڙ شيدي ڳوٺ قاسم آباد حيدرآباد.پلينٽف..بخلاف.. اعجاز ساريو رهنڌڙ گلي نمبر 05 عبدالله بلڊنگ پويان عبدالله شاپنگ مال قاسم آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ زير قلم 37 رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-24 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
فيملي سوٽ نمبر 148 سال 2026

محمد Shari سلام رهنڌڙ شيدي ڳوٺ قاسم آباد حيدرآباد.پلينٽف..بخلاف.. اعجاز ساريو رهنڌڙ گلي نمبر 05 عبدالله بلڊنگ پويان عبدالله شاپنگ مال قاسم آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ زير قلم 37 رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-24 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
سول اپيل نمبر 177 سال 2026

رسول بخش ۽ ٻيا..ايپليڪينٽس..بخلاف.. (1) علي احمد ولد شفيع محمد معرفت قانوني وارث (اي) مسمات آسيه بيواهه علي احمد (بي) آصف (سي) عرفان (ڊي) اظهر (اي) مظهر (ايف) شفيع محمد سڀ پٽ ڌيئرون علي احمد سيرل (اي) ڪان (بي) بلغ بالغ مائنر معرفت ماءُ رهنڌڙ محفوظ آباد مير جي ڪري تعلقو ضلع حيدرآباد (2) مسمات شهربانو ڌيءَ شفيع محمد زال محمد عظيم رهنڌڙ محفوظ آباد ڪٽو تعلقو لطيف آباد . ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽس سول اپيل داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-26 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان ايٽ ٻلڙي شاهه ڪريم
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات حور ڌيءَ ملهار زال نور الدين ذات شورو رهنڌڙ ڳوٺ گجوجوڪيو تعلقو ٻلڙي شاهه ڪريم سيل نمبر 0306454283 ..پلينٽف..بخلاف.. نورالدين ولد عطاءُ علي ذات شورو رهنڌڙ ڳوٺ گل حسن شورو تعلقو جهرڪ ضلعو ٺٽو سيل نمبر 03213718208 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 026-10-01 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان ايٽ ٻلڙي شاهه ڪريم
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

ياسمين ڌيءَ ملهار زال جمن ذات شورو رهنڌڙ ڳوٺ گجو جوڪيو تعلقو ٻلڙي شاهه ڪريم سيل نمبر 0306454283 ..پلينٽف..بخلاف.. جمن ولد موسيٰ ذات شورو رهنڌڙ ڳوٺ گل حسن شورو تعلقو جهرڪ ضلعو ٺٽو سيل نمبر 03213718208 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 026-10-01 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 119 سال 2026

مسمات اسما ڌيءَ الله ڏنو ذات خاصخيلي رهنڌڙ ڳوٺ غلام محمد سلطان آباد. پلينٽف ..بخلاف.. جان محمد ولد شفيع محمد ذات خاصخيلي .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 026-09-25 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
فيملي سوٽ نمبر 132 سال 2026

مسمات آمي زال محمد حنيف ذات چنه رهنڌڙ هالا ضلعو مٽياري. پلينٽف ..بخلاف.. محمد حنيف رهنڌڙ 28 موري نوابشاهه ضلع شهيد بينظيرآباد.. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 026-09-26 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

عام اطلاع

هرخاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي روشنا زال خدا بخش پنهور رهنڌڙ مصري پنهور ديهه راڄپري پي او عمر ساند ديهه راڄپري تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي خدا بخش ولد سومار پنهور تاريخ 2010-05-10 پرويز ولد خدا بخش تاريخ 2026-01-25 تي فوت ٿي ويا آهن جنهن جي تصديق بن شاهدن (1) ڏني بخش ولداحمد رهنڌڙ مصري پنهور ديهه راڄپري تعلقو جهنڊو مري (2) طالب ولد بيرون رهنڌڙ مصري پنهور ديهه راڄپري تعلقو جهنڊو مري يو سي هنگورائي آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي روشنا ولد خدا بخش پنهور سندس پويان هيٺيان وارث (1) روشنا بيواهه (2) محمد اسماعيل (3)سومار (4) بلقيس (5) شوڪت (6) طارق (7) پرويز (8) پروين ڇڏيا آهن فوتي جا والدين وفات ڪري ويا ۽ پرويز جي والده حيات آهي تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ستن ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيوويندو

سيڪريٽري يو سي هنگورائي تعلقو جهنڊو مري

بقايا 1 روزاني عبرت

پريءَ، روبينا، اقرا سميت ٻيا ماڻهون شامل آهن وارثن موجب سلطان آباد پرسان ڊاٽسن چنگچي رڪشا کي پٺيان کان ٽڪر هنيو جنهن جي ڪري هي حادثو پيش آيو وارثن الزام هنيو ته شديد زخمين کي حيدرآباد اسپتال ۾ مناسب علاج فراهم نه ڪيو ويو وارثن سنڌ جي وڏي وزير ۽ صحت واري وزير کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته شديد زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪري قيمتي جانيون بچايون وڃن

بقايا 2 روزاني عبرت

اگهاڻي ۾ ٽائون انتظاميا جي عملي کي ساڻ ڪري ڪاروائي ڪئي وئي جنهن دوران دڪانن اڳيان غيرقانوني ڇاپرن ۽ دڪيون ڊاهي پٽ ڪيون ويون جڏهن انتظاميا مين روڊ جي وچ کان 23 فوٽ هڪ طرف 23 فوٽ ٻي پاسي تائين نشان ڏئي ڪاروائي ڪئي جنهن ماپ جي حساب سان ڪجهه دڪانن جو حصو انهي ماپ ۾ اچي رهيو هو جن دڪاندارن کي ٻن ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

جوابدارن تي مبينا زيادتي جو الزام لڳايو آهي، جڏهن ته نامعلوم جوابدارن کي سڃاڻڻ جي صورت ۾ سڃاڻپ ڪرائڻ جو پڻ موقف ڏنو ويو آهي واقعي بعد ٻلڙي شاهه ڪريم پوليس ڪيس داخل ڪري ناري کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي اسپتال منتقل ڪيو جتي سندس طبي معائنو ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته ڪيس داخل ڪيو ويو آهي معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ قانوني ڪارروائي بعد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 4 روزاني عبرت

لڳائيندي ذميوار ڊاڪٽر خلاف ڪارروائي ۽ واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. وارثن موجب سڪينا کي پٿري ۾ پٿري جي شڪايت سبب علاج لاءِ آئبس اسپتال سکر آندو ويو جتي ڊاڪٽرن جي صلاح تي سندس پٿري جي آپريشن جو فيصلو ڪيو ويو وارثن جو الزام آهي ته آپريشن دوران ليڊي ڊاڪٽر غزالا ياسمين جي نگراني ۾ علاج جاري هو ته عورت جي حالت اوچتو خراب ٿي وئي ۽ هوءَ آپريشن دوران ئي فوت ٿي وئي فوتڻ جو لاش سول اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن ته ضروري ڪاغذي ڪارروائي کان پوءِ لاش ڳوٺ کڻي ويا. وارثن جو چوڻ آهي ته مريضه کي آئبس اسپتال داخل ڪرائڻ وقت اهڙي خطرناڪ صورتحال بابت ڪين آگاهه نه ڪيو ويو هو جڏهن ته آپريشن دوران پيش آيل صورتحال بابت پڻ ڪين واضح معلومات فراهم نه ڪئي وئي واقعي ڪانپوءِ فوتي عورت جي وارثن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ بيچيني پکڙجي وئي وارثن مطالبو ڪيو ته عورت جي فوت ٿيڻ واري واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي آپريشن دوران موجود ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کان پڇاڻو ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن طبي غفلت يا لاپرواهي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته مريضه جي علاج، آپريشن ۽ طبي رپورٽن جو رڪارڊ محفوظ ڪري ان جو جائزو ورتو وڃي ته جيئن واقعي جا اصل سبب سامهون اچي سگهن وارثن چيو ته ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت کي نظرانداز نه ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت ۽ ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

وڃڻ ۾ سخت تڪليف اچي پئي. هنن ڊي سي خيرپور ۽ اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي روڊ جو ڪم مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا 6 روزاني عبرت

مقرر ٿيل 200 کان وڌيڪ پوليس اهلڪارن کي پوليس لائن خيرپور ڪلوز ڪري ڇڏيو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته خيرپور ضلعي جي ٿاڻن تي پوليس نفري گهٽ هجڻ جي شڪايتن کان پوءِ ڊي آءِ جي سکر پاران اهلڪارن کي پڪڙن تان هٽائي لائن ڪلوز ڪيو ويو آهي لائن ڪلوز ٿيل پوليس اهلڪارن کي جلد ئي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي مقرر ڪيو ويندو ذريعن موجب ڊي آءِ جي سکر پاران اهڙن وڌيڪ پوليس پڪڙن تي مقرر ۽ سياسي ماڻهن کي ڏنل پوليس اهلڪارن کي لائن رپورٽ ڪرايو ويندو

بقايا 7 روزاني عبرت

آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿي جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ڪئي ڪانفرنس جو خاص مهمان سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي هو جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، مختيار ابڙو، سنڌ يونيورسٽي بدين ڪئمپس جو ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر طفيل احمد چانڊيو شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر اينڊ ڪنوينشن سينٽر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ريحانه ملاح ۽ خليفو عبدالخالق شامل هئا. خليفو نبي بخش قاسم يادگار ڪميٽي طرفان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي سهڪار سان منعقد ٿيندڙ هن ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو ته خليفي نبي بخش جي شاعري لطيفي روايت جو تسلسل آهي، هو 16 هين جو اهم شاعر آهي، جنهن هڪ ئي وقت مختلف ٻولين ۾ شاعري سرجي پنهنجو الڳ ۽ منفرد مقام پيدا ڪيو هن چيو ته سندس شاعري جماليات جي رنگن سان ڀرپور آهي هن پنهنجي دور ۾ جيئن ڏٺو ۽ جيئن محسوس ڪيو اهو جيئن جو تيئن پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪري ڇڏيو هو بيباڪ شاعر هو، سندس رسالي جا سمورا سر ماڻهن جي دلين جو آواز ۽ ان وقت جي حالتن جو عڪس آهن وائيس چانسلر چيو ته خليفي جو رسالو ٻيهر ڇپجڻ گهرجي، جنهن لاءِ جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي جي سهڪار جي ضرورت پوي ته يونيورسٽي ڀرپور سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي هن پنهنجي خطاب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي سميت انگريزي، تاريخ، آرٽ اينڊ ڊزائين سميت ٻين شعبن جي شاگردن کي صلاح ڏني ته اهي خليفي نبي بخش جي شاعري تي تحقيق ڪري ۽ هن جي شاعرائي تصور تي پينٽنگس ٺاهي سندس شاعرائي فڪر کي اڳتي وڌائي سگهن ٿا هن شاندار ڪانفرنس منعقد ڪرڻ تي خليفي نبي بخش قاسم يادگار ڪميٽي، يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي کي مبارڪون ڏيندي چيو ته هن قسم جون ڪانفرنسون انهن شخصيتن کي پيدا پيش ڪرڻ سان گڏ انهن جي قلمي پورهئي کي نئين نسل ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون هن ڪميٽي جي آرگنائيزرن کي صلاح ڏني ته اهي هن کي اداري جي شڪل ڏين ۽ ان جي پليٽ فارم تان خليفي جي شخصيت ۽ شاعري تي تحقيقي ۽ اشاعتي سلسلي کي اڳتي وڌائين ڪيس اميد آهي ته حڪومت توڙي مختلف ادارا ساڻن ان سلسلي ۾ ڀرپور سهڪار ڪندا ان کان اڳ ناميارن ليکڪ، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي سينيئر پروفيسر ۽ خليفي نبي بخش يادگار ڪميٽي جي ڪنوينر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ سڀني شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيو ۽ ڪانفرنس جي مقصدن تي روشني وڌي هن چيو ته خليفي جي شاعري ۾ ڌرتي جو آواز شامل آهي سندس دستياب ڪلام تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ان موقعي تي ڪميٽي جي سيڪريٽري ۽ ناميارا صحافي دودو چانڊيو پڻ شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيو، خليفي جي شاعري تي روشني وڌي ۽ يونيورسٽي جون ساروڻيون ساروڻيون ان موقعي سيمينار کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته خليفي نبي بخش قاسم جي شاعري اسان جو وڏو سرمايو آهي جنهن ۾ جماليات ۽ مزاحمتي رنگ ڇتا ملن ٿا. هن چيو ته خليفو پنهنجي دور جو منفرد شاعر آهي، ڪيس جيڪا سڃاڻپ ملڻ گهرجي اها نه ملي سگهي آهي هن چيو ته سندس شاعري جي مختلف رخن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي هن ان موقعي تي وائيس چانسلر جي سهڪار جي مهرباني مڃيندي چيو ته ڊاڪٽر مري صاحب انتهائي قابل ۽ دور انديش شخصيت جو مالڪ آهي جنهن جي اچڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي اندر نمايان تبديلي نظر اچي رهي آهي اسين گڏيل سهڪار سان شاهه لطيف عالمي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ تمام جلد ان جو انعقاد ڪيو ويندو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر محمد علي مانجهي چيو ته خليفي قاسم جي پيشڪش جو انداز منفرد آهي، سندس شاعري تي شاهه لطيف جو ڀرپور اثر موجود آهي، سندس تمثيلون لفظن جو ڀنڊار آهن ڊاڪٽر ريحانه ملاح چيو ته خليفي جي شاعري ۾ عڪس نگاري جا منظر ڇتا نظر اچن ٿا. سندس شاعري ۾ عشق جي تپش ۽ محبوب سان ملڻ جي تڙپ موجود ملي ٿي سندس وڏي سڃاڻپ وطن دوستي ۽ مزاحمت آهي ڊاڪٽر طفيل احمد چانڊيو چيو ته خليفو نبي بخش قاسم تهذيب جو وارث شاعر آهي سندس شاعري ۾ منصور بن حلاج وارو باغيانه تصوف واري روايت ملي ٿي هن جي سرائيڪي شاعري تي بابا فريد جو اثر آهي مختيار ابڙو چيو ته سنڌ قديم وقت کان سهپ ۽ رواداري جي روايت سان گڏ پنهنجي بقا لاءِ ڀرپور مزاحمتي ڪردار پڻ ادا ڪندي رهي آهي . خليفي ڪرڙي واري جنگ کي شاندار انداز ۾ رقم ڪيو آهي پنهنجو مقالو پيش ڪندي ناميارا اديب تاج جويو چيو ته خليفو پنهنجي ڪان 24 سال پوءِ ڄائو، هن جي هر سر ۾ جماليات ۽ خيالن جي خوبصورتي آهي هن نئين سنڌي ڪيڏارو لکيو ناميارو ليکڪ ڊاڪٽر اسحاق سميجو چيو ته خليفو پنهنجي دور جو وڏو شاعر آهي، ڪيس چاهي واڻي ديوار سان لڳايو ويو هن پنهنجي معاشري کي روشني جو ڏس ڏيڻ پٺي چاهيو سندس پورهيو شاندار آهي يونيورسٽين ۾ ان تي ڪم ٿيڻ گهرجي خليفي نبي بخش تي پي ايڇ ڊي ڪندڙ ڊاڪٽر قادر بخش مگسي چيو ته خليفي جي شاعري شاهه سائين جي پيغام جو تسلسل آهي هن چيو ته سندس شاعري تي شروعاتي ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيو . سندس سرن تي وڌيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي ناميارا ليکڪا ڊاڪٽر حسين مسرت شاهه چيو ته ڪلاسيڪل شاعرن تصوف کي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪيو آهي ، ڪلاسيڪل شاعري ۾ خليفي جو الڳ مقام آهي پاڻ پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو ڊاڪٽر مخمور بخاري چيو ته خليفو گهڻ ٻولياتي شاعر آهي سنڌي، هندي، سرائيڪي ڊاٽڪي ۽ ٻين ٻولين ۾ هن شاندار لکيو آهي سندس شاعري جمالياتي ۽ مزاحمتي رنگ ۾ پنهنجي ڌرتي سان جڙيل آهي ناميارو ليکڪ خليل ڪنڀار چيو ته خليفو نبي بخش رومانس جو شاعر آهي، هن جي مزاحمت ۾ به رومانس آهي ناميارا ليکڪا سردار خاتون چيو ته خليفي جي شاعري ۾ سنڌ جي مٽي جي خوشبو آهي هن ذاتي احساس کي اجتماعي احساس بڻايو عشق هن وٽ محرومي نه پر قدرن جي تبديلي جو نالو آهي ان موقعي تي وائيس چانسلر مقالا نگارن کي يادگار شيلڊون ۽ پروگرام جي آرگنائيزرن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ڪانفرنس جي آغاز ۾ سعيد سميجو شاهه سائين جي وائي پيش ڪئي آخر ۾ موسيقي جي محفل ۾ ناميارا راڳي راحت فقير سرن جو ورڪا ڪئي هن ڪانفرنس ۾ سنڌ يونيورسٽي دادو ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عرفانه ملاح سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر نور محمد شاهه سميت مختلف انسٽيٽيوٽس جي ڊائريڪٽرن شعبن جي سربراهن، استادن اديبن جن ۾ امر سنڌو، ڊاڪٽر شازيه پتافي، ڊاڪٽر سعيد احمد منگي، ڊاڪٽر نويده ڪتيس ڊاڪٽر حميرا هڪڙو سبين نعيم شوڪت اڇڻ ادريس جتوئي، نظير قريشي، غلام رسول چانڊيو ۽ ٻيا شامل هئا شرڪت ڪئي

بقايا 8 روزاني عبرت

جي ايم پي اي بئريسٽر هالار منظور وسان ، ايم اين اي خيرپور ميڊم نفيسه شاهه جيلاني ، پيپلزپارٽي خيرپور ضلعي جي صدر حاجي نواب خان وسان ، ڊي سي خيرپور ، اي سي ڪوٽڏيجي کان مطالبو ڪيو آهي ، فورن نوٽيس وٺي نالي جا ڪير مضبوط ڪري ڪاٽي ڪرائي ٻيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

کليل ڪچهري جو بنيادي مقصد عوام کي آفيسرن تائين سڌي رسائي فراهم ڪرڻ ۽ پينشن سميت ٻين سرڪاري معاملن ۾ ايجنٽن جي ڪردار جي حوصلا شڪني ڪرڻ آهي هن ملازمن تي زور ڏنو ته هو پنهنجا ڪيس سڌي ريت جمع ڪرائين جيئن سندن شڪايتن جو شفاف ۽ بروقت ازالو يقيني بڻائي سگهجي هن چيو ته گهڻين شڪايتن جو تعلق طريقيڪار ۾ دير ۽ ملازمن ۾ ضروري ڄاڻ جي کوٽ سان آهي سمورن سرڪاري کاتن ۾ جلد هيلپ ڊيسڪ قائم ڪيا ويندا، جڏهن ته تعليم کاتي پڻ ملازمن جي رهنمائي لاءِ هيلپ ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته 27 جنوري کان ملازمن کي رٽائرمينٽ واري ڏينهن ئي پينشن ۽ ٻين جائز مراعتن جي ادائيگي جو نظام لاڳو ڪيو ويندو اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ چيو ته سندس آفيس پگهارن ۽ پينشن جي بروقت ادائيگي ۽ شفاف مالي نظام ذريعي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي نون مقرر ٿيل استادن پاران پگهارن جي ادائيگي ۾ دير بابت شڪايتن تي هن يقين ڏياريو ته کاتي جي ضروري ڪارروائي ۽ گهربل دستاويز مڪمل ٿيندي ئي ادائيگيون جاري ڪيون وينديون هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته استادن سان ڀرپور سهڪار ڪيو وڃي ۽ التوا هيٺ سمورا گهربل مرحلا جلد مڪمل ڪيا وڃن کليل ڪچهري دوران پينشن ڪيسن، پگهارن جي ادائيگي ۽ اڪائونٽس سان لاڳاپيل مختلف مسئلا پڻ پيش ڪيا ويا. آڊيٽر جنرل سنڌ هر شڪايت کي انفرادي طور ٻڌو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي سمورا جائز مسئلا بنا دير حل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون هن ٻڌايو ته سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن کي هر مهيني 28 تاريخ تي پگهارن ۽ پينشن جي ادائيگي ڪئي پئي وڃي، جيڪا ملڪ ۾ ابتدائي ادائيگي وارن شيڊولن مان هڪ آهي هن چيو ته انتظامي سڌارن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ذريعي پينشن ۽ پگهارن جي ادائيگي واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ مسلسل قدم کنيا پيا وڃن اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ چيو ته کليل ڪچهريون عوام ۽ سرڪاري آفيسرن وچ ۾ سڌي رابطي جو هڪ مؤثر ذريعو آهن جن ذريعي عوامي مسئلن جي بروقت نشاندهي ۽ انهن جي حل کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو ان موقعي تي ايڊيشنل اي جي کي خالد مغل اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ جنرل فصيح جلباڻي اڪائونٽ آفيسر مقبول شيخ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد سيد افتخار علي اي ڊي اڪائونٽس آفيسر امان الله بوزدار نعيم لياقت، پير شمس احسن راهوجو سميت حيدرآباد ڊويزن جي مختلف ضلعن جا ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر پڻ موجود هئا. جن آڊيٽر جنرل سنڌ کي اڪائونٽس آفيسن سان لاڳاپيل انتظامي معاملن ۽ عوامي خدمتن بابت مختلف مسئلن تي بريفنگ ڏني

بقايا 10 روزاني عبرت

خطري ۾ آهن ڪرپشن ۽ اقرباپروري هر اداري کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته ڪراچي سنڌ جو روح آهي اوهان ٻيهر هڪ دهشتگرد تنظيم کي ڪراچي سنڌ کان ڌار ڪرڻ ۽ انتظامي نالي ۾ سنڌ کي ٽوڙڻ لاءِ هٿيابو پيا، ڪراچي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڳالهه معني سنڌين جي ڇاتين ۾ خنجر هڻڻ ڪراچي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڳالهه معني سنڌين جي عزت ۽ غيرت ۾ هٿ وجهڻ ڪراچي سنڌ کان ڌار جي ڳالهه ڪرڻ معني سنڌ جي هزارين سالن جي تهذيب تي حملو ڪرڻ معان سمجهو سنڌي مات ڪريو ويا آهن اڪ ڪروڙ ماڻهو سنڌي پرامن جدوجهد ذريعي سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن ناڪام بڻائيندا.سين اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ سان خراب سلوڪ جو سلسلو هر دور ۾ جاري رهيو آهي سنڌ کي هميشه ورهائڻ ۽ دٻاءُ ۾ رکڻ جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي سنڌ ۾ بس صرف بک آهي، ڪرپشن آهي، هوائي نعرا آهن، جمهوريون آهن، سيلفيون آهن، فضول بحث آهن، جهالت آهي، بيماري، بيروزگاري ۽ لاقانونيت آهي اياز لطيف پليجي چيو ته ڪرب پٺي ۾ قدرتي وسيلن سان مالا مال پنهنجي امير ترين ڌرتي سنڌ کي گذريل ارڙهن سالن ۾ بيدردي سان تباهه ۽ برباد ڪيو ويو آهي پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت ڪيڏي وحشانيت، ڍٺائي ۽ بيحيائي سان هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ سنڌي قوم کي سوچي سمجهي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته جمهوريت جو جنازو ڪڍيو ويو آهي اقتدار خاطر انصاف جا دروازا بند ڪيا ويا آهن جمهوريت کي ختم ڪري آمريت جا دروازا کوليا ويا آهن اظهار جي آزادي، عوام جي آواز کي بند ڪرڻ جا ڪارا قانون جوڙيا پيا وڃن اياز لطيف پليجي چيو ته اقتدار جي نشي ۾ مست حڪمران ياد ڪن ته اقتدار ڪجهه وقت لاءِ هوندو آهي اهو اڄ هو ۽ وڃڻو آهي پر وطن درياهه ۽ ڌرتي سدائين لاءِ هوندا آهن قومي عوامي تحريڪ بيروزگاري، مهانگائي، منشيات، بدامني ۽ ڪرپشن جي ڏهڻ ۾ قاتل سنڌ کي پرامن جدوجهد ذريعي نجات ڏياريندي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجو وطن درياهه ۽ زمينون ڪپائڻ نه ڏيندا. وطن درياهه زمينون ۽ وسيلا هليا ويا ته تاريخ ۾ مجرم بڻجي ويندا سين وفاقي حڪومت هوش کان ڪم وٺي سنڌي ماڻهن کي ديوار سان نه لڳائي وفاقي حڪومت جيڪڏهن سمجهي ٿي ته پيپلز پارٽي کي ڪرپشن جي اجازت ڏئي اهي زمينون، سنڌو درياهه سنڌ جو پاڻي وسيلا ڪٽي ويندا. حڪمران سمجهن ٿا ته سنڌي ماڻهو خاموش رهندا ته اها انهن جي ڀل آهي سنڌي ماڻهو خاموش تماشائي نه رهندا. سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن ۽ وسيلن لاءِ اٿندا ته حڪمرانن جا رستا بند ٿي ويندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ميرٽ کي قتل ڪيو ويو آهي نوجوان شديد احساس محرومي جو شڪار آهن پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ويٺل ڪرپٽ مافيا ڪروڙين روپيا رشوت وٺي نوڪريون وڪڻي رهي آهي اياز لطيف پليجي چيو ته اقتدار تي ڪرپٽ ۽ عوام مافيا جو قبضو آهي حڪمران طبقو بادشاهي زندگي گذاري ٿو سنڌ سميت ملڪ جي سمورن وسيلن کي لٽيو ويو پر مزدور، هاري، شاگرد، استاد ۽ پورهيت طبقو اڃان تائين بنيادي انساني حقن کان محروم آهن

بقايا 11 روزاني عبرت

ملڪ شڪيل به شامل آهي، سندن زمين تي مبينا طور قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جڏهن ته کين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سنگين نتيجا ڀوڳڻ ۽ جان سان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن هنن چيو ته زمين سندن خاندان جي روزگار ۽ گذر سفر جو اهم ذريعو آهي، پر مبينا قبضي جي ڪوشش سبب هو ۽ سندن گهرڀاتي سخت پريشاني ۽ ذهني اذيت کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن جو چوڻ هو ته معاملي بابت لاڳاپيل اختيارين کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪرڻ باوجود کين اڃا تائين انصاف فراهم نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي زمين جي تڪرار جو ڪو اثرائتو حل ڪڍيو ويو آهي محرم ميربحر اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي غيرجانبدارانه طور جاچ ڪرائي وڃي ۽ حقيقتون سامهون آنديون وڃن

بقايا 12 روزاني عبرت

سان لاڙڪاڻي شهر جي پوليس ٽريننگ سينٽر جي گرائونڊ تي لاهوتي امن ميلي ۾ ميوزيڪل نائيٽ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ امن محبت، ثقافتي هم آهنگي، ڀائيچاري ۽ پاڪستان جي مختلف علائقن وچ ۾ يڪجهتيءَ جو پيغام ڏيندي ملڪ جي مختلف صوبن سان واسطو رکندڙ ناليوارن فنڪارن شفقت امانت علي، قرت العين بلوچ، بينجو نواز استاد نور بخش بلوچ، مشهور ريپر فارس شفيع اسڪيچر گروپ جي سيف سميجي بوڙيندو نواز فنڪار فقير ذوالفقار صوفي راڳي مولابخش فقير پڳٽ جواهر لال سوڍو فقير عاشق نظاماڻي سندس پٽ مصدق عاشق نظاماڻي، طاهر مٺو ماسٽر ولي، ناليواري فنڪاره فرزانه بهار ۽ ٻين پنهنجي سريلي آواز ۾ ثقافتي صوفي سميت مختلف قسم جا گيت ڳائي پنڊال ۾ موجود مرد، عورتن، ٻارڙن توڙي هر عمر جي ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جنهن تي ويٺل ماڻهو هوڪرا ڪري جهومندا ۽ لطف اندوز ٿيندا رهيا ميلي ۾ پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه، چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو، ايم پي اي سهيل انور سيال سميت ٻين اڳواڻن توڙي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ۽ ايم پي اي جميل احمد سومرو چيو ته لاهوتي امن ميلو ڪرائڻ جي ڳالهه جو واضح پيغام آهي ته پاڪستان هڪ آهي ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جو خوبصورت ۽ اهم حصو آهي نوجوانن کي مثبت سرگرمين، فنون ۽ تفريح جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته اڄ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه ۽ عالمي امن جو ڏهاڙو آهي ان موقعي تي سنڌ جي ڌرتيءَ تان امن محبت، ڀائيچاري ۽ يڪجهتيءَ جو پيغام ڏيڻ سنڌ آهي لاهوتي ميلي جي بائي ناليوارن راڳي سيف سميجو ۽ ثنا ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صوفين جي ڌرتي سنڌ مان امن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي راڳ جي محفل فن ۽ ثقافت ذريعي سڄي دنيا کي امن، محبت، ڀائيچاري، برداشت ۽ يڪجهتيءَ جو پيغام ڏنو پيو وڃي فن ۽ موسيقي مختلف ٻولين، ثقافتن ۽ علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جو مؤثر ذريعو آهن جڏهن ته موجوده دور ۾ معاشري کي برداشت، رواداري ۽ اندروني امن جي اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي هنن چيو ته ميلي ۾ ملڪ جي چئني صوبن ۽ مختلف ٻولين جا راڳي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ لاءِ لاڙڪاڻي ۾ موجود آهن ڇاڪاڻ موسيقي، فن ۽ ڳائڻ مختلف ثقافتن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو ذريعو آهن هنن چيو ته معاشري ۾ اندروني امن، برداشت ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي لاڙڪاڻي جي شهرين ۽ خاص طور نوجوانن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿي ته نوجوان فن، موسيقي ۽ مثبت سرگرمين ۾ ڀرپور دلچسپي رکن ٿا. ميوزيڪل نائيٽ جي پڄاڻيءَ تي شاندار آتش بازيءَ جو مظاهرو پڻ ڪيو ويو هوڏانهن لاهوتي امن ميلي ۾ مختلف ڪمپنين طرفان سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ثقافتي اسٽال لڳايا ويا جنهن ۾ سنڌي اجرڪ، ٽوپي، ڀرت ڀيل ڪپڙا، سنڌي رلي سنڌي وهاڻو سنڌ جي مختلف شخصيتن جي تصوير واريون ڪتيون توڙي مختلف ثقافتي شيون نمائش لاءِ رکيون ويون جتي وڏي انگ ۾ شهرين پهچي خريداري پڻ ڪئي لاهوتي امن ميلي ۾ سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪندي مرد ۽ پوليس اهلڪارن سان گڏ رينجرز جي جوانن کي پڻ مقرر ڪيو ويو هو

بقايا 13 روزاني عبرت

طرفان باآثرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت حاڪم علي چانڊيو ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته ديهه واهه نبي بخش ۾ منهنجي ابن ڏاڏن جي نالي تي 44 ايڪڙ زمين آهي جنهن تي ڳوٺ جڙيو چانڊيو واسي باآثرن وزير چانڊيو راحب چانڊيو ڏني بخش ڏگهيل چانڊيو ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪرڻ بعد ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي سال 1996ع دوران هڪ باآثر بلڊر کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي، اهڙو ڪيس سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو بينچ ۾ پڻ هلنڊڙ آهي، جنهن ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڄاڻايل باآثرن پاران مونکي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي باآثرن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ مونکي پنهنجو حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 روزاني عبرت

بدين جناب ظهير احمد يونيورسٽي جي شاگرديائڻ کي ووٽ جي اهميت، ووٽر رجسٽريشن، چونڊ عمل ۾ عورتن جي شرڪت ۽ هڪ ذميوار شهري جي حيثيت سان حق راءِ دهي جي ذميوارانه استعمال بابت بريفنگ ڏني هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عورتون معاشري جو اهم ۽ اثرائتو حصو آهن جڏهن ته چونڊ عمل ۾ سندن بامعني شرڪت جمهوري شعور جي فروغ ۽ جمهوريت جي مضبوطي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي شاگرديائڻ پروگرام ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ چونڊ عمل، چونڊن ۾ عورتن جي شرڪت جي اهميت، ووٽر رجسٽريشن ۽ حق راءِ دهي بابت مختلف سوال ڪيا. سوال جواب واري سيشن دوران ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين سوالن جا تفصيلي جواب ڏنا هن آگاهي پروگرام جو مقصد نوجوان نسل ۽ عورتن کي چونڊ عمل بابت درست ۽ مستند معلومات فراهم ڪرڻ شهري ذميوارين بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ معاشري جي عورتن ۾ ووٽر آگاهي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ڦهلائڻ آهي آخر ۾ ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر طفيل احمد چانڊيو جو شاگرديائين لاءِ ووٽر ايجوڪيشن پروگرام منعقد ڪرڻ تي خصوصي شڪريو ادا ڪيو

بقايا 15 روزاني عبرت

نالو ڏئي سون کي ڦاسايو ويو . هن دعوا ڪندي چيو ته سري ۽ ماڇي قوم جي سردارن پاران هالا جي معزز شخصيت وٽ فيصلو ڪيو ويو جنهن ۾ سري قوم جي سردارن پاران سون معان خون ثابت ٿيڻ جي نتيجي ۾ چار خون پيري ڏيڻ جي لکت ۾ ساک ڏني آهي جنهن باوجود به انتقامي ڪاروائي جو نشانو بڻائيندي قتل ڪيس ۾ ٿيل منهنجي ضمانت رد ڪرائڻ جي ڪوشش سميت جاني مالي نقصان جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن هن وڌيڪ چيو ته اسين ۽ اسان جا سردار پرامن طريقي سان هر فورم تي فيصلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته مقتول عمران ماڇيءَ جي خون جي صاف شفاف جاچ ڪري ڪيس ۾ شامل سندس نالو خارج ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ـ

بقايا 16 روزاني عبرت

تي اسڪول انتظاميه ٻڌايو ته گذريل رات نامعلوم چور اسڪول جي ڇت کان ڪلاسن اندر داخل ٿيا، جن ٻن ڪلاسن جا ۾ پکا، بجلي جا بورڊ ۽ فٽنگ جون تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو آهي، پر پوليس هن وقت تائين چورن خلاف ڪابه ڪاروائي ناهي ڪئي انتظاميه جو وڌيڪ چوڻ هيو ته هن ڦهر جهڙي گرمي کي نظر ۾ رکندي اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪلاسن ۾ پکا ۽ تارون لڳائي ڪلاسن جي بجلي بحال ڪئي آهي ته جيئن شاگردن کي ڪابه تڪليف نه پهچي سگهي اسڪول انتظاميه لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي معاملي جو نوٽيس وٺي پکا ۽ ٻيو سامان چوري ڪندڙ چورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي هوڏانهن اسڪولي شاگردن پاران چوري واري واقعي خلاف اسڪول جي احاطي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي پڻ ڪئي وئي

بقايا 17 روزاني عبرت

بابت سوال جواب ڪيا، جن جا شاگردن پاران اطمينان بخش جواب ڏنا ويا. سيڪريٽري تعليم شاگردن جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي استادن جي تدريسي ڪوششن کي ساراهيو زاهد علي عباسي اسڪول جي مختلف شعبن جو پڻ معائنو ڪيو ۽ اسڪول انتظاميا کان تعليمي سرگرمين، شاگردن جي حاضري ۽ ٻين معاملن بابت ڄاڻ ورتي هن استادن کي هدايت ڪئي ته شاگردن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن علمي ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ محنت ڪئي وڃي ان کان اڳ سيڪريٽري تعليم لاڙڪاڻي جي ٻين اسڪولن جا پڻ دورا ڪيا ۽ استادن توڙي تعليم کاتي جي آفيسرن سان ملاقاتون ڪيون هن تعليم جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ اسڪولن جي انتظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ شاگردن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ بابت ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي ڊائريڪٽر سيڪنڊري حيدرآباد ممتاز علي ڪيهڙو ڊائريڪٽر سيڪنڊري الله بخش سومرو ڊائريڪٽر پرائمري خليل احمد مهر ڊي اي او سيڪنڊري عبدالرشيد چانڊيو ڊي اي او پرائمري انيس الرحمان ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا بعد ۾ سيڪريٽري تعليم زاهد علي عباسي جي صدارت هيٺ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ اسڪولن جي انتظامي معاملن ۽ ٻين تعليمي مسئلن بابت لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجاڻي پڻ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ تعليمي معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو

بقايا 18 روزاني عبرت

دورو ڪيو معائني دوران مختلف ميڊيڪل اسٽورن تي دوائن جي خريد ۽ فروخت، لائسنس، لاڳاپيل رڪارڊ، دوائن جي اسٽوريج، مدو ختم ٿيل غير رجسٽرڊ ۽ شڪي دوائن سميت ٻين قانوني گهرجن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو معائني دوران راشد ميڊيڪل اسٽور نيو بهار ميڊيڪل اسٽور ۽ هيرا ميڊيڪل اسٽور کي سيل ڪيو ويو. راشد ميڊيڪل اسٽور کي لائسنس موجود نه هجڻ سبب سيل ڪيو ويو جڏهن ته نيو بهار ميڊيڪل اسٽور جي حوالي سان لائسنس ۽ لاڳاپيل ڪواليفائيڊ پرسن جي موجودگي جي گهرجن جي خلاف ورزي سامهون اچڻ تي ڪارروائي ڪئي وئي ساڳي طرح هيرا ميڊيڪل اسٽور تي لاڳاپيل ڪواليفائيڊ پرسن جي غير موجودگي سبب ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي جڏهن ته فراهم ڪيل معلومات موجب معائني دوران ڏهن کان وڌيڪ ٻين ميڊيڪل اسٽورن جي مالڪن کي سخت وارننگ جاري ڪندي واضح هدايتون ڏنيون ويون ته دوائن جي خريد و فروخت بابت سمورين قانوني گهرجن، ڊرگ قانون، لائسنس جي شرطن ۽ محڪمه صحت پاران جاري ڪيل هر صورت مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ميڊيڪل اسٽورن جي مالڪن کي هدايت ڪئي وئي ته صرف قانوني طور رجسٽرڊ دوائن جي خريد و فروخت ڪئي وڃي، مدو ختم ٿيل غير رجسٽرڊ، نقلي يا شڪي دوائن جي وڪري کان مڪمل پاسو ڪيو وڃي ۽ دوائن کي مقرر اصولن مطابق محفوظ ماحول ۾ ذخيرو ڪيو وڃي هن موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ چيو ته عوامي شڪايتن ۽ سوشل ميڊيا تي شايع ٿيل خبرن کي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي ۽ عوام جي صحت ۽ قيمتي جانين جي تحفظ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته ڪنهن به ميڊيڪل اسٽور مالڪ يا لاڳاپيل فرد کي عوام جي جانين سان کيڏڻ ۽ دوائن جي ڪاروبار ۾ قانونن جي خلاف ورزي جي اجازت نه ڏني ويندي نشي آور يا ممنوع دوائن جي غير قانوني وڪري، نقلي ۽ غير معياري دوائن جي فراهمي ۽ ڊرگ قانونن جي خلاف ورزي خلاف زيروٽالرنس پاليسي تحت ڪارروائي جاري رکي ويندي ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ ڊرگ انسپيڪٽر الطاف بوزدار کي هدايت ڪئي ته ضلعي اندر ميڊيڪل اسٽورن جي نگراني ۽ فالو اپ انسپيڪشن جو عمل وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي ۽ ڪنهن به خلاف ورزي جي صورت ۾ قانون مطابق فوري ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي هن وڌيڪ چيو ته جن ميڊيڪل اسٽورن کي وارننگ جاري ڪئي وئي آهي انهن جي ٻيهر چيڪنگ ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن اسٽور تي ٻيهر خلاف ورزي ملي ته ان خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ۽ ٻيا قانوني قدم کنيا ويندا ڊي ايڇ او خيرپور چيو ته عوام پاران مليل شڪايتن تي فوري ڪارروائي کي يقيني بڻايو ويندو ۽ ضلعي اندر ميڊيڪل اسٽورن جي چيڪنگ جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو ته جيئن عوام جي محفوظ ۽ معياري دوائن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي هن ٻه ٽڪ لفظن ۾ چيو ته عوام جي صحت ۽ جانين سان کيڏڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي، قانون جي خلاف ورزي ڪندڙن بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ٿيندي ۽ محڪمه صحت پاران مقرر ٿي عملدرآمد هر صورت يقيني بڻايو ويندو

بقايا 19 روزاني عبرت

ضلعي خيرپور جي مختلف علائقن مان هزارين جيالن ۽ جياليون، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ پارٽي عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي موقعي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ سندس ڊگهي ڄمار صحت ۽ سلامتي سان گڏ پاڪستان جي روشن مستقبل لاءِ دعائون گهريون ويون تقريب کي خطاب ڪندي نواب علي وسان چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي نوجوانن جي اميد ۽ عوام جو آواز آهن سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جي تعمير هڪ وڏو عوامي منصوبو آهي جنهن ذريعي متاثر خاندانن کي پنهنجا گهر ۽ ملڪيت جا حق فراهم ڪيا پيا وڃن نواب علي وسان چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سنڌ اندر عوامي خدمت جو سفر جاري رهندو ۽ ان شاءَ الله مستقبل ۾ بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جا وزيراعظم بڻجندا

بقايا 20 روزاني عبرت

۾ چيمبر آف ڪامرس ڪوٽڙي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جي نمائندن پي سي بي ريجنل هيڊ ڪوچ حيدرآباد عظيم ڳهمن ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوچ جامشورو عبدالرؤف ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جڏهن ته رانديگرن ۾ ڪرڪيٽ ڪٽس پڻ ورهايون ويون ٽورنامينٽ جي افتتاحي 40 اوورن واري ميچ الحمد انگلش ميڊيم هائر سيڪنڊري اسڪول ۽ المجيد فائونڊيشن اسڪول وچ ۾ کيڏي وئي جيڪا الحمد اسڪول کٽي ورتي ثاقب خان 20 رنسون ڏئي 5 وڪيٽون حاصل ڪري مين آف دي ميچ قرار ڏنو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر قادري اسڪول ڪرڪيٽ جي فروغ لاءِ پي سي بي جي قدم کي ساراهيندي نوجوانن لاءِ وڌيڪ راندين جون سرگرميون وڌائڻ تي زور ڏنو هن سائيٽ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ تعمير هيٺ اسڪل ڊولپمينٽ سينٽر جو پڻ معائنو ڪيو ۽ تعميراتي ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان سهڪار جي خاطري ڪرائي

بقايا 21 روزاني عبرت

مان لطف وٺي رهي آهي سوشل ميڊيا جو وقت هلي پيو دنيا انٽرنيٽ ذريعي ڪيترائي تعليم ڪاروبار توڙي ٻين سرگرمين مان فائدو وٺي رهي آهي پر افسوس اسان هتان جا رهواسي ڪال انٽرنيٽ سروس کان به محروم بڻيل آهيون ٻن هفتن کان يوفون ٽاور جو جنريٽر سسٽم خراب پيو آهي ڪيترين ئي شڪايتون ڪيون آهن پر هن وقت تائين نه جنريٽر ريپير ٿي سگهيو ۽ نه ئي وري تبديل ٿي سگهيو آهي جنريٽر خراب هجڻ ۽ بيٽري بيڪ اپ نه هجڻ ڪري بجلي ويندي ئي موبائيل فون سروس ڪلاڪن جا ڪلاڪ بند رهي ٿي سروس نه هجڻ ڪري اسان سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهيون ٻئي پاسي ڪيتري عرصي کان ٽيلينار موبائيل فون سروس به بند آهي جيڪا پڻ بجلي جي هجڻ تي ئي هلي ٿي ٽاور انتظاميا جي لاپرواهي نااهلي جي ڪري نه بيٽري سسٽم ۽ نه وري جنريٽر سسٽم ڪم ڪري ٿو اسان جا ڪيترائي ڪاروبار انٽرنيٽ سان جڙيل آهن اسان جا هزارين روپين جا ڪال انٽرنيٽ جا پيڪيج ضايع ٿي رهيا آهن هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جلد از جلد نوٽيس وٺي ٽاور ۾ جنريٽر سسٽم سميت بيٽرين تبديل ڪري سروس وارو مسئلو حل ڪيو وڃي ته جيئن اسان جون پريشانيون گهٽ ٿي سگهن ٻي صورت ۾ ڪمپنين جي ناجائزين خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 22 روزاني عبرت

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جيل ڀوڳيندڙ جوابدار کي عمرقيد ۽ 30 هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج الطاف حسين دايو جي عدالت ۾ 6 سال اڳ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ٻهرام ٿاڻي جي حد درگاهه حاڪم شاهه لنڪ روڊ تي ٿيل گشتي پوليس ۽ ڌوهاري وچ ۾ ٿيل مقابلي ۾ شهيد ٿيل ٻهرام ٿاڻي جي پوليس اهلڪار وزير علي مگسي جي ڪيس جي ٻڌائي ٿي جنهن جي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت جيل ڀوڳيندڙ جوابدار ديدار علي مگسي کي عمرقيد ۽ 30 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

سنڌ جي زراعت کي هٿ سان پوئتي ڪيو پيو وڃي جنهن سبب آبادگار واپارين ۽ بئنڪن جا قرضي ٿي ويا آهن هن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪيهه جو ريٽ گهٽ ۾ گهٽ 12000 في من ڪيو وڃي فيض گنج ، ميرواهه رسول آباد ، سڳيون،هنگورجا سميت ٻيل وارن علائقن تائين پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ڪلر بچ دوائن جا ريٽ گهٽايا وڃن ٻي صورت ۾ آبادگار ۽ هاري احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا

بقايا 24 روزاني عبرت

حيدرآباد اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو حيدرآباد ڀهراڙي جو گوهر مسرور يونائيٽيڊ انرجي پاڪستان لميٽيڊ ڪراچي جي مينيجر ايڊمنسٽريشن ۽ ايڪسٽرنل افيئرز او جي ڊي سي ايل حيدرآباد جي ريجنل ڪوآرڊينيٽر ۽ پاڪستان پيٽروليم ڪراچي جي نمائندي عمران نون ڊپٽي چيف ڪميونٽي آفيسر مينيجر موجود هئا _ اجلاس ۾ حيدرآباد ۾ سماجي ڀلائي ، ڪميونٽي ڊولپمينٽ ۽ عوامي ڀلائي وارن قدمن متعلق مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته سرڪاري کاتن ، بلدياتي ادارن ۽ ڪارپوريٽ سماجي ذميواري سان لاڳاپيل ادارن درميان موثر رابطي تي خصوصي توجهه ڏني وئي ـ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ۽ چيئرمين سوشل ويلفيئر ڪميٽي چيو ته فلاحي منصوبن جي موثر تڪميل لاءِ ادارن درميان ويجهي رابطي شفافيت ۽ بروقت اپاءَ اختيار ڪرڻ تمام ضروري آهن ته جيئن موجود وسيلن کي مستحق ۽ ضرورتمند طبقي جي ڀلائي لاءِ بهتر طريقي سان ڪتب آڻي سگهجن_ اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن پنهنجن ادارن طرفان تجويزون ۽ رايا پيش ڪيا ۽ سماجي ڀلائي وارن قدمن کي وڌيڪ ڪارآمد بڻائڻ ، باهمي تعاون لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ ڪميونٽي جي ضرورتن کي بهتر طريقي سان پورو ڪرڻ لاءِ مختلف معاملن تي غورويچار ڪيو ويو _ آخر ۾ سمورن لاڳاپيل ادارن درميان مسلسل رابطي کي برقرار رکڻ ۽ زير بحث مسئلن جي پيش رفت تي موثر پيروي کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي

بقايا 25 روزاني عبرت

نتيجي ۾ اڪبر پٽي فوت ٿي ويو جڏهن ته سڪندر علي، اسماعيل ۽ رشيد پٽي زخمي ٿي پيا فوتي جو مڙهه ۽ زخمين کي تعلقا اسپتال پٺورو منتقل ڪيو ويو جتان سخت زخمي ٿيڻ ڇٽن کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو واقعي جو ڪارڻ مال جي پيل ٻڌايو پيو وڃي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جڏهن ته پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

اعجاز احمد قمبراڻي جڏهن ته الر آباد ڪالوني جو رهواسي هريش ڪمار ميگهواڙ محمد علي شاخ وٽ موٽر سائيڪل اوچتو سلپ ٿيڻ سبب زخمي ٿي پيا حادثي جي نتيجي ۾ نور محمد قمبراڻي جي منهن تي سخت ڌڪ لڳا، جنهن کي فوري طور تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد سندس حالت ڇٽڻي جوڳي هجڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويوجڏهن ته زخمي اعجاز احمد قمبراڻي ۽ هريش ڪمار ميگهواڙ کي پڻ تعلقه اسپتال ڏگهڙي آندو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي وئي مليل ڄاڻ موجب حادثو موٽر سائيڪل اوچتو سلپ ٿيڻ سبب پيش آيو

بقايا 27 روزاني عبرت

ريلي ڪيڏي مک چوڪ پهچي ڌرڻو هنيو جنهن دوران آبپاشي کاتي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي فنڪشنل ليگ اڳواڻ اختر راڄپر مصطفيٰ بگهيو شاز خادم شر ۽ ٻين ڪئي جڏهن ته وڏي انگ ۾ آبادگار هاري ۽ علائقي جا رهواسي شريڪ ٿيا

بقايا 28 روزاني عبرت

عبدالمجيد پنهورگلزار علي منگي، عامر رسول عباسي، شعيب چنڊجميل جويو ۽ ٻين سان ملاقات دوران ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني ۽ سماجي برائين تي ضابطو آڻڻ لاءِ پوليس پاران نئين سر حڪمت عملي جوڙي پئي وڃي جنهن تحت ڏوهارين، منشيات فروشن ۽ ٻين سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪاروايون تيز ڪيون وينديون

بقايا 29 روزاني عبرت

سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين حڪومت، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته سالن کان گم ٿيل ٻارن ۽ نوجوانن جو سراغ لڳائي کين جلد کان جلد بازياب ڪرائي وارثن حوالي ڪيو وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

کان پيئڻ جي پاڻي جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن چار ورهين کان وڌيڪ عرصي کان هتان جا ماڻهو پاڻي لاءِ دربدر آهن خاص طور تي غريب عورتون روزانو 10 کان 15 ڪلوميٽر پري پاڻي آڻڻ تي مجبور آهن ڪڏهن گاڏين تي، ڪڏهن موٽر سائيڪلن تي ۽ ڪڏهن پنڌ ڪري اسان جو مطالبو بلڪل جائز ۽ بنيادي آهي: پيئڻ جو صاف پاڻي هر انسان جو بنيادي حق آهي. جو ته پاڻي زندگي آهي اسان لاڳاپيل چونڊيل نمائندن ضلعي انتظاميا ۽ آبپاشي کاتي کان مطالبو ڪريون ٿا ته علائقي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جو مستقل انتظام ڪيو وڃي جيڪڏهن صرف هڪ ٽيوب ويل هلائڻ سان ڪيترن ئي ڳوٺن کي پاڻي جي سهولت ملي سگهي ٿي ته ان لاءِ فوري قدم کنيا وڃن غريب عورتن ۽ ٻارن کي روزانو ڪيترن ئي ڪلوميٽرن کان پاڻي کڻڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي اسان کي خيرات نه پنهنجي بنيادي حق جو پاڻي گهرجي پاڻي ڏيو زندگي بچايو

بقايا 31 روزاني عبرت

طرف سائيٽ ايس ايڇ او سائيٽ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي زبردستي ٽرڪ ڊرائيور کان پئسو وصول ڪن ٿا، ڊي آئي جي حيدرآباد نوٽيس وٺي پئسو وٺندڙ مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 32 روزاني عبرت

شهر ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن گٽر ناليون ٻُڪجڻ ڪري روڊ رستن تي گٽرن جو گندو پاڻي بيٺل هجڻ ڪري شهري عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهن هنن چيو ته موجوده چيئرمين پاران شهر ۾ سالن کان ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو آهي جنهن ڪري شهر جون گهٽيون روڊ رستا تباهه ٿي ويا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر ملي ڀڳت ڪندي هر مهيني شهر جي ترقياتي ڪمن لاءِ ملندڙ رقم ڪوڙن ووچرن ذريعي ٽين وال ڪري رهيا آهن ليڪن ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر جي بنيادي مسئلن کي فوري طور حل ڪري ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين جي ڪيل ڪرپشن جي جاچ ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 33 روزاني عبرت

سان لاڳاپيل دستاويز ۽ زمين جا سروي نمبر سون انهن کي لاڳاپيل مختيارڪار تعلقو لکي روينيو ڊپارٽمينٽ جي سامهون پيش ڪيا آهن ته جيئن سڀني لاڳاپيل رڪارڊ جي غير جانبدارانه جاچ، مڪمل ماپ/حد بندي ۽ قانوني جاچ ڪري سگهجي مظاهري دوران عطاءُ الله چيو ته شوڪت علي پٽ عبدالغفور ميون عظمت علي پٽ عبدالغفور ميون شفقت علي پٽ رحمت علي ميون ۽ سرفراز احمد پٽ رحمت علي ميون

بقايا 34 روزاني عبرت

موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان چرس ڀنگ، نشي آور سوپاريون چوري ٿيل 2 موٽرسائيڪلون ۽ چوري ٿيل سونا زيور نقد رقم هٿ ڪري ورتي آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جو چوڻ آهي ته منشيات فروشن ۽ سماجي برائين خلاف ڪاروايون بنا فرق جاري رهنديون ضلعي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پوليس جون ڪاروايون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون هن پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايت ڪئي ته ڏوهارين خلاف قانون موجب سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 35 روزاني عبرت

سميت، رحمت پور پوليس پير مراد شاهه واري علائقي مان 4 جوابدارن علي مراد، ذوالفقار عادل ۽ بدرالدين کي شراب سميت، عاقل پوليس عاقل پل وٽان 4 جوابدارن جاويد، سلطان صدام ۽ لياقت کي شراب سميت، الهه آباد پوليس ڪوسا اسٽريٽ مان 4 جوابدارن آفتاب، ثناءالله، ياسر ۽ توفيق کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار سمورن جوابدارن مٿان اهڙي نوعيت جا ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

۽ ٽرانزٽ پوائنٽن جو دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن ۽ پوليو ويڪسينيشن جي عمل جو جائزو ورتو ان موقعي تي هنن شهيد فاضل چوڪ، تعلقه اسپتال شهيد فاضل راهو ۽ ڪڙيو ڳهنور شهر ۾ قائم مختلف ٽرانزٽ پوائنٽن جو دورو ڪيو آفيسرن پوليو ٽيمن جي موجودگي، ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جي عمل، ٽرانزٽ پوائنٽن تي سيڪيورٽي انتظامن ۽ پوليس اهلڪارن جي مقرري جو تفصيلي جائزو ورتو

بقايا 37 روزاني عبرت

الغني سهتو ٽنڊوباگو واٽر سپلاءِ جو معائنو ڪندي صفائي سٿرائي جي ناقص انتظامن ۽ شهرين کي فراهم ٿيندڙ پاڻي جي معيار تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هن واٽر سپلاءِ انچارج ۽ ٽائون آفيسر کي هدايت ڪئي ته شهرين کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 38 روزاني عبرت

ڪئي جڏهن ته ريلي جي اڳواڻي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ڊويزنل صدر دلمراد ڏاهاڻي، ضلعي صدر اڪرم باجڪاڻي جيوڻ سبزوئي، سرمد جاگيراڻي، نورخان سبزوئي، عزيز سنڌي، فضل سنڌي، نورحسن سبزوئي، مختيار سبزوئي قربان ملڪ خادم حسين ملڪ ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪارڪنن سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ تاريخي حيثيت تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي هنن چيو ته انتظامي يونٽن ۽ نون صوبن جي نالي تي سنڌ جي وحدت کي متاثر ڪرڻ واري ڪنهن به منصوبي کي سنڌ جا ماڻهو قبول نه ڪندا. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ پنهنجي تاريخ، ثقافت، وسيلن ۽ جاگرافيائي وحدت جي حوالي سان هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿي، جنهن جي تحفظ لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي پنهنجي سياسي ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکندي هنن ڪارڪنن تي زور ڏنو ته سنڌ جي حقن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ پرامن ۽ جمهوري جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪيو وڃي

بقايا 39 روزاني عبرت

شهريار سرور جاويد ۽ ٻين ماڻهن پاران معس لڳايل الزام بي بنياد ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهن هن دعويٰ ڪئي ته اصل معاملو سندس ذاتي گهر تي مبينا قبضي جي ڪوشش جو آهي جنهن خلاف مخالف ڌر جي ماڻهن خلاف اڳ ئي ايف آءِ آرون داخل ٿيل آهن جڏهن ته معاملو عدالت ۾ پڻ زير سماعت آهي هن ٻڌايو ته ڄاڻايل گهر گذريل لڳ ڀڳ 40 سالن کان سندس ملڪيت ۽ قبضي ۾ آهي جڏهن ته گهر جا پراڻا گئس بجلي ۽ پاڻي جا ميٽر ۽ بل پڻ موجود آهن جيڪي سندس چوڻ موجب ڊگهي عرصي کان رهائش ۽ ملڪيت جا ثبوت آهن فرزانه پٺاڻ الزام لڳائيندي چيو ته گذريل ڇهن مهينن دوران کيس ۽ سندس پٽ کي مبينا طور هراسان ڪرڻ سان گڏ تشدد جو نشانو پڻ بڻايو ويو جنهن بابت به ايف آءِ آرون داخل ٿيل آهن سندس چوڻ موجب ڪوٽڙي ٿاڻي تي پوليس اهلڪارن جي موجودگي ۾ مخالف ڌر پاران مبينا طور معافي نامو پڻ لکيو ويو هو پر ان باوجود ٻيهر پريس ڪانفرنس ڪري مختلف الزام لڳايا ويا. منشيات استعمال ڪرڻ بابت لڳايل الزامن تي فرزانه پٺاڻ مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي کيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 40 روزاني عبرت

سرور جتوئي ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته گذريل خميس واري ڏينهن حيدري ٿاڻي جي پوليس منهنجي پورهيت نوجوان پٽ سلمان جتوئي کي بيگناهه جمالي پوليس چوڪي وٽان گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ تي گم ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بابت پوليس اسان کي ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي جڏهن ته خدشو آهي ته پوليس پٽ کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ڇڏيندي هن چيو ته اهڙيون شڪايتون مان پنهنجي گهرواري سان گڏجي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي آفيسن ۾ الڳ الڳ لکت ۾ ڏنيون آهن پر ان باوجود ڪو به تدارڪ ناهي ڪيو ويو جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي حيدري ٿاڻي جي پوليس کان پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ پٽ کي آزاد ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار ويجهو ڊاٽسن ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، 13 زخمي

سلطان آباد پرسان ڊاٽسن ۽ چنگچي رڪشا ۾ زوردار ٽڪر ۾ صاحب شامي ۽ وڪيلا شامي فوت

حادثي سبب زخمي ۾ لال پري، روبينا، اقرا سميت 13 زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڊاٽسن چنگچي رڪشا کي پٺيان کان ٽڪر هنيو جنهن جي ڪري هي حادثو پيش آيو: وارث

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو سلطان آباد پرسان ڊاٽسن ۽ چنگچي رڪشا ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا 16 ورهين جي وڪيلا شامي ۽ 13 ورهين جو صاحب شامي فوت ٿي ويا جڏهن ته حادثي ۾ 13 ڄڻا زخمي پڻ ٿيا اطلاع تي سلطان آباد پوليس ۽ علائقي واسين جي مدد سان زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ لال

بقايا نمبر 1 ڊسو صفحو 5

ميرپوربٺورو جي مين بس اسٽاپ تي غيرقانوني حدخلين خلاف انتظاميا جو آپريشن

بٺوري جي مين بس اسٽاپ تي حدخلين خلاف آپريشن، غيرقانوني ڇاپرا پٽ

اي سي ۽ مختيارڪار جي اڳواڻي ۾ روڊ جي ٻنهي پاسن تان حدخليون ختم ڪيون ويون

حدن اندر ايندڙ دڪاندارن کي وڌايل حصا هٽائڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو جي مين بس اسٽاپ تي غيرقانوني حدخلين خلاف انتظاميا جو آپريشن ڇاپرا ۽ غيرقانوني حدخلين کي هٽايو ويو خبر موجب ميرپوربٺورو جي مين بس اسٽاپ تي روڊ جي ٻنهي طرفن کان ٿيل غيرقانوني حدخلين خلاف انتظاميا پاران ميرپور بٺورو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر راشد علي لوهاڃ ۽ مختيارڪار ذوالفقار علي ڪانڌڙو جي ٽائون ڪاميٽي ميرپوربٺورو جي چيئرمين جي اڳواڻي ۾ حدخلين خلاف آپريشن جاري مين بس اسٽاپ تي وڌايل دڪانن جا ڍڪا ڇپرا هٽايا ويا ميرپوربٺورو ۽ مختيارڪار جي

بقايا نمبر 2 ڊسو صفحو 5

گمبٽ :راڻد ڪندي نينگر فيض گنج واهه ۾ ڪري فوت

سکر جي اسپتال ۾ آپريشن دوران عورت فوت، وارثن پاران علاج ۾ غفلت جو الزام

انڊس اسپتال سکر ۾ پيٽ جي آپريشن دوران ڪنڊرا واسڻ سڪينا ڌيءَ عبدالنبي جاگيراڻي فوت ٿي وئي

ڊاڪٽر غزالا ياسمين جي نگراني ۾ آپريشن دوران عورت جي حالت اوچتو خراب ٿي وئي ۽ هوءَ فوت ٿي آهي: وارث

واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي غفلت يا لاپرواهي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) انڊس اسپتال سکر ۾ پيٽ جي آپريشن دوران ڪنڊرا واسڻ عورت سڪينا ڌيءَ عبدالنبي جاگيراڻي مبينا طور فوت ٿي وئي، جنهن بعد وارثن علاج ۾ مبينا غفلت جو الزام

بقايا نمبر 4 ڊسو صفحو 5

راڌيڊيرو لڳ ڳوٺ عليوناز سيال جي رهواسين جو روڊ جي ٺيڪيدار خلاف احتجاج

مظاهرين در محمد سيال،عبدالغفورسيال،راشد سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٽي سال اڳ ٺيڪيدار روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

راڌيڊيرو (ن ع) راڌيڊيرو پرسان ڪڇي جي ڳوٺ علي نواز سيال جي رهواسين پاران ٽن سالن کان روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ويل ٺيڪيدار خلاف احتجاجي مظاهرو رڪارڊ ڪرايو ويو. جنهن جي اڳواڻي در محمد سيال،عبد الغفورسيال،راشد سيال ۽ ٻين ڪئي ڳوٺاڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ جو روڊ ٽي سال اڳ منظور ٿيو هيو جيڪو تقريبن ٻه ڪل ميٽر ٺيڪيدار هڪ ڪلو ميٽر تي پٿر جي وڇائي باقي هڪ ڪلو ميٽر جي ڪچهه حصي ۾ مٽي وجهي اڌ ۾ روڊ جو ڪم ڇڏي هليو ويو آهي آسان ڳوٺاڻن کي اچڻ

بقايا نمبر 5 ڊسو صفحو 5

ڊي آءِ جي سکر خيرپور ضلعي جي مختلف پوليس پڪٽن تي مقرر 200 کان وڌيڪ اهلڪارن کي ڪلوز ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ضلعي ۾ مختلف پڪٽن تي مقرر ٿيل 200 کان وڌيڪ پوليس اهلڪارن کي ڊي آءِ جي سکر پوليس لائن خيرپور ڪلوز ڪري ڇڏيو ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ پاران خيرپور ضلعي ۾ قائم مختلف پوليس پڪٽن تي

بقايا نمبر 6 ڊسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪانفرنس، خليفي نبي بخش قاسم جي شاعري لطيفي روايت جو تسلسل قرار

پنجين يادگار ڪانفرنس ۾ مختلف اديبن ۽ دانشورن سندس شاعري جي فڪري ۽ فني پاسن تي روشني وڌي

خليفي جي شاعري ۾ جماليات، مزاحمت، وطن دوستي ۽ ڌرتي سان محبت جا رنگ نمايان آهن. مقررين

سندس رسالو ٻيهر ڇپائڻ ۽ شاعري تي يونيورسٽين ۾ وڌيڪ تحقيقي ڪم ڪرائڻ گهرجي، ڊاڪٽر فتح محمد مري

ڄامشورو (ڊ ر) ڳوٺ ٻولياڻي مشهور شاعر خليفي نبي بخش قاسم جي ياد ۾ "خليفو نبي بخش قاسم پنجين يادگار ڪانفرنس" سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پير حسام الدين راشدي

بقايا نمبر 7 ڊسو صفحو 5

ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ گڏجي هلڻ جي ضرورت آهي: اياز لطيف پليجو

سنڌ جو پاڻي، وحدت ۽ وسيلا خطري ۾ آهن، سنڌ دشمن سازش خلاف جدوجهد جاري رکنداسين

ڪراچي سنڌ جو روح آهي، سنڌ کي انتظامي نالي ۾ ورهائڻ جون ڪوششون قبول نه ڪنداسين

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو آهي ته رسول بخش پليجو سورهيه بادشاهه جي ايم سيد، شهيد بينظير ڀٽو شهيد عوام فاضل راهو شهيد بشير خان شهيد مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد خالد محمود سومرو جا سنڌ دوست چاهيندڙ اسانجا به ساٿي آهن. انهن سان گڏ هلندا ان سنڌ گهڻ طرفي يلغار جو شڪار آهي، ان لاءِ ٻڌي، ايڪي ۽ گڏجي هلڻ جي ضرورت آهي اياز لطيف پليجي چيو ته اسان کي انتشار نه پائيجاري، شفافيت جي ضرورت آهي سنڌ جو پاڻي وحدت، وسيلا

بقايا نمبر 10 ڊسو صفحو 5

سکر واسي جو گهرياڻين ۽ معصوم ٻارن سميت زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي رهواسي محرم ميربحر پنهنجي گهرياڻين ۽ معصوم ٻارن سميت زمين تي مبينا قبضي خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪندي الزام هنيو ته ڪجهه بااثر ماڻهو جن ۾

بقايا نمبر 11 ڊسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ لاهوتي امن ميلو، سنڌ سميت ٻين صوبن جي فنڪارن سُر وکيري ماڻهو جهومايا

"سنڌ هڪ آهي" جي سري هيٺ ميلي ۾ شفقت امانت علي، قرت العين بلوچ، فارس شفيع ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو

موسيقي ۽ فن مختلف ٻولين، ثقافتن ۽ علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي ويجهو آڻڻ جو مؤثر ذريعو آهن: اڳواڻ

ميلي ۾ وڏي انگ ۾ نوجوانن ۽ شهرين شرڪت ڪئي، ثقافتي اسٽالن تي ماڻهن جي رش لڳي وئي

لاڙڪاڻو(بيوروررپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ امن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي "سنڌ هڪ آهي" جي سري هيٺ لاهوتي امن ميلي ۾ محبت ۽ ثقافتي هم آهنگيءَ جو پيغام ڏنو ويو ثقافت کاتي جي سهڪار

بقايا نمبر 12 ڊسو صفحو 5

بدين: ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو اسڪول اسپتال واٽر سپلاءِ جو دورو ڪندي

لاڙڪاڻي ڳوٺاڻي پورهيت طرفان بااثرن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ دين محمد چانڊيو واسي پورهيت

بقايا نمبر 13 ڊسو صفحو 5

ڪوٽڙي: فلٽر ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت عورت بشرا باجوهه پريس ڪانفرنس ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ سيڪريٽري تعليم پاران اسڪولن جا دورا، تدريسي عمل جو جائزو

صوبائي سيڪريٽري زاهد علي عباسي مختلف ڪلاسن جي شاگردن کان سوال جواب پڇيا

استادن کي شاگردن جي علمي ۽ تخليقي صلاحيتن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سيڪريٽري تعليم زاهد علي عباسي لاڙڪاڻي پهچي شهر جي وڏي گورنمينٽ هائر سيڪنڊري پائلٽ اسڪول سميت مختلف اسڪولن جا دورا ڪيا، جتي هن تدريسي عمل، تعليمي معيار ۽ اسڪولن جي انتظامي صورتحال جو جائزو ورتو گورنمينٽ هائر سيڪنڊري پائلٽ اسڪول پهچڻ تي اسڪول جي پرنسپال امتياز علي جتوئي پاران سيڪريٽري تعليم زاهد علي عباسي جو شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي سيڪريٽري تعليم مختلف ڪلاسن جو دورو ڪري شاگردن کان تدريسي معاملن

بقايا نمبر 17 ڊسو صفحو 5

گمبٽ ۾ عوامي شڪايت تي ڊي ايڇ او هيلٿ ۽ ڊرگ انسپيڪٽر جا ڇاپا، اسٽور سيل

ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ عملي سان گڏ مختلف علائقن ۾ ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپا هنيا

ڪارروائي دوران هڪ ميڊيڪل اسٽور کي سيل ۽ ٻين کي سخت وارننگ جاري ڪئي وئي

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاٺوري)سوشل ميڊيا تي گمبٽ جي مختلف ميڊيڪل اسٽورن تي نشي آور شين ۽ نقلي ۽ غير معياري دوائن جي مبينا وڪري بابت شايع ٿيل خبر ۽ عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ ڊرگ انسپيڪٽر الطاف بوزدار سان گڏ گمبٽ شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم ميڊيڪل اسٽورن جو اوچتو

بقايا نمبر 18 ڊسو صفحو 5

بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي نوجوانن جي اميد ۽ عوام جو آواز آهي: نواب وسان

سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جي تعمير هڪ وڏو عوامي منصوبو آهي

ان شاءَ الله مستقبل ۾ بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جا وزيراعظم بڻجندو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگرهه جي پروقار تقريب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور جي صدر ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر نواب علي وسان جي صدارت هيٺ ڳول باغ خيرپور ۾ جوش، جذبي ۽ ولولي سان ملهائي وئي، جنهن ۾

بقايا نمبر 19 ڊسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ پي سي بي اسڪول ڪرڪيٽ ٽيلنٽ هنٽ پروگرام جو افتتاحي ميچ

سائيٽ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ ڊي سي ڄامشورو غضنفر قادري جي اڳواڻي ۾ افتتاحي تقريب ٿي

الحمد انگلش ميڊيم هائر سيڪنڊري اسڪول 40 اوورن واري ميچ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) پي سي بي اسڪول ڪرڪيٽ ٽيلنٽ هنٽ جو ڄامشورو کان آغاز پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي ٽيلنٽ هنٽ پروگرام اسڪول ڪرڪيٽ جو حيدرآباد ريجن ۾ ضلعي ڄامشورو کان آغاز ڪيو ويو سائيٽ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ڪوٽڙي ۾ ٿيل افتتاحي تقريب جو خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر قادري هو تقريب

بقايا نمبر 20 ڊسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: شهري بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ تي انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي

ٽالهي شهر ۾ يوفون ۽ ٽيلينار جي موبائل سروس متاثر رهواسي ڪال ۽ انٽرنيٽ کان محروم

ٽالهي (ن ع) ٽالهي شهر ۾ پي ٽي سي ايل جي هينڊ اور يوفون ۽ ٽيلينار پرائيويٽ موبائل فون سروس جون ناجائزيون جاري آهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ سروس غائب رهڻ لڳي سروس نه هجڻ ڪري رهواسي جديد دور ۾ به ڪال ۽ انٽرنيٽ سروس کان محروم بڻيل آهن انهي سلسلي ۾ رهواسين جو چوڻ هو ته دنيا پنج 5 جي کان پوءِ وڌيڪ ترقي ڪري اي آءِ جي جديد دور

بقايا نمبر 21 ڊسو صفحو 5

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ جي گورنر نهال هاشمي قائم مقام چيني قونصل جنرل فينگ ڊيهنگ، ۽ عماني قونصل جنرل سميع عبدالله سليم ال خنجري چيني قونصليٽ ۾ عوامي جمهوريه چين جي قيام جي 77 هين سالگرهه جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ شهيد پوليس اهلڪار جي قتل ڪيس ۾ جوابدار کي عمرقيد ۽ 30 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا

لاڙڪاڻو(بيوروررپورٽ) لاڙڪاڻي جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت پوليس مقابلي ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي ڪيس ۾

بقايا نمبر 22 ڊسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: پوليس ٽريننگ اسڪول گرائونڊ ۾ عالمي امن ڏينهن جي موقعي تي سنڌ حڪومت پاران منعقد ڪيل لاهوتي ميلي ۾ ڇوڪريون شريڪ آهن

گمبٽ لڳ رولو ڪتن اسڪول کان واپسي تي معصوم نياڻي کي ڏاڙهي زخمي ڪيو

ڳوٺ ڪريم بخش سونيو ۾ 7 ورهين جي رابيه سونيو کي وارث ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

وارثن ۽ ڳوٺاڻن پاران انتظاميا کان فوري طور ڪتا مار مهم شروع ڪرڻ جو مطالبو

گمبٽ (ٽ.ر) گمبٽ لڳ ڳوٺ ڪريم بخش سونيو ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو اسڪول کان واپسي تي معصوم نياڻي کي رولو ڪتن ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو اسڪول کان واپسي تي ست سالا نينگري رابيه سونيو تي رولو ڪتن جو حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو رولو ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب نينگري رابيه سونيو کي وارثن پاران علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو اهڙي واقعي خلاف نينگري رابيه سونيو جي وارثن ۽ ڳوٺاڻن پاران انتظاميا کان فوري طور ڪتا مار مهم شروع ڪرڻ جو مطالبو

پيروسڻ پرسان معصوم نينگر واهه ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ گلشير لاشاري ۾ 8 ورهين جو نينگر فيض گنج واهه ۾ پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويو

علائقي واسين ڪافي ڳولا بعد لاش هٿ ڪري گهر آندو ته پاٽين ۾ ڪهرام مچي ويو

گمبٽ (ٽ.ر) پير وسڻ پرسان ڳوٺ گلشير لاشاري ۾ گهر جي پرسان راند ڪندي نينگر پير ترڪڻ سبب فيض گنج واهه ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو پير وسڻ پرسان ڳوٺ گلشير لاشاري جو رهواسي 8 سالار نينگر راند ڪندي گهرجي ٻاهران فيض گنج واهه ۾ پير ترڪڻ سبب ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو علائقي واسين ڪافي ڳولا بعد لاش هٿ ڪري ورتو نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

ملاڪاتيار ويجهو مبينا اغوا ٿيل 22 ورهين جي ناري پاران زيادتي جو الزام، ڪيس داخل

خدا بخش، اشفاق ۽ ٻين گهر مان اغوا ڪري مبينا زيادتي بعد ڪمند فصل ڇڏي ويا:ناري

خدا بخش، اشفاق سومرو ۽ نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل، ناري جو طبي معائنو

ملاڪاتيار (ن ع) ملاڪاتيار ويجهو بلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي پور مان ٻه ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيل 22 ورهين جي ناري بصران ڌيءَ رتو ملاح پاران مبينا زيادتي جو الزام لڳايو ويو آهي ناري بلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي تي داخل ڪرايل فرياد ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته جوابدار رات جي وقت هٿيارن جي زور تي ڪيس گهر مان مبينا طور اغوا ڪري ويا، جتي ڪيس مبينا زيادتي جو نشانو بڻائڻ بعد ڳوٺ پرسان ڪمند جي فصل ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا، فرياد موجب ناري خدا بخش عرف خدو سومرو، اشفاق سومرو ۽ ٻين نامعلوم

بقايا نمبر 3 ڊسو صفحو 5

راڌيڊيرو: ڪڇي جي ڳوٺ عليوناز سيال جي رهواسين پاران روڊ جي ٺيڪيدار خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ لڳ اسڪارپ ڪاٽي جي سر نالي جا ڪير ٽٽڻ سبب پاڻي ڳوٺ ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو

ڳوٺ نارو ڊورو ۾ ڪيترائي گهر ۽ فصل پاڻي جي لپيٽ ۾ اچي ويا، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

گمبٽ (ٽ ر) خيرپور کان ايندڙ اسڪارپ ڪاٽي جي سر نالي جا ڪير ٽٽڻ سبب ڳوٺ نارو ڊورو جي هيٺاين وارن علائقن ۾ پاڻي ڪاهي پيو، ڪيترائي گهر ۽ فصل پاڻي جي لپيٽ ۾ اچي ويا ، ڳوٺاڻن موجب نالي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب سر نالي ۾ گند ڪچرو پريل هجڻ ڪري پاڻي رڪجي ويو آهي ، ڪير ٽٽي پوڻ سبب گذريل ڏينهن کان وٺي سر نالي جو پاڻي ڪاهي پيو آهي ، جنهن سبب گهرن توڙي فصلن ۾ پاڻي ڀيڙڻ سخت پريشان ٿي ويا آهيون ، هنن وڌيڪ تڪ جي چونڊيل نمائندن تعلقه ڪوٽڏيجي

بقايا نمبر 8 ڊسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ پاران مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري منعقد

پينشنرن، سرڪاري ملازمن ۽ نون مقرر استادن جون شڪايتون سنڌي ريت ٻڌيون ويون

ايجنٽن جي ڪردار جي حوصلا شڪني لاءِ هيلپ ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو اعلان

شفاف مالي نظام ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ قدم جاري رکڻ جو عزم

حيدرآباد (اسحاق رپورٽر) اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ميانداد راهوجو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس حيدرآباد ۾ کليل ڪچهري جي صدارت ڪندي پينشن پگهارن ۽ اڪائونٽس سان لاڳاپيل عوامي شڪايتون ٻڌيون ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي جائز مسئلا فوري طور حل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون کليل ڪچهري ۾ حيدرآباد ڊويزن جي مختلف ضلعن مان وڏي انگ ۾ پينشنرن، سرڪاري ملازمن نون مقرر ٿيل استادن ۽ شهرين شرڪت ڪئي ۽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ آڏو پنهنجا مسئلا سنڌي ريت پيش ڪيا. ان موقعي تي اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ چيو ته

بقايا نمبر 9 ڊسو صفحو 5

حيدرآباد: اڪائونٽنٽ جنرل ميان داد راهوجو کليل ڪچهري جي صدارت ڪري رهيو آهي

بدين ۾ عورتن لاءِ ووٽر آگاهي ورڪشاپ، چونڊ عمل ۾ ذميوارانه شرڪت جي اهميت اجاگر

سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس ۾ منعقد ورڪشاپ ۾ شاگردياڻين کي ووٽر رجسٽريشن بابت آگاهي ڏني وئي

چونڊ عمل ۾ عورتن جي بامعنيٰ شرڪت جمهوري شعور ۽ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ اهم آهي: ضلعي اليڪشن ڪمشنر

بدين (ڊ ر) ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس بدين پاران سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ عورتن لاءِ شهري ۽ ووٽر تعليم بابت آگاهي جي عنوان سان خصوصي ووٽر آگاهي پروگرام ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو ويو پروگرام ورڪشاپ جو مقصد عورتن ۾ شهري ۽ جمهوري شعور کي فروغ ڏيڻ، عورتن جي ووٽ جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪرڻ، ووٽر رجسٽريشن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ ۽ شرڪت ڪندڙن کي چونڊ عمل ۾ پنهنجي ووٽ جو حق ذميواري استعمال لاءِ ضروري معلومات فراهم ڪرڻ هو ان موقعي تي ضلعي اليڪشن ڪمشنر

بقايا نمبر 14 ڊسو صفحو 5

عمران ماڇي قتل ڪيس ۾ نامزد شهمير مري جو هالا پريس ڪلب آڏو احتجاج

مقتول جي قتل سان ڪو به تعلق ناهي، عمران کي سندس ننڍڙي ڀاءُ وسيم قتل ڪيو: شهمير مري

فريادي پاران بلاجواز ڪيس ۾ ڦاسائڻ جو الزام، جاني ۽ مالي نقصان جون ڌمڪيون ملڻ پيون

هالا (ت ر) ڪي مهينا اڳ هالا ويجهو سالارو جي ڪچي واري علائقي ۾ قتل ٿيل عمران ماڇيءَ جي قتل ڪيس ۾ الزام هيٺ آيل شهمير مريءَ پاران هالا پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو آهي ته مقتول عمران ولد دادو ماڇيءَ جي خون سان سندس ڪنهن به قسم جو تعلق نه آهي هن چيو ته عمران ماڇيءَ کي قتل ڪندڙ سندس ننڍو ڀاءُ وسيم نڪتو پوليس جي جاچ بعد جنهن خود ڏوهه جو اعتراف ڪيو هن ٻڌايو ته قتل ڪيس جي فريادي مقتول عمران جي چاچي ابراهيم ماڇيءَ پاران خون جي ڪيس ۾ بلاجواز منهنجو

بقايا نمبر 15 ڊسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي سرڪاري مدرسي اسڪول مان پکا ۽ تارون چوري، شاگردن جو احتجاج

نامعلوم جوابدار گورنمينٽ هاءِ اسڪول ديني مدرسي رات جو ڪلاسن ۾ داخل ٿي چوري ڪئي

اسڪول انتظاميا پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻيهر پکا ۽ تارون لڳائي جي بحالي بحال ڪئي

لاڙڪاڻو(بيوروررپورٽ) لاڙڪاڻي شهر اندر چوريون روز جو معمول بڻجي ويون جڏهن ته نامعلوم چور گورنمينٽ هاءِ اسڪول ديني مدرسي ۾ داخل ٿي پکا چوري ڪري فرار ٿي ويا. ان ڏس ۾ گذريل رات لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد گورنمينٽ هاءِ اسڪول ديني مدرسي ۾ مبينا طور نامعلوم چور داخل ٿي ڪلاسن اندر لڳل پکا چوري ڪري فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جو اطلاع اسڪول انتظاميه طرفان حد جي ٿاڻي تي ڏنو ويو جنهن تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان رابطو ڪرڻ

بقايا نمبر 16 ڊسو صفحو 5

گمبٽ: گمبٽ ڊي ايڇ او خيرپور جو گمبٽ ۾ ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپن سبب بند پيل شٽرن جو ڊيک

سنڌ جي هارين ۽ آبادگارن سان زيادتيون بند ڪيون وڃن: عبدالسميع پنهور

ٽيل وارن علائقن تائين پاڻيءَ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

ڦٽي جو اگهه 12000 مقرر ڪري ڪلر ٻج ۽ دوائن جا اگهه گهٽايا وڃن

گمبٽ (ٽ ر)سنڌ جي هارين ۽ آبادگارن سان زيادتيون بند ڪيون وڃن ٽيل وارن علائقن تائين پاڻيءَ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ڦٽي جو اگهه 12000 مقرر ڪيو وڃي ڪلر ٻج ۽دوائن جا اگهه گهٽايا وڃن اهڙو اظهار چيمبر آف ايگريڪلچر اينڊ فوڊ سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور هنگورجا ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو خيرپور جي صدر هن وڌيڪ چيو آهي ته سنڌ جي آبادگارن سان مسلسل زيادتيون ڪيون پيون وڃن هن مهنگائي واري دور ۾ جنس جا اگهه هٽ سان گهٽ ڪيا ويا وڃن پنهنجي هڪ بيان ۾

بقايا نمبر 23 ڊسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سماجي ڀلائي ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ بابت اجلاس

فلاحي منصوبن جي موثر تڪميل لاءِ شفافيت، ويجهو رابطو ۽ بروقت قدم کڻڻ ضروري آهن: ڊي سي

مستحق ۽ ضرورتمند طبقي جي ڀلائي لاءِ گڏيل سهڪار وڌائڻ ۽ زير بحث معاملن تي موثر پيروي جي هدايت

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ ۽ ڪميٽي جي چيئرمين سيد حسين طارق جي گڏيل صدارت هيٺ شهباز هال شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ هڪ اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ لاڳاپيل سرڪاري کاتن، بلدياتي ادارن ۽ وڏين توانائي ڪمپنين جي نمائندن شرڪت ڪئي _ ان موقعي تي ميمبر صوبائي اسيمبلي شرجيل انعام ميمڻ جي نمائندي، ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ٽنڊو فضل ۽ ٽنڊو ڄام جي نمائندن ٽائون ميونسپل ڪمشنر، ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ ڊويزن

بقايا نمبر 24 ڊسو صفحو 5

پٺورو پرسان پيٽي برادري ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، ٽي زخمي

ڳوٺ صديق پيٽي ۾ پيٽي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ اڪبر پيٽي مارجي ويو

گولين لڳڻ سبب سڪندر علي، اسماعيل ۽ رشيد پيٽي زخمي ٿي پيا، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال، پوليس پهچي جانچ شروع ڪري ڇڏي

پٺورو (ن ع) پٺورو پرسان ڳوٺ صديق پيٽي ۾ پيٽي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران مبينا فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو قتل جڏهن ته ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. فائرنگ جي

بقايا نمبر 25 ڊسو صفحو 5

پٺورو: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڏگهڙي ويجهو موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب ٽي نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي: موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب ٽي نوجوان زخمي هڪ حيدرآباد منتقل ڏگهڙي جي جيلاڻي محلي جا رهواسي ٻه نوجوان نور محمد قمبراڻي ۽

بقايا نمبر 26 ڊسو صفحو 5

گمبٽ :رولو ڪتن جي ڏاڙڻ سبب ستن سالن جي نينگري زخمي

ڪوٽڙي جي فيڪٽري ۾ ٻانهن ڪٽجڻ بعد پورهيت عورت فاقاڪشي جو شڪار

سائيٽ جي فلٽر ڪمپني ۾ ڪم دوران پيش آيل حادثي ۾ بشرا باجوه ٻانهن ڪٽجي وئي

عدالت جي فيصلي باوجود ڪمپني انتظاميا ڏهن سالن کان حق ادا نه ڪيا آهن: الزام

ڪوٽڙي (ن ع) سائيٽ ڪوٽڙي جي قائم فلٽر ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت عورت بشرا باجوه جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪندي ٻانهن ڪٽجي وئي جنهن فيڪٽري انتظاميا ڪيس ميڊيڪل ۾ بيا واجبات ادا نه ڪيا جنهن تي عورت مقامي عدالت سان رجوع ڪيو عدالت جي فيصلي کان پوءِ ب مذڪورا غريب عورت ڏهه سال کان در بدر آهي ۽ ڪمپني انتظاميا ڪيس پنهنجو حق ادا نه ٿي ڪري هن صحافين سان ڳالهه ٻولهه دوران اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته ڪيس سندس حق ڏياريو وڃي چوڻ هوءَ معذوري کان پوءِ فاقا ڪشي جو شڪار آهي ۽ سندس ٻچا ب پريشان آهن

فيض گنج ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف هزارين آبادگارن جي ريلي، مک چوڪ تي ڌرڻو

آبادگارن اختر راڄپر، مصطفيٰ ٻگهيو، شاهزاده خادم شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي آبپاشي عملدارن خلاف نعريبازي ڪئي

پاڻي جي کوٽ سبب وقت سر ڪڻڪ، سرنهن ۽ ٻين فصلن جي پوکائي به نه ڪري سگهيا آهيون: مظاهرين

فيض گنج واهه، علي نواز واهه، ويهون ۽ پنڌرهون واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي نه آيو ته احتجاجي تحريڪ هلائينداسين

فيض گنج (رپورٽ شاهد جاويد) فيض گنج ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف هزارين آبادگارن جي ريلي، مک چوڪ تي ڌرڻو پاڻي ڏيڻ جو مطالبو فيض گنج فيض گنج تعلقي جي چئن واهن فيض گنج واهه علي نواز واهه ويهون پنڌرهون واهه ۾ زرعي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف هزارين آبادگار روڊن تي نڪري آيا آبادگارن مهراڻ هاءِ وي کان وڏي احتجاجي

بقايا نمبر 27 ڊسو صفحو 5

خيرپور ۾ بدامني تي ضابطو لاءِ نئين سر حڪمت عملي جوڙي پئي وڃي: ڊي آءِ جي سکر

ڌاڙيلن، منشيات فروشن ۽ ٻين سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون وينديون

پوليس ۽ عوام ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي امن امان جي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

خيرپور(ڊ ر) ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ گذريل ٻن ڏينهن کان ايس ايس پي آفيس خيرپور ۾ ڪئمپ قائم ڪري عوام جون شڪايتون ٻڌي رهيو آهي ان موقعي تي هن مختلف علائقن سان آيل شهرين جون شڪايتون غور سان ٻڌي، پوليس آفيسرن کي عوامي مسئلا فوري طور حل ڪرڻ ۽ قانوني ڪارروائي کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ صحافين جي وفد پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست اعليٰ ريجنل يونين آف جرنلسٽ اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان سکر ڊويزن جي صدر

بقايا نمبر 28 ڊسو صفحو 5

سکر ۾ 2015ع کان گم ٿيل اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) 2015ع کان گم ٿيل اصغر منگريو جي والد زاهد حسين منگريو سندس پٽ محمد علي منگريو گم ٿيل نوجوان عامر انصاري جي ڀيڻ مسمات ارم انصاري ۽ ٻين متاثر خاندانن پاران پنهنجن پيارن جي فوري ۽ محفوظ بازيابيءَ لاءِ

بقايا نمبر 29 ڊسو صفحو 5

ڪوهستان جا ڪيترائي ڳوٺ ڇهن سالن کان پيئڻ جي پاڻي کان محروم، رهواسي پاڻي ڦڙي لاءِ دربدر

پال، سالار خان، خدا بخش ۽ پسو ارباب عاقلاڻي سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پاڻي نه هجڻ سبب رهواسي اڄ مرڻ لڳا

غريب عورتون ۽ ٻارڙا 10 کان 15 ڪلوميٽر پري کان پنڌ، موٽر سائيڪلن ۽ گاڏين ذريعي

علائقي ۾ هڪ ٽيوب ويل لڳڻ سان ڪيترن ئي ڳوٺن جي پاڻي جي ضرورت پوري ٿي سگهي ٿي: ڳوٺاڻا

ٿاڻو بولاخان (رپورٽ: شوڪت خاصخيلي) ڪوهستان جي علائقي پال جي ڳوٺ سالارخان، ڳوٺ خدا بخش، ڳوٺ پسو ارباب عاقلاڻي سميت آس پاس جي ڳوٺن جا غريب ماڻهو گذريل ڪيترن ئي ورهين

بقايا نمبر 30 ڊسو صفحو 5

ٿاڻوبولاخان: ڳوٺاڻا پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پوليس پاران بجري جي ٽرڪ ڊرائيورن کان مبينا ڀتو وٺڻ خلاف احتجاج

پوليس پاران پرائيويٽ ماڻهو بيهاري في ٽرڪ 200 رپيا ڀتو طلب ڪيو وڃي ٿو: ٽرانسپورٽرن جو الزام

ڊي آءِ جي حيدرآباد نوٽيس وٺي ڀتو وٺندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪري: مظاهرو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي پرسان سائيٽ سي آءِ اي سينٽر ويجهو ريتي ۽ بجري جي دڪن تان گذرندڙ ٽرڪ ڊرائيورن کان سائيٽ پوليس پاران مبينا ڀتو طلب ڪرڻ خلاف ٽرڪ ڊرائيورن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعري بازي ڪئي ان موقعي تي ٽرڪ ڊرائيورن ٽرانسپورٽ اڳواڻ شير دل پٺاڻ حاجي فيض محمد، سفرچند عبدالغفار خاصخيلي، ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سائيٽ پوليس گذريل مهيني کان پرائيويٽ ماڻهو بيهاري ڏنڊن جي زور في ٽرڪ کان 2 سو روپيا ڀتو طلب ڪن ٿا، هڪ طرف پيٽرول مهانگو ٿي

بقايا نمبر 31 ڊسو صفحو 5

سکر ۾ شڪارپور واسي جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) عطاء الله پٽ دين محمد، ڳوٺ پرڪڻ تعلقو لکي ضلعو شڪارپور جي رهواسي احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڳوٺ پرڪڻ لکي ۾ سروي نمبر 632 جنهن ۾ لڳ ڀڳ 65 ايڪڙ زمين شامل آهي هن دعويٰ ڪئي ته ٻين ماڻهن جا نالا جعلسازي ۽ غلط داخلائن ذريعي ڇاڻايل زمين جي روينيو رڪارڊ ۽ فارم-بي ۾ شامل ڪيا ويا آهن هن معاملي

بقايا نمبر 33 ڊسو صفحو 5

ٻلوري ۾ صفائي ۽ بنيادي مسئلن خلاف شهرين جو احتجاج

وارڊ هڪ جي رهواسين پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

گٽرن جو گندو پاڻي روڊن تي بيٺل، گهٽيون ۽ رستا تباهه حال لڳا پيا آهن:مظاهرين

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو جي شهرين جو صفائي نه ٿيڻ سميت بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهر جي وارڊ نمبر هڪ جي رهواسين پاران علي بندر محلا کان دانش لطيف شورو راجا شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ٽائون انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙ شهرين ٻڌايو ته ماهوار ڏيڍ ڪروڙ رپين جي لڳ ڀڳ شهر جي بجيٽ باوجود نااهل ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين پاران صفائي به نٿي ڪرائي وڃي هنن چيو ته شهر جي وارڊ نمبر هڪ سميت سڄي

بقايا نمبر 32 ڊسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف ڪارروائين ۾ 6 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جي هدايتن تي خيرپور جي مختلف ٿاڻن اي سيڪشن اڪنامڪ زون پريالو، شاهه لطيف، ڪوٽڏيجي ۽ احمدپور ٿاڻن جي پوليس جون ڪارروائي ڪري 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن ۾ غلام سرور قريشي نسيم شيخ مولا بخش جمالي ارسلان لاشاري عمير فاروقي ۽ ٻيا شامل آهن پوليس

بقايا نمبر 34 ڊسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ٽرڪ ڊرائيور احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون، 24 جوابدار گرفتار، شراب هٿ

حيدري، شهيد الاهي بخش سيال، رحمت پور، عاقل ۽ الهه آباد پوليس گرفتاريون ڪيون

گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ۽ شراب رکڻ جا ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون ڪندي 24 جوابدارن کي گرفتار ڪري شراب هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ حيدري پوليس لهر ڪالوني مان 7 جوابدارن سجاد، آزاد، رحمت الله ۽ وسيم ۽ ٻين کي شراب سميت، شهيد الاهي بخش سيال پوليس ساهي پٽا لاڙي وٽان 5 جوابدارن بهادر عرفان سعيد ۽ اختيار کي شراب

بقايا نمبر 35 ڊسو صفحو 5

سکر: عطا الله فراڊ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

منشيات ۽ نوجوان جي گمشدگي بابت الزام بي بنياد آهن مخالف گهر تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: فرزانه پٺاڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ڪوٽڙي جي سجل سرمست ڪالوني جي رهواسڻ فرزانه پٺاڻ مخالف ڌر پاران مٿس منشيات استعمال ڪرڻ ۽ غلام رسول نالي نوجوان کي پوليس ذريعي مبينا طور گم ڪرائڻ بابت لڳايل الزامن کي رد ڪندي سنڌ پريس ڪلب ڄامشورو ايٽ ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي فرزانه پٺاڻ جو چوڻ هو ته عارب لغاري، سندس پٽ عطا محمد،

بقايا نمبر 39 ڊسو صفحو 5

بدين ۾ ايس ايس پي ۽ ڊي سي جا مختلف فڪسڊ ۽ ٽرانزٽ پوائنٽن جا دورا

گولاڙچي ۽ ڪڙيو گهنور ۾ پوليو ٽيمن جي موجودگي ۽ ٻارن کي ڦڙا پيارڻ واري عمل جو جائزو

شهيد فاضل چوڪ ۽ تعلقه اسپتال سميت مختلف ٽرانزٽ پوائنٽن تي سيڪيورٽي انتظامن جو معائنو

بدين (ڊ ر) پوليو کان بچاءَ واري مهم جي ٻئي ڏينهن ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي سان گڏ گولاڙچي ۽ ڪڙيو گهنور ۾ مختلف فڪسڊ ۽ ٽرانزٽ پوائنٽن جو دورو ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي سان گڏ پوليو کان بچاءَ واري مهم جي ٻئي ڏينهن گولاڙچي ۽ ڪڙيو گهنور ۾ مختلف فڪسڊ

بقايا نمبر 36 ڊسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر جو دورو

واٽر سپلاءِ ۾ ناقص صفائي ۽ غير معياري پاڻي تي سخت ڪاوڙ

سول اسپتال ۾ صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جا انتظام بهتر ڪرڻ، طبي فضلي کي ايس او پيز تحت تلف ڪرڻ جو حڪم

بدين (ڊ ر) عوامي شڪايتن ۽ بنيادي سهولتن جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر بدين ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو ٽنڊوباگو پهچي واٽر سپلاءِ سول اسپتال قبرستان ۽ مختلف اسڪولن جو تفصيلي دورو ڪيو ريجنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نسيم

بقايا نمبر 37 ڊسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ نون انتظامي يونٽن ۽ صوبن خلاف ايس ٽي پي جي ريلي

"سنڌ منهنجي امان" جي عنوان سان نڪتل ريلي ۾ سوين ڪارڪنن جي شرڪت

سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت متاثر ڪندڙ ڪنهن به منصوبي کي قبول نه ڪنداسين: اڳواڻ

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقه ڪنڊڪوٽ پاران ملڪ ۾ انتظامي يونٽن ۽ نون صوبن جي قيام خلاف "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان سان شاندار ريلي ڪڍي وئي جيڪا ايس ٽي پي هائوس کان شروع ٿي پريس ڪلب تائين پهتي ريلي ۾ سوين ڪارڪنن شرڪت

بقايا نمبر 38 ڊسو صفحو 5

سکر: محرم ميربحر زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد: سڪي شاهه روڊ تي گڏ ٿيل سيوريج جي پاڻي جو ڊيک

لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور پوليس هٿان ڪنهي گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ ڳوٺاڻن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي لڳ ڳوٺ تاج جتوئي جي رهواسين طرفان مبينا طور حيدري پوليس هٿان ڪنهي گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن پورهيت احمد حسين جتوئي پنهنجي گهرواري ارباب خاتون ڀيڻ رضيه، نهرن صفيه سوٽيه پٽن فدا حسين غلام

بقايا نمبر 40 ڊسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.